حويليءَ جا راز

مانڪ

حويليءَ جا راز

[ڪهاڻيون]

مانڪ

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1995ع

Roshni Book No.

"حويليءَ جا راز"

ليکڪ: مائڪ

ٻيو ايڊيشن فيبروري 1995ع

لي آئوٽ: مسعود علي ٻٽي- الفتح ليزر ڪمپوزنگ سسٽم سول لائين ٽنڊو جهانيان حيدرآباد.

ڇپيندڙ: القادر پرنٽنگ پريس رنچوڙ لائين، ڪراچي.

ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ضلعو نوشهرو فيروز سنڌ.

ٽائيٽل ڊزائين

عبدالرسول عباسي

HAVELIA JA RAAZ

(Short Stories)

by: Manik

Composed by Al-Fateh Laser Composing System. Civil Line Tando Jehania Hyd.

Printed by Al-Qadir Printing Press, Karachi

Published by Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.

First Edition (in Sindh) Feb: 1995.

سٽاءُ

اکهاڙو سچ	مشتاق شورو	5
آس / نراس	مائڪ	7

[حويليءَ جا راز]

١- حويليءَ جا راز	13
٢- ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري	26
٣- حقيقت ۽ دوکو	42
٤- هڪ ڪهاڻي- سواءِ سري جي	64
٥- پلاند	78
٦- ڪاري	84
٧- پهرين انام ڪهاڻي	91
٨- ٻي انام ڪهاڻي	104
٩- ٽي انام ڪهاڻي	115
١٠- بيٽل ڦيرو	118
١١- وقتائتو موت	127
١٢- ڪلارڪ جي پهرين تاريخ	131
١٣- اتساهہ جو موت	136
١٤- مثل زندگي	140
١٥- نوٽبڪ / ڊائري منجهان	149
١٦- انسان بوءِ- انسان بوءِ	152
١٧- روبوٽ	155
١٧- گيس چيمبر	157

□ اڳهاڙو سچ

ماڻڪ: بيرحم، ظالم ۽ قاتل ليکڪ. سنڌي ليکڪن جي ڏکي قطار کان هٽيل، ڪٽيل ۽ الڳ. جنهن کي سنڌي ادب جا تارا ٺيڪيدار ليکڪ مڃڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ پڙهندڙ هن کي شوق سان پڙهڻ کانپوءِ گاريون ڏيندا آهن.

ڏسڻ ۾ بنهه سادو، ابوجهه. پر اصل ۾ ميسوٽو. اڳ ۾ گرم بحث ڪندڙ، هاڻي گهڻو ڪري خاموش رهندڙ، من ۾ خطرناڪ ڳالهيون سوچيندڙ ۽ رڳو سوچيندڙ نه. جيڪڏهن هو آهي خطرناڪ ڳالهيون من ئي من ۾ سوچيندو رهي ته اسين سڀ ڏک ۾ رهون ها. اسين سڀ الائجي ڇا ڇا سوچيندا آهيون، الائجي ڇا ڇا ڏهاڙي ڏسندا رهندا آهيون — گنديون، ڪنديون، واهيات ڳالهيون. پر پاڻ ئي انهن تي لڄي ٿيندا آهيون، پنهنجو پاڻ کي ڇينڀيندا آهيون ۽ مڃڻ کان انڪار ڪندا آهيون ته اسان جي چوطرف اهو گند به آهي.

اسان وٽ ڪلاسيڪي چوڻي آهي ته گند کي ڦلهوربو ته ڌپ ڪندو. هن نئين دور ۾ اسين سچ کي لڪائڻ جي خلاف آهيون، اسين سڀ حقيقت پسند آهيون، پر ان سان گڏ مهذب پڻ آهيون. اسين سچ کي، حقيقت کي ڪپڙا پهرائي پيش ڪندا آهيون.

۽ ماڻڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوهه آهي ئي اهو ته هو اڳهاڙو سچ ٿو پيش ڪري— هن حقيقت تان ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن. آئون ڄاڻان ٿو ته اسان مان گهڻا ان ڳالهه کي قبول نه ڪندا. ها، جي چاهين ته ماڻڪ کي دل کولي گاريون ڏئي سگهن ٿا، پر اهو خيال رکن ته وڏي وات گاريون ڏيندي گهڻون وهائيندي، رڙيون ڪندي، ڪٿي ڇريا نه ٿي پون ۽ ڪپڙا لاهي رستن تي ڊوڙڻ نه لڳن. نه، اسين مهذب ماڻهو آهيون. اسين رڳو منهن

ٻيڙو ڪنداسين ۽ مانڪ کي آهستي آهستي نصيحت سان ڀرتي ڪڇيون ڪاريون ڏني ڇڏينداسين. تهذيب ۽ رک رکاءُ، مصلحت پسندي ۽ پوري منافقت ان ۾ آهن.

۽ انهن ئي ڳالهين کي نون ڪهاڻيڪارن ڦٽي ڪري ڇڏيو آهي، ٿڌي ڇڏيو آهي. روايتن جو ليکڪ لکي ويندڙ اگهاڙو سچ پيش ڪندڙ نوجوان نسل جا ليکڪ جن ڪڏهن پيغمبر هئڻ جي، سونهين هئڻ جي دعويٰ نه ڪئي آهي. هو پنهنجي ذهن جو، پنهنجي وجود جو بار لکڻ وسيلي لاهڻ چاهين ٿا ۽ اهو رڳو هنن جو بار ڪونهي، سڄي نئين نسل جو بار آهي، نئين حالتن جو بار آهي. مانڪ ان بار لاهڻ جي، اسان سڀني کي آجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

شوڪت حسين شورو

[مانڪ جي ڪتاب "رڃ ۽ ٻرانڌا" ۾ اڳ ڇپيل]

اونده انڌڪار، جيون وڌيل، ڪيڻ ڏوهه ٿيل. سنڌ: هڪ تاريخي سچائي. سنڌ تنهنجو ناءُ ورتم، جڻ ڪاريهر تي پير پيم- (اياز). معجل سچائين/ حقيقتن کان انڪار، هٿي ڀاسي سچي ڌرتيءَ تي وارڙيل انسان ڪيس ڇيمبر ۾ بند. وڏا واڪا، تن ۾ هڪ ٻي پڙاڏو. جو اسين ڇئون ٿا/ ڀاڪاريون ٿا، سو سا ٻيان آهي! ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه هن ڏس ۾ ......

جنهن دور مان اسين گذري رهيا آهيون، جڏهن تاريخ جي ڦيٿن کي، تاريخ جي قاعدن ۽ انسان جي تخليقي سوچ بدران آرهه زورائيءَ سان پوئتي ڌڪيو پيو وڃي. انهن حالتن ۾ قومي ادب وسيلي اظهار وڏي اهميت ته رکي ٿو: پر جيڪڏهن وڌاءَ کان ڪم نه وٺون ته: جنهن حالتن مان اسان گذري رهيا آهيون، تن ۾ ادب، ٺلهو ادب پيدا ڪرڻ ئي سڀ ڪجهه نه آهي، پر هڪ ساهه پساهه کڻندڙ، سرت رکندڙ ۽ ساڃهه پرڀو ذهن رکندڙ جي حيثيت سان اسان تي ٻيون به گهڻيون ذميواريون پون ٿيون. اهي ذميواريون جيڪي ڪنهن وارڙيل ۽ خاص طور نسل ڪشيءَ جي شڪار ٿيل ساڃهه وارن انسانن تي ٻڌل قوم تي پون ٿيون، هن ڏس ۾ ادب جي اهميت ۽ ان جي ڪردار کان انڪار ڪرڻ ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ ته تاريخ ۾ ايهڙين حالتن هيٺ، جن مان اسين گذرون پيا، ادب نهايت نمايان ۽ ڀرپور ڀاڱو ورتو آهي. ۽ نه رڳو پاڻ- سڄاڳي يا ساڃهه، جيڪا پنهنجي ذي ڪل ۾ بند ٿيل هجي، ڪو نتيجو ڪڍي ٿي، جيستائين انکي، ڦرندڙ ۽ تاريخي گهرجن پٺاندڙ عملي روپ نه ٿو ڏجي. ادب يا اديب به هن کان آجو ڪونه آهي، ڀلا ٻيو ڪجهه به نه ٺلهو ذڪر نه ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته: اديب/ قوم جي ذميدار ڪردارن مان هڪ آهي.

ڪنهن به قوم جي وجود جي ناتي سان ڪُڏ، تخليقي ادب کان انڪار ڪرڻ- ته سچائيءَ کان مُنهن موڙڻ آهي، پر اکيون بند ڪرڻ پڻ. جو ڪجهه وس ۾ آهي، ۽ قاعدن قانونن جي زنجيرن ۾ قائل، پراتساهه سان ڀريل، ۽ جهڙي جاڳندي احساس سان ٽِٻ ٽار ٿيل. جيڪڏهن اها ڳالهه ڪليل لفظن ۾ چئجي ته: قومي ڏوهه جي احساس- ڦاس تي ٽنگيل نوجوان، پنهنجي ذاتي، قومي ۽ مانَ واري جياپي لاءِ اوسر ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ، ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا. ادب جي تخليق انهن روين مان هڪ آهي. جنڪ ڪهاڻي ڪاري ڪڪريءَ ۾ قائل، سج مان نڪتل هڪ ترورو. جهڙي جاڳندي، پر وڪڙ ۾ آيل، قائل، پساهه جي هڪ انساني ناتي، سماجي طور قومي وجود رکندڙ ساڃهه ۽ حساس، انسان جي پنهنجي سڃاڻپ ۽ قومي آئڊنٽي جي بقا لاءِ، پاڻ کي جهڙو رکڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ، اوسر لاءِ، آڪاش سان پاڻ ملائڻ لاءِ ۽ دنيا جي قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائڻ لاءِ.

پر اسان لاءِ بنيادي سوال آهي. سڀ کان پهريون پنهنجو جياپو، قومي سڃاڻپ سان. هن وقت جن حالتن مان اسين گذرون پيا، انهن پٽاندڙ جيڪڏهن اسين لکو ۽ لکو رڳو ادب تي ڀاڙينداسين (ادب جي اهميت کان انڪاري نه ٿيندي) ته اها تاريخ سان ۽ پنهنجي وجود سان ويساهه گهاتي، دغا ۽ پاڻ ٺڳڻ جي برابر ٿيندو. هن ماٺري ۾ هيءَ حقيقت ڪنهن به حالت ۾ اسان کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اسين نه روسي آهيون، نه ويٽنامي، نه ڪيوبائي ۽ نه ئي وري آفريڪي. بنيادي تبديلين جي ڏس ۾ ٻين جي تجربن مان سکي ۽ پرائي ته سگهجي ٿو، جو اهي تجربا، پوءِ سماجي تبديلين جا هجن يا سائنسي اوسر جا، ڪنهن خاص ملڪ جي، قوم جي ميراث نه هوندا آهن، پر پوري انسان ذات جي ملڪيت هوندا آهن. ان مان اهو مطلب نه وٺڻ گهرجي ته: اسان جيئڻ جو تيئن انهن جي ڪاپي ڪيون.

قومي بقا ۽ اوسر جي بنيادي تبديلين ۾ تخليقي سوچ ته بنيادي عنصر آهي، پر تاريخ مان پرائيندي، قوم جي نفسيات، مزاج، حالتن، ڦيرن ڦارين ۽ ويڙهن جي انگلن، چالن کي به آڏو رکڻو پوي ٿو، ۽ ان کان پوءِ ئي پنهنجي سرجڻ، بقا ۽ اوسر لاءِ پتوڙڻ جي حڪمت عملي ۽ ٽلن ۽ انگلن جي جوڙجڪ ڪرڻي پوي ٿي، وقت ۽ موقعي مطابق ڦيرڦار ٿي پوي ٿي. اڳواٽ گهڙيل ۽ ٺاهيل نظرين (Degmes) جي پوئواري، انڌي جي لٺ آهي، جيڪا گهڻو ڪري پنهنجن کي ئي ٽڙي لڳندي آهي. هن ڏس ۾ گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو پر......

ادب ۽ حياتيءَ جڻ ڪو هڪ ٻئي لاءِ ئي جنم ورتو آهي. جتي ادب زندگيءَ مان تخليق ٿئي ٿو. اتي، ادب به زندگيءَ کي تخليق ڪري ٿو. اسان وٽ اڄ ڪلهه جيڪو ڪجهه ماڻي ماحول جي باوجود ادب/شاعري سرجي ٿي پئي، ان ۾ وقت جي اولڙي سان گڏ، خاص طور فارم ۾ ڪيترائي سٺا ۽ ڪامياب تجربا ڪيا ويا آهن. ادبي لحاظ کان اسان جي آڏو انهن جي اهميت آهي، جو اسين پنهنجي فني اظهار جا ڪيترائي روپ پڌرا پيا ڪيون. البت هن ڏس ۾ لاڙي جي خيال کان، ڪيترن ئي ادبي-فني اختلافي مسئلن منهن ڪڍيو آهي، مثال طور ڀاڄوڪڙائپ (Escepiam) فراريت، نراسائي، رجعت پسندي، ابهام، تجريت، ذهني مونجهارا وغيره. آن کي ليکڪن ۾ پيدا ٿيل نراسائي چئي سگهجي ٿو، پر ٻئي سري سان ڏٺو وڃي ته تاريخ جي سچائيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته جنهن، دور مان اسين گذري رهيا آهيون، ان ۾ هڪ بيوس ماڻهو حياتيءَ کان بيجان ڪري سگهي ٿو. البت جيتري قدر نراسائي يا بي مقصديت جو لاڳاپو آهي، سا هڪ عام فضا آهي. ڪارڻ پڌرا آهن. سڀڪو ڄاڻي ٿو. اڄ جي ليکڪن جو ڏوهه اهو آهي ته اهي، تاريخ سان سچار آهن، جڏهن ان جو اهڙو اظهار ڪن ٿا. جيڪو اظهار، اسان جي هاڻوڪي تاريخ جو ڀاڱو آهي. هن حقيقت کان

انڪار ڪرڻ اڪيون پورڻ برابر ٿيندو ته: سماجي/قومي کوٽائي ۾ جيڪڏهن مثبت سگهه (Positive fotcc) سگهاري نه آهي ته ذات جو بحران، هڪ منطقي نتيجو ٿئي ٿو.

اها نراسائيءَ جي فضا هوندي به اُئين ڇونڻ ڪونه جڳائي ڇاڪاڻ ته اديب جو ذهني معيار عام ماڻهوءَ جي، ذهني معيار ڪان پختو هوندو آهي. (جيئن ته اديب سماڄي ٺي ماحول ۾ رهندي به عام ماڻهوءَ کان شعوري طرح اڳيرو هوندو آهي) پر سماج ۾ لاشعوري ڪيفيت مان سرجيل نراسائيءَ جي رنجهه-ڪنجهه پوکيندي، ليکڪ کي کهرجي ته پنهنجي لکڻين ۾ اتساه جاڳائيندڙ آئيڊيل ڪردار تخليق ڪري. جيئن "نراسائي اميد جو وڳو پهري."

مايوسي ليکڪ جي ذهن تي ڪڏهن، ڪڏهن ته کهڙيءَ ڪن لاءِ ايندي به آهي. جيئن شاهه جي من تي- "ڪڏهن، ڪڏهن عينڙا وئين نٿو مور."

پس نراسائي ۽ مايوسي ليکڪ جي من تي ڏرتو ماري ويهي نه رهي. آها مايوسي به سونهين جيڪا اميد جي آسري ۾ هوندي آهي. منهنجي ليکڪ لاءِ ذنل هنن نفظ تائين راءِ منهنجي نظر ۾ اڄ بجي سچار ليکڪ لاءِ آهي.

ڪن ڪان رڳو انڪساريءَ سان اهو سوال آهي ته: انقلاب جي بنيادي گهرجن پٽاندڙ، پين لفظن ۾ (Objective and Subjective) حالتن ڇا ڪيو آهي. ماڻهن سان لاڳاپي جا ڪيترائي روپ آهن، گهرجن پٽاندڙ انهن منجهان اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي!؟ هاڻي فرض ڪيون ته رڳو ليکڪ جو ماسرو آهي ته: ٺلهو الزام هڻندڙن، هٿ ٺوڪين بزرگن ۽ پنهنجي تعريبي جون ٻاڙون هڻندڙ ليکڪن ڪهڙيون مثبت ۽ تعميري وکون کنيون آهن، پڌي يا تنظيمي ڏس ۾ مڙني کي هڪ هنڌ ڳڏ ڪرڻ لاءِ؟ هي ڪنهن جو فردي سوال ناهي، پر تاريخ جو سوال آهي.

نواب شاهه ۸۱-۱۲-۹ مالڪ

□□حويليءَ جا راز [ڪهاڻيون]

□ ماڪ

حويليءَ جا راز

منجهند جي مهل هئي، آءٌ حڪيم خيرمحمد جي حيدري شفاخاني دانهن وڃي رهيو هوس. پري کان ئي ڏٺم ته حڪيم صاحب پراڻي ڪاٺ جي صندل تي پلٿي ماريو، کرل ۾ ڪنهن دوا جو سفوف ڪري رهيو هو. معمول پٽاندر سندس مٿيون چپ ڏندن ۾ اندر پڪوڙيل ۽ هيٺيون چپ ٻاهر ڊولو ٿي نڪتل هو. مون کي پري کان ئي ڏسي، کرل کي پري ريڙهي هٿ گوڏ سان آکهيائين. جڏهن حيدري شفاخاني جي چائنٽ آڪري، پير اندر رکيم ته حڪيم اٿي، اڳتي وڌي، اڪير مان ڀاڪر پائي، پنهنجو وات منهنجي ساڄي ڪن تي آڻي چيو، "ڪجهه ٻڌو اٿئي؟" مون اتي ئي ڪنڌ سان ناڪار ڪري چيو، "نه." پوءِ هندن جي زماني واري هڪ ڇڪل موڙي کي ريڙهي مون کي وهڻ جو اشارو ڪيو. آءٌ ويهي رهيس. هن ڇڙواري رازدارانه نموني نظر ڦيرائي ۽ منهن جي ويجهو اچي آواز کي تمام هلڪو ڪري چيائين، "ڪجهه به نه ٻڌو اٿئي؟"

"نڪي، پر ڇاجي باري ۾؟"

حڪيم جواب نه ڏنو. پٽ واري دريءَ مان چورن وانگر ليئو پائي وري مون ڏي ڏنائين ۽ پنهنجا ڳاڙها گول گول دوڏا ڦاڙي چيائين، "اڙي حيف ٿئي. ههڙي خوشخبري به نه ٻڌئي ته پوءِ جڻ ڇاڙو ئي ناهين پيو- جهل ته ڏسيانءِ ٿو. ٻاهر ڏسان ته ڪا ٻهر ته ڪانهي." ائين چئي حڪيم ٻاهر جو سماءُ ڪرڻ نڪري ويو. مون کي سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته آخر اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي، جو حڪيم اهڙي رازداري پيو رکي ۽ ٻڌائڻ لاءِ جبل جيڏا سانباها پيو ڪري. ڪافي سوچ بعد به مان ڪنهن نتيجي تي پهچي نه سگهيس. نيٺ حڪيم پنهنجي

چمپليءَ سان ڦر ڦر ڪندو اندر آيو. اچڻ شرط پنهن جو منهن منهنجي ڪن جي ويجهو آڻي چيائين، ”هيڏي پڌ.“
”ها.“
”سائين ڏنل شاهه جي ننڍي نينگري پڇي وئي—“
”هان! ڇا ڇيئه!؟“
”ازي آهستي، حويلي پٿر ۾ آهي. ميان پٽيين ڪي به ڪن آهن.“
”سائين ڏنل شاهه جي ننڍي ۾ ننڍي نينگر....“
”....جيڪا هاڻ ساماڻي هئي ۽ اڃا تازو هفتو اڳ قرآن شريف ڪي بخشائي هئائون.“
”ڪنهن سان پڳي؟“
”جمعي شيديءَ سان.“
”جمعو شيدي! ڪهڙو جمعو شيدي؟“
”ازي آهوئي جمعو شيدي، جيڪو حويليءَ جو پاڻي پريندو هو. جنهن کي ڏاڏو، ڏاڏو ڪري ڪونه ڇوندا هئاسين.“
”ازي اهو! دانگيءَ جهڙو روڏو ڏڪڻ!“
”هائو، هائو،“ حڪيم وڏي رازدارانه نموني ۽ انتهائي آهستي آهستي ڳالهائي به رهيو هو ته پنهن جا ڳاڙها گول گول دوڏا به ڦرڙائي رهيو هو. آءٌ سن وڃان حڪيم جو منهن تڪي رهيو هوس.
”ازي واچ گودو ٿي وئي انئي، سمجهين ڇا ٿو بچا. زمانو ترقي تي آهي. ماڻهو چنڊ تي پيا پهچن....“
ساهه روڪي لاڳيتو ڳالهائڻ ڪري، حڪيم جو سينو پرجي آيو ۽ وات مان ڏگهو ساهه ڪڍي اڳتي چوڻ لڳو، ”آخر هي ڪيستائين ٿهر جا ڪوٽ رهندا نيٺ ته ڪرندا. ڏينسان علم ته ڏسو، انسان جي قرآن سان شادي! سا به زالئان! حڪيم جالينوس جو قول آهي ته عورت کي مرد کان ڇاليهه دفعا وڌيڪ نفسياني خواهش ٿيندي آهي— ڇڱو ڪيائين. نه ته حويليءَ ۾

عمر ڳري وڃس ھا، عمر، جيئن ٻين ٻيبين جون عمريون ٻيون ڳرن. ھون! قرآن سان ٿي عورت پرڻجي، واھ ڙي سنڌ جا سيد...." حڪيم پنھنجي منھن ڳالھائيندو رھيو.

حڪيم جون اھي ڳالھيون ٻڌي، منھنجي ذھن ۾ ھڪ ڌاڪ ڏيندڙ ڪرنٽ اڀريو، "سائين ڏنل شاھ جي ننڍي ۾ ننڍي نينگر؟ اڙي ان جو نالو شھربانو ھو. وڏي ٻيبي ڪيس پيار مان شاھو ڪري ڪوٺيندي ھئي. شاھو؟ ڏاڏي شيديءَ سان پچي ويٺي! ڏاڏي شيديءَ سان!! ھڪ روڙو، ٻنو ۽ ڏک جھڙو بن مانس، ان سان!!" مون بيخيالي ۾ پڇيو ۽ حڪيم ڏي نھاريم ته ڪٿي ھن ٻڌو ته ڪونه. پر ھو وري پنھنجي ڌن ۾ محو، ڪرل ۾ دوا ڪرڙي رھيو ھو ته پنھنجي منھن ڳالھائي به رھيو ھو.

خيالن جو سيلاب ڇڙي، ذھن جي وسيع وادي ۾ پلٽجي پيو ۽ لاشعور جي ڪنڊن ۾ تھه ٿيل ننڍپڻ جي ماضيءَ جون يادگيريون ميڻ وانگر رجي شعور جي سطح تي اچڻ لڳيون.

"مان جڏھن ننڍو ھوس، اٺن-نون سالن جو. سيدن جي حويلي مان ڏڌ وٺڻ ويندو ھوس. مائي ساران جيڪا سيدن جي سيني کان جھوني ٻانھي ھئي، سا ڏڌ ولوڙيندي ھئي. آءٌ ھر روز صبح جو خالي ٿيو ڪٺي مائي ساران جي پر ۾ وڃي رکندو ھوس، پيا به ڪيترا ڳوٺ جا ننڍا نينگر ۽ نينگريون، ڏڌ وٺڻ لاءِ ٿيا، جست جا لوٽا ۽ چونئريون ڪٺي اچي مائي ساران جي پر ۾ رکندا ھئا. ڏڌ ولوڙجڻ تي، مائي ساران سڀني کي ونڊي ڏيندي ھئي. مان عمر ۾ سڀني نينگرن کان وڏو ھوس. حويليءَ ۾ ٻيون ٻانھيون به ھونديون ھيون. جوان جماٽ، اڌروٽ ۽ پوڙھيون. سڀ سڄو ڏينھن ڪنھن نه ڪنھن ڪم ۾ رڌل رھنديون ھيون. وڏي ٻيبي سڄو ڏينھن ھنڌوري ۾ پيئي ھوندي ھئي، جو ڪا بيماري ھيس، جنھن ڪري گھٽو ھلي ڦري ڪانه سگھندي ھئي. سائين ڏنل شاھ ڪڏھن ڪڏھن حويليءَ ۾ ايندو ھو، نه ته اڪثر ڪري نئين نھرايل بنگلي ۾ رھندو ھو، يا وري ڪراچي

۾ لاهور ۾. حويلي ۾ سڀني جي لاڏڪوڏ ۽ پيار جو مرڪز سائين ڏنل شاهه بادشاهه جي سڀ کان ننڍي نياڻي شهربانو هئي. ٻيبي وڏي ڪيس پيار وچان شاهو ڪري ڪوٺيندي هئي. شاهو سڄو ڏينهن حويليءَ ۾ پٺي ڪڍندي ۽ ٽينگ ٽپا ڏيندي هئي. ڪڏهن اڱڻ ۾ ته ڪڏهن اندر ڪمرن ۾. سائين کي ٻيو اولاد ته هوئي ڪونه، سواءِ ٻن نياڻين جي. شاهو ننڍي هئي، ان ڪري سڀ هن کي گهڻو پيار ڪندا هئا. شاهو! جيڪا رات ڏاڏي شيديءَ سان ٻڌي وئي. تنهن جي چمار ان وقت شايد نو-ڏهه سال کن هئي. سندس منهن گول گول مٺوڙو هو ۽ رنگ ڳاڙهائڻ مائل اڇو. اکڙين جي گڏي جي ڪارن ڏاکن سان نهيل اکين وانگر سندس اکيون به چيريل ڪاريون ڪٽاريون هيون. تنهن مٿان ترار وانگر جڙيل ڪارا ڳهاٽا ۽ جڙوان پرون ڏاڍا ٺونڊا هيس. بس، سوني تي سهاڳ. جڏهن ٻانهي وچان سينڌ ڏئي، سندس چوٽي چڪي ٻڌندي هئي، ته سندس وڻل پيشاني اڌ چنڊ وانگر جرڪندي نظر ايندي هئي. حويلي ۾ شاهوءَ جي وڏي پيڻ رهندي هئي. ٻيبي جنت، سائين ڏنل شاهه جي وڏي نياڻي ٻيبي جنان شاهوءَ کان اٽڪل ٻي چار سال کن وڏي هئي. ان جا مهانڊا به هوبهو شاهوءَ جهڙا هئا. شاهو اڇا ٽڙندڙ مکڙي هئي ته ٻيبي جنان بهار ۾ جوڀن تي رسندڙ ٽڙيل گل. جنهن جون، نازڪ، نرم ۽ لسيون پنکڙيون چڪيءَ طرح ڪليل هونديون آهن ۽ يونئري لاءِ مقناطيسي چڪ رکنديون آهن، جن جي سڳنڌ موسم بهار جي صبح صادق ۾ ٽڙيل گلن وانگر پري کان ئي محسوس ٿيندي آهي ۽ پاڻ ڏانهن بي‌ساختگي ڪشش ڪندي آهي."

ننڍپڻ جي يادگيرين جو سلسلو هلندو رهيو. سنڌوءَ جي وهڪري جيان:

"مان سيدن جي حويليءَ مان ڏڏ وٺي ويندو هوس. شاهو اڃا ننڍي هئي. تن ڏينهن ٻيبي جنان به، شاهو وانگر قرآن شريف کي بخشائي هئائون، جو سيدن ۾ ڪو اهڙو نينگر ڪونه هو.

تنهن ڪانسواءِ چون پيا ته اصل ڳالهه ملڪيتي حصي جي ورهاڱي جي هئي. ڏاڏيءَ، جيڪا بخشائڻ جي ريت تي ويٺي هئي، تنهن ڳالهه ئي ڪٽي ته، ”بيبيءَ کي ڪنوار وانگر سينگاريو هٿائون. ڪيس ريشمي ڳاڙهو وڳو پهريو ويو هو. سندس هٿن تي ميندي لاتي وئي هئي. قرآن پاسي کان رحل تي پيو هو ۽ بيبي گهونگهٽ ۾ شرمايو (يا پوءِ ڊڄيو) منهن هيٺ ڪيو ويٺي هئي.“

سندس دل ٻڏي رهي هئي، سهاڳ رات جي باري ۾، خيالن ئي خيالن ۾، اڻ چاتل خوف، گهري پرلطف درد ۽ اڻ چکيل بي انتها خوشيءَ جي نازڪ ڌاڳن سان اٽيل سهڻن خوابن، سڄڻ سان ملي هڪ ٿي وڃڻ جي اونهي تڙپ ۽ جواني جي سانڍيل جوان، ڪنوارن امنگن جي اٿاه ساگر ۾ ٻڏڻ بجاءِ، پر ۾ ريشمي پوتين ۾ ويڙهيل قرآن شريف جي ڊپ ۾ ٻڏي رهي هئي. قرآن شريف جي پرسان، هڪ ڪاٺي جي پيالي ۾ ڪافور جلي رهيو هو. جنهن جي خوشبوءِ سڄي ڪوٺيءَ ۾ پکڙجي وئي هئي. اتي موجود هڪ البيلي جوان نينگر کي لڳو ته، ان پيالي ۾ ڄڻ بيبيءَ جا جوان امنگ ۽ ڪنوارا خواب جلي رهيا آهن، جي جلي جلي رک ٿي ويندا.

قرآن شريف سان شاديءَ ڪرڻ ڪانپوءِ بيبي جنان کي دورا پوڻ لڳا هئا. حويليءَ ۾ سڀ چوندا هئا ته قرآن سان شادي ڪرڻ ڪري، بيبيءَ ۾ سيد خاندان جو ڪو نيڪ روح اچي واسو ٿو ڪري، پر ڳوٺ جي مسيت جو مولوي صاحب چوندو هو ته روح ڪڏهن به هن گهنگار دنيا ۾ اچي نٿو سگهي. باقي بيبيءَ کي جن ٿو اچي. جن به ڪيئي جن، جيڪو جنن جو سردار آهي ۽ خاص سيدن جي گهرن جو مهمان ٿيندو آهي. جڏهن بيبي جنان ۾ جن اچي واسو ڪندو هو ته هوءَ سڄي ڳاڙهي ٿي ويندي هئي. جنڊا ڪولي ڪنڌ ڌوڻيندي هئي. سندس سڄو بدن گرم ٿي ٽڙڪڻ لڳندو هو ۽ جيڪو به سندس پر ۾ ويندو هو، ان کي ڀاڪر پائي چڪ هڻندي هئي، رانيون پائيندي هئي، ان

جي چمڙي چوسي رت ڪڍي ڇڏيندي هئي. جيستائين منجهس جان هوندو هو، تيستائين جنهن ماڻهوءَ يا شيءِ ۾ پاڪر هوندو هوس، ان کي زوريءَ پاڻ ۾ پڪڙي، پاڻ کي لوڏيندي رهندي هئي. گهڙي ساعت ائين ڪرڻ ڪانپوءِ، ساٿي ۽ بيحال ٿي ڪري پوندي هئي. بيبي جنان جي اها حالت ڏسي مائي ساران، پنهنجي اشهد آڱر هيٺئين چپ تي رکي، عجب ۾ پئجي چوندي هئي، ”رب منهنجي جو شان! هڪ ته سيد جو ٻار. وري قرآن جي امان، تنهن سان تي سهاڳو اهو جو، مٿس رب جو پيار.“ ۽ پوءِ ٿڌو شوڪارو ڀري آڱر آسمان ڏانهن کڻي چوندي هئي، ”پڙي، رب جو راز رب ڄاڻي، ٻندي کي ڪا سگهه ڪا جوڙ.“

مان بيبي جنان کان ڏاڍو ڊڄندو هوس. ڏڏ وٺي ويندي مهل سدائين اهو ئي سوچيندو ويندو هوس ته شل نه هيٺئر بيبيءَ کي جن اچي. متان ان وقت مون کي پاڪڙ پائي چڪ هڻي رت ڪڍي. وري مولوي صاحب جي هيءَ ڳالهه، ”ديو جن وڏو حرامي ۽ بيمان آهي، جڏهن ڪنهن عورت ذات وٽ ايندو آهي ۽ ان مهل جيڪو به مرد ذات، انهيءَ عورت جي پرسان ويندو آهي ته ديو جن جوجهڪيءَ ۾ اچي، ان مڙد جو ڪڏهن ڪڏهن ڳاٽو ڀڃي ڇڏيندو آهي.“ ياد ڪري ڏڪي وبندو هوس ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ آيت‌الڪرسي پڙهي، قميص جي ڳلي جي ٻن ڪولي، سيني جي اندر شوڪاري، الله سائينءَ کان دعا گهرندو هوس ته مولا! پيرانِ پير دستگير ۽ محمد مني جي صدقي بيبيءَ جي جن کان بچائجانءِ.

سوچ جي عميق سمنڊ جي اونهين گهراين ۾ لڙهندي، چڻ منهنجي آڏو حويليءَ جي هر شي اچڻ لڳي. پڌري ۽ چٽي. هڪ ڏينهن، جيڪو منهنجي ڄمار جو نئون ۽ عجيب تر ڏينهن هو. انهيءَ ڏينهن مان سيدن جي حويليءَ تان روز وانگر ڏڌ وٺڻ ويس. پنهنجو ٽيو پوڙهي ٻانهي مائي ساران جي پير ۾ رکي، پرسان پيل کٽ جي واڻ کان ويهي رهيس. اڃا ڪو ٻار ڪونه

ٿيو هو. مائي ساران پنهنجي ننڍي ڌيءَ سان گڏ رهي هئي. بيبي وڏي مٽان مائي شال ڍڪيو ننڊ پئي هئي. شاهو به، جنهن جا ٽهڪ ٽپا هيڏي ساري ويران لڳندڙ اڱڻ کي ڪجهه زندگي بخشيندا هئا، سا به شايد اندر ڪمري ۾ هئي. سڄي اڱڻ ۾ چپ چپات لڳي پئي هئي. عجيب خاموش ماحول ڇانيل هو. رڳو ڏڏ ولوڙڻ ڪري، چاڏيءَ اندر ڦرندڙ مانڌاڻيءَ جو ڊڳڳائيندو آواز پئي آيو. اهو آواز چپ چپات جي ماحول ۾ اڃا وڌيڪ عجيب پئي لڳو. مان چاڏيءَ اندر لڇندڙ ڏهيءَ جي آواز ۾ ڪن لڳايو، پنهنجي خيالن ۾ گم سم ويٺو هوس ته آوڏيءَ مهل، بيبي اندران نڪتي. سندس اکيون خمار ۾ اڌ پوريل هيون. ائين پئي لڳو جڻ اڃا هاڻ ننڊ مان اٿي آئي آهي ۽ سڄي رات ننڊ ڪرڻ بجاءِ، لڇندي پڇندي رهي آهي. پر سندس منهن ۾ نئين قسم جي ونندڙ ٻهڪ هئي ۽ اڌ پوريل اکين ۾ پرڪشش چمڪ. سندس هلڻ جي نوڊ ۾ هڪ نئون انداز ۽ لچڪ هئي. هن منهن جي پرمان اچي، مون کي ڳرانٺڙي پائي چيو، ”ڪڪا شي ڪائيندين؟“ مون کيس ڪو به جواب نه ڏنو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري، قميص جو اڳ آڱرين ۾ ويڙهڻ لڳس. ان وقت مون کي اها ڳالهه ياد اچي ويئي ته، جڏهن بيبيءَ جنت کي جن ايندو آهي، تڏهن سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويندو آهي ۽ ساهه تيز تيز هلڻ لڳندو اٿس. مون ان وقت سندس اهڙي حالت ڏٺي، هن منهن جي ڪلهي تي هٿ رکيو ته منهنجي دل ڌپ ۾ سسندي وئي. آءٌ سندس منهن ۾ نماڻائيءَ منجهان، ڊنل ۽ هيسيل نظرن سان ڏسڻ لڳس. ”ڊڄ نه ڪڪا، هل ته شي ڏيانءِ.“ ائين هن پيار منجهان، ڪنڌ لوڏي، پنهن جا ڳاڙها چپ گول ڪندي، انهن سان ٻچڪار ڏيندي چيو ۽ ساڄي ٻانهن جي ٻاڪر ۾ ڪري پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وٺي آئي. منهن جو لڱ لڱ ڪانڊارجي ويو. دل ۾ چيم، ”اباڙي، اڄ ته مري ويس، لاهه ٿي نڪري ويا“ آيت الڪرسي پڙهڻ جي ڪوشش ڪيم، پر ٻپ ۾ اها به وسري ويئي هئي.

ڪوٺيءَ ۾ اندر گھڙڻ شرط بيبيءَ مون کي زور سان ڀاڪر پاتو ۽ منهن جي ڳٽي تي چمي ڏئي چيو، ”ڏج نه منهنجا منٺڙا.“ سندس آواز ۾ گهرو جذبو ۽ لرزش هئي، ان وقت بيبيءَ جا گرم گرم ۽ ڳاڙها چپ، تازي وڍيل گوشت جي ٽڪري وانگر ڦڙڪي رهيا هئا. ساهه تمام تيزيءَ سان ناسن مان اچي وڃي رهيو هوس. ان ڪري ريشمي چولي مان سيني جو اڀار لهوار پڌرو پسجي رهيو هو. سموري بدن جو رت ڄڻ ڳٽن ۾ اچي گڏ ٿيو هوس، سندس ڳٽا ڳاڙها ڳٽورڙا ٿي ويا هئا. اکين جون ڏوريون اڀري آيون هيس ۽ انهن ۾ مقناطيسي چمڪ هئي. سندس سڄو بدن باهه وانگر پئي ٻريو. مان سندس ڀاڪر ۾ هوس، سندس بدن جي گرمي ڪنجيءَ ۽ ريشمي چولي جي ديوار اورانگهي مون کي ڇهي رهي هئي. جيتوڻيڪ ان گرميءَ ۾ بغلن جي پگهر جي ٽپ به گڏيل هئي، پر اها گرمي مون کي ڏاڍي وڻي ۽ ٿڌ سياري ۾ باهه جي ونڊڙ سيڪ وانگر لڳم.

اهي ڳالهيون ياد اچڻ سان منهنجي بدن ۾ ڄڻ سياڻو پڇي ويو. خيالن جو سلسلو ڄڻ ڇڄي پيو. ڇوڏاري دواخاني ۾ نهاري حڪيم کي ڏٺم، هو بدستور ڪرل ۾ سفوف ڪري رهيو هو، ته ڪو پارسيءَ جو شعر به جهونگاري رهيو هو ۽ رڪي رڪي پڻ پڻ ڪيائين، ”مار پوين، اڄ ڪو گراهڪ نه لڙيو آهي. هن ڳوٺ جا ماڻهو هونئن ته هر شئي ۾ ڪنجوس، پر بيمار ٿيڻ ۾ به ڪنجوس.“ سندس انهن گفتن تي مون مشڪي، پنهنجن يادگيرين کان جند ڇڏائڻ خاطر، دل ۾ چيو، ”هون بيهودا خيال، پر اهي يادگيريون دماغ مان نڪرڻ بجاءِ، لاشعور جي اٿاهه ساگر مان پلٽجي، تيز وهڪري وانگر شعور جي صاف ۽ شفاف سطح تي اچڻ لڳيون ۽ يادگيرين جو ڳانڍاپو وري مرڪز تي اچي، زنجير جي ڪڙين وانگر ڳنڍجي ويو.

”.... بيبي جنان در پيڪڙي ان جو ڪڙو آهستي آهستي چاڙهيو ۽ پوءِ مون کي هڪدم ڀاڪر ۾ وجهي پاڻ سان گڏ ڪٽ

تي اڇليو. سندس نرم ۽ گداز ٻانهون منهنجي ننڍڙي ۽ سڪل بدن جي چوڌاري مضبوطيءَ سان ڀڪوڙجي ويون. سندس نڪ سان نڪرندڙ تيز ساهه جي ٻوءِ مان سولائي سان محسوس ڪري رهيو هوس. سندس سيني اندر بي چيني مڇيءَ وانگر لڇندڙ دل جي ڌڙڪ ۽ اپريل ارهن جي هلچل منهنجي سيني کي ڇڪيءَ طرح ڇهي رهي هئي. هن منهنجي نهائين تي، دهون جا لسا لسا هٿ آهستي آهستي ڦيرڻ شروع ڪيا. منهنجي ٻئي بدن ۾ هڪ وڻندڙ مزيدار ڪتڪتائي ڦهلجي وئي. پوءِ هن منهنجي ڳوڏ جي ڳنڍ ۾ هٿ وڌو.... ۽ پوءِ؟..... سندس ٽنگون منهنجي ڪانيءَ جهڙين سڪل ۽ ميرين ٽنگن ۾ پکڙجي ويون- مان سندس ڪڇ ۾ ننڍڙي ڊنل ٻار وانگر وائڙو لڳي رهيو هوس. منهنجي حالت ان هرڻي جي ٻچي وانگر هئي، جيڪو شڪاريءَ جي تير کاڌل ڇڻ لاءِ ميلن جا ميل ڊڪي، پوءِ هڪ هنڌ سهڪي ٻهڪي رهندو آهي. ٿڪل، ڊنل ۽ هراسيل. ان وقت سندس اکين مان معصوميت، بيوسي، لاچاري ۽ نماڻائي بکندي آهي. آغا بيبيءَ جي بدن مان نڪرندڙ گرميءَ جي تاؤ، سيني اندر ڦڙڪندڙ دل جي ڌڙڪن ۽ لوچ پوچ جي حالت ۾ ڦڙڪندڙ جسم جي انگ انگ جي لرزش محسوس ڪري رهيو هوس. مون کيس انهي حالت ۾ ڏسي منهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون. سوچڻ لڳم ته، مري وڃان. بيبيءَ کي ڏيڍ جن آهي، اڄ خير ڪونهي. منهنجا مولا! خير ڪجانءِ." هڪ دفعو ڊورڙيون اکيون کولي ڏٺم، بيبيءَ جي سهڪي واري ڪيفيت ڏسي هيبت وٺي ويم ۽ وري اکيون ٻوري ڇڏيم.

بيبيءَ جو سڄو بدن ٿڙڪي رهيو هو ۽ هوءَ حد کان وڌيڪ تيز سهڪي رهي هئي. آهستي آهستي سندس ڀاڪر جي چڪ زور وٺندي وئي. نڪ جي ڦونڊاريل ناس مان ساهه تنهائين وڌيڪ تير اچڻ وڃڻ لڳو. ڪجهڙي ساعت انهيءَ حالت گذاپوءِ، هڪ سي جهٽڪو ڏني، ساڻي ۽ بيحال ٿي ڪري پيئي. مون منجهل

پاڪر هلڪي ٿي وئس. سندس اکيون ڄڻ هلڪي نموني پورجي ويون هيون. مدت کان سڪايل مرڪ، سندس ڳاڙهن ڳاڙهن چپن تي ڪيڏي رهي هئي. مان تارا ڦوناري ڀيڻيءَ جي کير جهڙي اڇي بدن کي ڏسڻ لڳس. چاهه، عجب ۽ تجسس وچان. ڀيڻي اڃا ستي پيئي هئي. پيڻ لاءِ بلڪل پلو هو. سوچيم ته ٿپ ڏئي جاڳان. پر وري خيال آيو ته متان ڀيڻيءَ وارو ڄڻ پٽ وٺي ۽ ڪنڌ پيئي سو پيڻ جو خيال لاهي اتي ئي ويٺي رهيس ۽ ڀيڻيءَ جي اڇي اڇي بدن کي ڏسڻ لڳم. سچ پچ ڏيپ ۾ به، ڀيڻيءَ جي بدن کي ڏسڻ ۾ ڏاڍو مزو پئي آيو.

گهڙيءَ کن ڪانپوءِ ڀيڻي اٿي ليٽا پائي، ڪانچ جا و ٺاهيائين. پوءِ منهن جي گهٽي تي پيار مان ٿڦڪي هڻي چيائين "ڏس ڪڪا، ڪنهن کي ٻڌائجان نه." مون ڪنڌ هيٺ هوندي ئي، ناڪاريءَ ۾ لوڏي نه ڪئي. پوءِ ڀيڻيءَ جاري ۾ رکيل هڪ چاڏيءَ مان سڪل پيرن جي مٺ ڀري منهن جي کيسي ۾ وڌي. ڪارڪن جون چار ڳڙيون ۽ هڪ قلن جو بوڙيندو هٿ ۾ ڏيندي چيو، "هان، منهن جا من، هيءَ شي ڪاءُ" پوءِ هڪ آنکي کيسي ۾ وجهندي چيائين، هن جي هٿ تان شيءِ وٺي ڪائجانءِ. پر ڏس، هيءَ ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪجانءِ. شاٻي منهنجي پيڙي ڪي." انهن چئي هن ٻهڪ واري مرڪ مرڪي، ڄڻ لکن جو خزانو هٿ اچي ويو هجيس. مان ڏڪ ڏيئي واپس گهر آيس، ۽ اها ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪيم، جو ڏيپ هيم نه مان ڀيڻيءَ جو ڀيد ڄڻ ڳانو پيجي وڃهي.

اهڙي ريت مان ڏڏ وٺڻ ويندو هوس ۽ اڪثر ڀيڻي جناڻ جي ڪوٺيءَ ۾ وڃي سانس ڳڏ سمهندو به هوس. هاڻي مون کي ڪل پڙ نه ٿيندو هو، جن جو به نه. ڏيپ بجاءِ پنهنجائپ ۽ هراس بجاءِ اڻ چاتل مزو ۽ اجنبيت بجاءِ مقناطيسي ڇڪ محسوس ٿيندي هئي. هاڻي بنا ڏيپ ڏاءَ جي مان به ڀيڻيءَ کي ڀاڪر پائيندو هوس. ڀيڻيءَ جو نرم نرم ۽ نازڪ بدن مون کي ڏاڍو

ڏسندو هو. اڪ جي ڪپهه مان نهايت ريشمي وهاڻي وانگر، سندس گداز، نسي ۽ اڇي بدن تي هٿ ڦيريندو هوس، ائين ڪرڻ سان ڏاڍو مزو ايندو هو. سندس اڇي چمڙي اوچي بوسڪي وانگر چاڪندڙ، ريشمي ۽ ترڪڻي لڳندي هئي، دل چوندي هئي تہ سدائين سانس سٽو پيو هجان، ۽ هڪ پلڪ بہ ڌار نہ ٿيان.

ائين آءٌ سيدن جي حويليءَ تان ڏڌ وٺڻ ويندو هوس، تہ … جي جنت سان موجون بہ ماڻيندو هوس. ٻہ سال ڪن مون ائين … ورتا. نيٺ هڪ ڏينهن جڏهن مان ڏڌ جو ٿيو مٿي ساران جي پر ۾ رکي، پرسان پيل کٽ جي واڏڻ ڪان ويٺو هوس تہ بيبيءَ وڏيءَ مون کي سڏي، منهن جي منهن ۾ غور سان ڏسندي چيو، ”ابا، تون هاڻي وڏو ٿي ويو آهين، منهن ۾ مڇن جي ساول بہ نهي آئي اٿئي، ان ڪري اندر حويليءَ ۾ نہ ايندو ڪر، باقي ڏڌ لاءِ پنهن جو ننڍو ڀاءُ موڪليندو ڪر، يا تون ئي ٻاهر سڏي وٺي ويندو ڪر.“ انهيءَ آخري ڏينهن تي بيبي جنان مون کي پاڻ سان گڏ گهڻي مهل سمهاريو هئو ۽ هوءَ بہ ٻہ ٽي دفعا ساڻي ٿي هئي. آخري دفعو ڀاڪر ۾ مون کي پاڻ ڏانهن زور سان ڀڪوڙيندي چيو هئائين، ”تون مون لاءِ هتان پرائي هئين، ڪنهن ڏوراهين ديس.“ مان سندس اهي اندر ڀڃي ڏڪي ويس ۽ ڀاڪر ڍلو ڪري، ٻڪ ڇڏائيندي ورائيم، ”نہ نہ، آءٌ توکي ڪڏهن وٺي ويندم. تنهنجي تہ شادي قرآن سان ٿيل آهي نہ. تون تہ قرآن کي … شڪل آهين ڪين. … توکي پرڻائيندس نہ قرآن منهن جا … سڪائي ڇڏيندو.“ هن ٻئي ڀيرو ڀاڪر ۾ ننگ … جي ٻڪ … مضبوط ڪندي، جوش ۽ جذبي سان مجهان وڌيڪ زور ڏيندي چيو، ”تون اڃا ڪڪي جو ڪڪو ئي آهين، پر ڏس منهن جا من، حويليءَ جي پنڌين پاسي، هو جو ٻير جو گهاٽو وڻ آهي نہ، اتي لڪي ايندو ڪر. هاڻي؟ ايندين نہ منهنجا جاني، مان توکي ڏوڪڙ بہ ڏيندس.“ مون ڪنهن ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

خيال جو سلسلو هلندو رهيو. مهراڻ جي موجن جيان ”بيبي شهه بانو، بيبي جنت جي ننڍي ڀيڻ هئي. هوبهو جنت جهڙي. ان ڪري بيبي جنان کان سونهن ۾ سرس هئي. انجي شادي به بيبي جنان وانگر، سيدن قرآن شريف سان ڪرائي، ڪيس حق بخشائي ڇڏيو هئائون. ڇا بيبي شهه بانو به جمعي شيديءَ سان سمهندي هوندي؟ جيئن بيبي جنان مون کي پچائڻ لاءِ چيو هو، تيئن بيبي شهه بانو به جمعي شيديءَ کي پچائڻ لاءِ چيو هوندو؟ تڏهن نه پچائي ويس. پر جمعو شيدي ته صفا ڪنو هو. رنگ ڌانگيءَ جي ٽري جهڙو، ڪارو ٺڪ مٺو، منهن تي ماتا جا داغ، جهڙو هو ڏک، ان سان پچي ويئي! بيبي ته هئي سلوڪ! جهڙو گلاب جو گل.... مان ته ڀاڙي آهيان. ٻيٽ ڀاڙي، ڏاڏي شيديءَ وانگر، مان به بيبي جنان کي پچايان ها ته ڇا ٿي وڃي ها.... پر هوءَ ته سيد جو ٻار هئي، پنهنجي جهان جو آسرو، تنهن ڪانسواءِ سائين ڏنل شاهه جي نياڻي، جيڪو لکين جو مرشد، ڪامورا ڪتا هن جي در جا پيلي....

اهي خيال پچائيندي، مٺڻ جي ذهن ۾ سائين ڏنل شاهه بادشاهه جو جلالي چهرو اچي ويو. شراب جي نشي ۾ خماريل ۽ نانڍن وانگر پرندڙ اکيون، ٿلهن ۽ ڪارن چپن مٿان مروڙيل ڏگها شهپر، ماس ڀريل منهن، ٿلهو ڪنڌ، جنهن سان لوڻو ورائي ڪونه سگهندو هو. پنهنجي ٿلهي ڪنڌ کي ٻوٽي ڪري جڏهن ٽيڪ ڏيندو هو ته ڄڻ گجگوڙ پوندي هئي. سندس شڪل ياد ڪري مون کي ڏڪڻي وٺي وئي.

”جمعي جو خير ڪونهي، سيدياڻي پچائي ويو آهي. سو به سائين ڏنل شاهه جي نياڻي. سنڌ جو سيد سردار، ذات ذات ڌاڙيل سندس هردم سلامي، ڪامورا سندس ڀيالي پاڻي. تنهن ڪانسواءِ ڏنو ميمبر. جمعي کي سائين ڳترا ڳترا ڪرائي ڇڏيندو.“ مون کان ڇرڪ نڪري وئي. ”پر جيڪڏهن منهنجي خبر پئجي ويس ته—؟“ اهو سوچي مٺڻ جو هانءُ ٿي ڏڙڪجي ويو.

"ميان پهرين ٿي سمجهه الائي ڇا ٿيو ڇهين، هڪ ته سچي
... ۽ ڪو ڪرامت نه ورتو آهي، وري ٿون ته الائي ڪهڙو
جهان ۾ پڌل." حڪيم موڙي کي ٻڍڙهي منهن جي پرسان اچي
... ڇيو:

"مان سوچيان پيو ته سائين ڏٺل ڪنهن، جمعي ڇنڊي ...
... ڏي ڪيرائي ڇڏيندو." "ڇا جو بابا، اهي سيد رڳو سنڌ
۾ سيهن ٿين، سنڌ کان ٻاهر سوڳا صفا ٿلو." حڪيم ورائيو.
"پر سائينءَ جي مريد سنڌ کان ٻاهر به ته آهن نه، سائين پنهنجي
... اچي ته جمعي جا سرنهن جيڏا ڏانا ڪرائي ڇڏي." مون چيو.

"ڇڏ ڙي يار، اهي سنڌ جا ماڻهو آهن، سادا ۽ ابوجهه.
... ميان زمانو الائي ڪٿي وڃي پهتو آهي. ابا، هيئنر اهڙو
زمانو واءُ لڳو آهي، جو مرشدن جون مريديون پريديون ويون پن ۾.
... جي مريد، مرشد جون ٺياليون ٽا پڇائين، سي ورائيندا وري ڪتان."

"پر حڪيم صاحب، پيري ته قرآن کي بخشيل هئي نه.
... ته رب جو سچو ڪلام آهي. جمعي جا سنڌ ڪين سڪائيندو؟"

ان تي حڪيم صاحب وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو، "ميان
... ني پڇي، اها سيدياڻي انهيءَ روڏي کي ٿبي. پر پيلي،"
حڪيم صاحب وري چوڻ شروع ڪيو، "جمعي کي جس هجي
... جن سراڻ آ، مڙس جو پٽ هو سائين. ها، ڪا ڳالهه آ!"

حڪيم صاحب جا اهي لفظ مون کي تير ٿي لڳا
... ڪم، جن حڪيم صاحب مون کي ڇني رهو هجي ته ٿون وڏو
باڙي هئي.

... سيپٽمبر ١٩٦٢ع ۾ ڇپيل ...

ٻاهر پاڻ ۾ ڏکري

اڄ جڏهن فجر جي نماز لاءِ ننڍي ماڻس کي صبح سوير سجهڻ ڏيڻ لاءِ ويٺي، هن هميشه جي روزمرهه جي جاڳڻ وانگر ڀانيو.

جاڳندو محسوس ٿيس. پاڻي جي ڇڻڪار ۽ پاڻيءَ جي ڪڙ ڪڙ جي آواز، سندس ذهن کي ڌڪو ڪري ٿي ڇڏيو ۽ سندس اکيون ان جي اندر ئي اندر ڏيهل نرڳي جهڙيون لڳيون. هوءَ ڏيو ويچارڻ کان سواءِ ٻروڙي وئي ته رات ڇا ٿيو هو. صبح سوير جڏهن فجر جي نماز کان اڳ، ماءُ ٿي وهنجندي ته وهتل ڏسندي هئي ته ماڻس فجر جي نماز کان ڪُس گساهه پئي ڪري، ته انهن رات، هن ڏٺو سندس من ۾ ماءُ جي خلاف ڏڪار پريو ڏسي آرو هيو اڀرڻ سان گڏ، دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويندي هيس ۽ جسم جي رڳ رڳ مان ڏيهل درد، ڪرموڙي اڀرندو محسوس ٿيندو هوس. اهو سڄو ڏينهن هوءَ ملول ۽ وسائل وسائل گذاريندي هئي. پر اندر ئي اندر جي سانڍيل امنگن جي چتا جلندي محسوس ٿيندي هيس ۽ سمجهندي هئي ته، اهين جلندي جلندي، پاڻ هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندي. وري جڏهن ڏينهن پڻ اندر روزمرهه جي ڪم ڪار ۾ اهي ڏينهن ٿمجي ويندي هيس ۽ اندر ۾ ڪٺن وانگر اٿل امنگن جو طوفان جڏهن بيقرار پاڻيءَ وانگر ماٺو ٿي ويندو هيس، ته ليس پنهنجو پاڻ ئي اڄرج ايندو هو ۽ هوءَ پنهنجو پاڻ کان سوال ڪندي هئي، ته اهو آخر ليس ٿئي ڇا ٿو؟ پر هوءَ ان جو جواب پاڻي نه سگهي هئي، نا لاشعوري طور ليس انجو جواب ڪلڪندو هو، پر هوءَ ان ني سمين ڪرڻ لاءِ تيار ڪانه هئي، جو اڳيان نه ماءُ هيس، جنهن ليس پاڻو تباهه هو تڪ ڪا سهاڄ.

هن ني ماڌ ڀوڳ ساڌيءَ کان اڳ، جڏهن اڄ صبح

عمر ٻارنهن سالن جي هئي. هڪ رات اوچتو ئي اوچتو، سندس ننڊ
ڦٽي ۽ اک کلي ۽ ڏٺائين ته ماڻس ۽ ٻئي واري کٽ، خالي آهي
ڪمري واري بتي ٻري پئي ۽ اهو سس پس جو آواز اندران اچي
رهيو آهي. سندس دل ڌڙڪڻ لڳي. هوءَ اٿي ۽ بيمرادو، جڻ
ڪا اندروني قوت، کيس آهستي آهستي، پير پير ۾ پائي، ڇڪي
جي در وٽ کڻي آئي. در جي ڦڙڪڻ مان هن اندر نهاريو. اند
ڏسڻ سان، سندس هيٺين ۾ جڻ ڪنهن ڇڪ وڌس، دماغ ماؤف
ٿي ويس، جڻ ته ان ۾ دونهون ٻرجي ويو هجي، سندس جسم مان
ڪا آڳ اڀري، جنهن لونڊڙين وٽ اچي ٽڪاءُ ڏنو. شرم ۽
نفرت وچان سندس منهن جو پنو ئي لهي ويو. سندس اکيون
ٻرجي ويون ۽ هن پاڻ کي، ذهن جي دونهين ۾ پوساٽجندو محسوس
ڪيو. هي پهريون دفعو ماڻس جو ڏڪار ۽ نفرت پيدا ٿيو. دونهاٽيل
چهرو، سندس ذهن ۾ اڀريو هو ۽ تنهن کان سندس ذهن ۾ ونڊر
ماڻس جو مقدسائيءَ وارو خاڪو، ڄڻ سان اڏايل عمارت وانگر،
ڀاش ڀاش ٿي ويو هو. هوءَ پنهنجي بستري تي آئي. اها سڄي
رات کيس ننڊ ڪانه آئي هئي. عجيب جذبات جي طوفان ۾
لڙهندي رهي. صبح جو هن ماءُ جي چال ۾ عجيب فرق ڏٺو ۽
اهو کيس بلڪل نه وڻيو. ان کان پوءِ هوءَ سدائين ماءُ کي ڪجهه
اجنبي نظرن سان ڏسندي هئي، يا ماڻس کيس سچ پچ اڻين لڳندي
هئي ۽ کيس، سندس لاءِ، ماڻس جي پيار مان بوءِ ايندي هئي

هوءَ بدلو ڏيڻ لاءِ پاڻيءَ سان پري، آڳر جي ڏيڏيءَ واري
ڳالهه ۾ پنهنجي منجهيءَ تي اچي ويٺي. هڪ ڏکيو ٿڌو ساهه ڀري،
مٿ ڦرڻ لڳي. هٿ ڏوندي هن چوڏاري اکڻ ۾ نهاريو. اڳين
جي ساڄي پاسي کان پلنگ تي سندس ننڍي ڀيڻ صابي ۽ ننڍو
ڀاءُ اڪو ستا پيا هئا. ڀريان آخري چيڙي واري کٽ تي پيو
ستو پيو هو، بيپرواه. ان کٽ تي پيو وهالو خالي پيو هو. ان
جي پرسان سندس کٽ هئي، جنهن تي سندس پڻ ماڻس جو ڪڪر
اگهور ننڊ ۾ ستو هو. پنهنجي ابهم ڪڪي تي نظر پيس، ڪ…

سهڻيون اهي پيار زندگيءَ جون هڪ ڳوڙهو ۽ پيچرو نه جڏهن ته اچي نڪتو.

”ڪيترن ڏينهن بعد اڄ هن وٽي اهين امان، جيئن ڪر جيئن مسڪرايو.“ ماٽس غسلخاني مان اهڙن ڪلمون پڙهندي، وار جهٽينداي نڪتي ۽ سندس پريشان نڪهي، سندس منهن ۾ نهاري، وري سنڀال بارن ڌاڳن پلهار ويندڙ نهار ڪري، پوئي ٿالهي وڃي مصلي تي ويٺي. ماءُ جي اها نهارڻيس اندر جلائيندڙ نئولي لڳي، هن سان نڪهڻ وقت، ماٽس جي وار چنڊڻ ڪري، پاڻيءَ جا ڦڙ جي سندس منهن تي اچي پيا، انهن ۾ لڪس صابڻ جي هلڪي هلڪي خوشبوءِ رچيل هئي. اها خوشبوءِ کيس ڏاڍي وڻي. هن ماٽس کي وڃڻ وقت ڏٺو، سندس هلڻ جي چال بدليل هئي. پوڙهي جي نوڙ ۾ جوانيءَ وارو اڙهنگ سوڙو ۽ ڳالهائڻ ۾ مٺاس، جنهن ۾ مامتا واري گنڀير جذبي جي بجاءِ، مائيل امنگ ڏسان پوءِ ڇوڪري نخري سان خوشيءَ جو اٿاه جذبو پريل هوندو آهي. مصلي تي ويٺل ماءُ کي ترڇين نگاهن سان ڏسي، دل ئي دل ۾ چوڻ لڳي،

”مٺي، چاليهن سالن جي عمر ۾ به پاڻ کي جوان جماڻ پئي ڀانئي.“ اتي ماٽس کيس، ماءُ ڏانهن وڌيڪ هڪ عورت لڳي. سندس جسم ۾ ڪتڪتائي ايري ۽ بجليءَ جي ڪرنٽ وانگر، انگ انگ ۾ ڦهلجي ويس. واڻ واري منجيءَ تي ويٺي، ٻئي ابا کيل گوڏا سولا ڪيائين، انهن تي ٻنهين ٻانهن جون ٺونٺيون رکي، هٿن جي ٺهي ترين سان ننهنجو منهن جهلي سوچڻ لڳي،

’پيار ۽ پيار جي سڀنڌ ۾ ڪهڙي عجيب لذت ڀري چيز آهي، جو ان جي ماڻڻ سان، انسان کي هر شئي پياري ۽ وڻندڙ لڳي ٿي، هر ماڻهو زندگيءَ سان پيار ڪرڻ لڳي ٿو. اها ئي امان آهي، هونءَ صبح جو اٿندي آهي ته نماز ڏانهن وڃي تيرن پوري ٿيڻ تائين پارن تي پٽي ڇهڙون ڏينديءَ آهي ۽ هاڻي نه ڪنهن به ڳالهه تي نهار ويندڙ نهار ڪري وڃي مصلي تي ويٺي آهي...

”اڄ امڙ ڪکي ماءُ، نوسان آهي ته خير، پڙي پيو

ٽيو اٿي وضوءَ ڪي، جڻ ڄمي ويٺي آهين، جلد ڪر ڄڻ سج
اڀريو.“ ماڻس ٻهرين رڪعت ڪانپوءِ سلام ڦيريندي چيو.

انهيءَ آواز ڄڻ ڪيس گهري ننڊ مان ڌونڌاڙي اٿاريو. جلد جلد وضو ڪري، پوتي ٺاهي، ماڻس جي پاسي کان، پنهنجو مصلو ٺاهي وڃي نماز ۾ بيٺي ۽ نيت ٻڌي چپن ۾ الحمدلله شروع ڪيائين. سندس چپ مشين وانگر چرڻ لڳا، پر ذهن ۾ سٽر سٽر ٿي، پيار به ڪهڙي نه عجيب شئي آهي.... ”اٿي امڙ“ هن ماءُ جا لفظ ذهن ۾ ورجايا، انهن لفظن جي چوڻ جي ڍنگ ۾ ڪيڏو نه اونهو ۽ ڳتيل پيار ڀريل هو ۽ چاهت جو جذبو. پيار جي سيلاب ۾ اها ڪهڙي خاصيت آهي، جو اهو ماءُ ۽ ماءُ کي به اپاري ٿو ۽ وڏيڪ زنده رهڻ جي آس کي پيدا ڪري ٿو! پيار کانسواءِ زندگي زهر آهي– سندس ذهن ۾ سُر سُر وڌندي رهي ۽ ٽٽل بند کانپوءِ، چڙواڪ سيلاب وانگر، خيال پلٽجڻ لڳا. ٽي سال اڳ، هن کي پنهنجي شاديءَ واري رات ياد آئي. سڄو ڪمرو خوشبوءِ سان ٻهڪار هو ۽ مڙس جي اچڻ کان اڳ اڻ ڄاتل خوف مٿس حاوي هو. ان وقت ڪيس ننڍپڻ جي اها رات ياد آئي هئي، جڏهن هن چوريءَ چوريءَ در جي ٽنگ مان، پنهنجي ماءُ پيءُ کي اگهاڙو ڏٺو هو ۽ انهن جي خلاف نفرت ۽ ڌڪار سندس جسم جي رڳ رڳ ۾ پهچي ويئي هئي. اهو واقعو ياد اچڻ سان، ڪيس شاديءَ کان نفرت ٿيڻ لڳي هئي. در جو چيڪٽ ٿيو، چيڪٽ ٿيڻ سان، سندس دل جي ڌڙڪڻ اوچتو تيز ۽ دماغ ماؤف ٿيڻ لڳو، گهوٽ اندر آيو، هن ڪيس پيار ڪرڻ شروع ڪيو، ڪيس ان مان بيچان اچڻ لڳي، گهوٽ جي هٿ چراند وڌندي رهي، پيار ڀريا ٻول، پر انهن مان سندس دل کي ڪوبه ڇهي نه سگهيو. ڇميون، هوءَ انهن ۾ جهجڪ محسوس ڪري رهي هئي. گهوٽ جا هٿ سندس لسي بدن تي ترڪڻ لڳا، آهستي آهستي هيٺ ٿيندا ويا، ارهن کان هيٺ، پيٽ تي ڦري، ٽانڊاڙا ڪڍي، هيٺ سرڪڻ لڳا– آهستي آهستي. ڪيس ڪجهه

ـمنديءَ جو احساس ٿيڻ لڳو، اهو احساس نہ هٿن جي ڇهاءَ ۽ ـڪر مان ڪيس ڪجهہ سڙو اچي رهيو آهي ۽ اهو احساس نہ ـفرت ۽ خوف جي مٿان هڪ اڻ ڄاتل لذت ڇانئجڻ لڳي آهي، ها لذت آهستي آهستي وڌندي وئي. ڪيس لڳو تہ جڻ اهو اڻ ڄاتل لذت، سندس جسم جي ڪن ڳجهن حصن ۾ دٻيل هئي جا هاڻ آهستي آهستي پڌري ٿي رهي هئي. اهو لطف وڌندو رهيو ۽ هوءَ بيخود ٿيندي وئي، سندس انگ انگ مان بيچين خواهش ٿڙپي اٿي، سندس سڄي بدن ۾ هڪ سيانو اڀريو، جنهن ـنهن ڪان ٿيندو، پنهن تائين ڏوڙي ڇڏيس، سندس جسم جي بوٽي بوٽي ٿڙڪي اٿي، بدڪو ڏئي، گهوٽ ڪي ڇهٽي وئي هئي.

اهو ياد ايندي، نماز ۾ بيٺي بيٺي سندس سڄي بدن ۾ ـيانو دوڙي ويو. ٻانهون جي ڇاتيءَ تي رکيو بيٺي هئي، تن ڪي ڏني زوري پڪوڙيائين، جڻ ڪنهن ڪي ڀاڪر ۾، اندرين اڏسي ڏڄن، پاڻ ڏي ڇڪيندي هجي.

”اٺي اما ڪڪي ساڻ، مئي جاڳ تہ آهين؟ هيءُ تو ڪي ـبح لاڪر ٿيو ڇا آهي؟“ ماڻس جا نماز پوري ڪري، ڪڏهوڪو ـڏئي ۾ ڇانهہ ڏاهي رهي هئي، تنهن جي سڏ ڪيس سجاڳ ڪيو. هن محسوس ڪيو تہ هوءَ نماز ڇڏي الاءِ ڪيڏانهن وڃي نڪتي آهي. ڪنڌ ڪي جهٽڪو ڏنائين، ڇپن ۾ پٽڪيائين ”اعوذ بالله ـنو شيطان“، وري منڊ ڪان الحمد شروع ڪيائين، جيئن تيئن رڪوع مان ٿيندي سجدي ۾ وئي، وري اٿي بيٺي.

”آخر امان ڪان مون ڪي ايڏي نفرت ڇو آهي؟ هن مون ڪي پاليو آهي. مان ٻہ تہ هاڻي ساڻ آهيان، پنهنجي ڪڪي جي ـيراج لاءِ ڇا ڇا سهڻو پيو اٿم، امان ٻہ تہ اهو ئي سڻو آهي، ـوءِ ٻہ مون ڪي ڪڏهن ڪڏهن امان ڪرڻ جڙ ڇو ٿي وني؟“ هوءَ بيٺي بيٺي پنهنجو پاڻ ڪان سوال ڪرڻ لڳي، پر ان جو ـواب ڄاڻڻ ڪان اڳ، ماڻس جو اڻ لکي همدردي، ڏيڻ، سامت ـاڙي ڳنڀير ڇهري جو تصور اچي ويس، سندس منهن تي ڏڪ

جا ماڻهو اپرس، گهڻو پرهيز آيس، اڪيون پٽجي پيس، ڇهن ۾ پنڪيائين
... امر، ٻه منهنجي جيجل! منهنجي مڙس کي تو ته ماريو ئي ڪو
آهي، پوءِ حد هي توکي صبح جو وهنجڻ ڏسي، ان جو مطلب
سمجهي، خبر ناهي ڇو توکان ساڙ محسوس ٿيندو اٿم. هيءَ نه
منهنجي پنهنجي تقدير آهي جيجان!" تيتن جا ڳوڙها ٿمڻ تي آيس
نه زوريءَ اکيون پٽي، هيٺين چپ کي چڪ هڻي ڳيت ڏئي،
تري آيل ڳوڙهن ... پيڻ جي ڪوشش ڪيائين.

"هن ڇوريءَ کي اڄ الاءِ ڇا ٿيو آهي، ويٺي وضوءَ تي
نه پهر ڇٽ، بيٺي نماز ۾ ته ڄڻ ڄمي وئي آهي." سندس ڪنن
تي ماڻس جو آواز پيس. ماءُ جا اهي لفظ ڪيس ايڏو ته اگرا
لڳا، جو بيچان اچڻ لڳس. چند پلڪ اڳ، جو ماءُ لاءِ پنهنجائپ
جو جذبو اڀريو هوس، سو سنجي نفرت ۽ چڙ ۾ تبديل ٿي ويو.
ڪيس ساڙ محسوس ٿيو.

جيئن تيئن نماز پوري ڪري ٻهاري ڪنيائين. پهرين صفي
کي ٻهاري ڏيڻ لڳي. پر ڪم تي دل نه وريس. ڪيس هن روز
روز جي ڪم مان ڪوفت ٿيڻ لڳي. روز مشين وانگر، اٿي،
نماز پڙهي، ٻهاري ڏيڻ، ٿانوَ ملڻ، پوءِ ٻوهو ڏيڻ، زندگي تيليءَ
جي گهاڻي وانگر پئي ڦري، جنهن ۾ رت ست، سڄي ڏينهن جي
پورهئي ۾ ڇوسجيو وڃي. ڪيس سامهون گهر واري نينگر خورشيد
جيڪا ڪاليج ۾ پڙهندي آهي، ياد آئي. "ڇوري ڪهڙي نه الهڙ
آهي. ڇيلهه کي موڙو ڏئي، سينو سيٽي هلندي آهي ته جواني
تيز ڦوهاري وانگر اڇلون ڏيئي پئي ٽمندي اٿس. اٿس ڪو الڪو
ڇمڪندڙ ٽيڊي ڪپڙا پائي هلندي آهي، ته ڄڻ پنهنجو پاڻ کي
ڪنهن جو مٽ تي نه سمجهندي آهي. ٽيڊي ڪپڙن ۾ هلڻ وقت
ٻولهه ته پٽ پٽ ڪندو اٿس، پر اڳيان ارهه به سوٽ ڏاڙهونءَ
وانگر شيڪيل هوندا اٿس، سي به سوڙهي ريشمي چولي ۾ ڄڻ بلبن وانگر
ٽم - ٽم ڪري ٻاهر جرڪندا آهن"، ڪيس ان تي رشڪ اچڻ لڳو.

سندس هٿ ۾ پاڻمرادو آهستي ٻهاري ... هئي رڪ

هئي نه ڏهن سو. پنهنجي ليکي دل ئي دل ۾ چوڻ لڳي، ”پر منهنجي عمر به ته ڪا ويل ڪانه آهي. اهڙي نيويهه ڇوويهه سال ٿيندم مس. ويهن ۾ هيس، شادي ٿيم، سال کن ڪانپوءِ ڪڪو ڄايم، ٽي ترت ئي مرحوم پاڻ نڍڙڪو ڪري ويم. ۽ هاڻ! لڳان ته وقت کان اڳ جڻ پوڙهي پئي. ڀلا سچو ڏينهن پئي اندر ئي اندر پڇان پڇران، ٻاهر ٻاڦ نه ڪڍان، سو وقت کان اڳي مڙهي نه ٿينديس ته ٻيو ڇا ٿينديس، هاڻي زندگيءَ ۾ رهيو ئي ڇا آهي، ائين ئي، اندر ئي اندر، ڇڇي ڇڇي رک ٿي وينديس“ سندس بدن ڏڪڻ لڳو، منهن تي اباڻڪائي ڇانئجڻ لڳس، جا جڻ اندر ۾ ڏکيل ڏونهينءَ جو تاءُ هئي. صفي کي ڀاري ڏئي، ورانڊي ۾ آئي. گوڏن تي هٿ رکي، هيٺ اوڪڙو ويٺي ته ڇيلهه ۾ وڻان سور جي سٽ اٿيس. ٻهاري ڏيندي اڳتي وڌي، ٽگ لگ جهرندو محسوس ٿيس ۽ پنين وٽ جڻ ڪنهن ڇڪ وڌا هجنس. ٻهاري ڏيندي ڇوڌاري نهارڻ لڳي. ساڳيون ئي شيون، ساڳين جاين تي پيل هيون، جيئن نئڊي هوندي کان، هن گهر ۾ ڏسندي آئي هئي. پر هن کي پنهنجي ئي هن گهر ۾ ڪجهه اجنبيت محسوس ٿيڻ لڳي، ۽ پنهنجو پاڻ کي هن گهر ۾ مهمان سمجهڻ لڳي. اوچتو منجهس خواهش اڀري ته، هن کي پنهنجو گهر هجي، جتي هوءَ گهرڌياڻي هجي، هن کي پنهنجو گهر ياد اچڻ لڳو، ۽ سندس دل ۾ لاشعوري طور هڪ ڇڪ ڏينڌڙ سڪ پيدا ٿي ته انهيءَ گهر کي ڏسي.

اڃا ٻهاري ڏيندي، ورانڊي جي اڌ تي پهتي هئي ته مائس سڏ ڪيس، ”ائي امان، اڄ ڪڪي کي ماني کارا ءِ.“

ٻهاري ڦٽي ڪري رنڌڻي ۾ آئي، سندس ڪڪو روئي رهيو هو، ”بابا کي ماني ڏئي اچان؟“ هن پنهنجي پٽ تي ساڇري نهار ڪري، ساسهون چلهه جي پرسان ويٺل ماءُ کان پڇيو.

”نه، مان پاڻهي ٿي ڏئي اچانس، تون پنهنجي نينگر کي سنڀال، صبح سرداني رينگٽ شروع ڪيو اٿائين.“ مائس ائين

ڇنيءَ، ماني ڊبڪيءَ تي رکي، هڪ هٿ ۾ ڪنگي ۽ ٻئي هٿ ۾ چانهه جو ڪوپ جهلي، مڙس کي ڏيڻ لاءِ آئي. هن ماءُ جي سنهن ۾ ڏٺو، اهو پيار وهاڻ ڀڙڪيو پئي، ماني کڻڻ جي انداز کي ڏٺو، ان ۾ چاهت هئي، سندس هلڻ جي چال کي ڏٺو، ان ۾ جوانيءَ واري چنچلتائي پئي جهلڪي، مانيءَ کي ڏٺو، اڄ معمول کان وڌيڪ گيهه پيل هيس. هڪ دفعو وري ذهن بولاڻي ڪاڍي، اندر مان ڪروڌ، ساڙ ۽ بغض سرسر ڪري اڀرڻ لڳس.

سندس ڪڪو رينگي رهيو هو. سندس توجهه اوڏانهن ڇڪي. مانيءَ نڪر ڀڃي، پٽس کي بيدلو، مٿي تي هٿ ڦيري، مٺاڇري پڪار ڏني چيائين، "ڪاڪا. شاباش پٽ کي." پٽ کي ائين مٺاڇرو پيار ڪرڻ، کيس ڪجهه عجيب ۽ اندر ۾ چڻ ڪجهه چيندڙ لڳو ۽ اهو کيس پايءَ پٽ محسوس ٿيو ته سندس پيار رکو، مامتا جي جذبي کان وانجهيل ۽ کوکلو آهي. پر اهو احساس نه مٺاچرو هو، ان کان وڌيڪ شدت سان، کيس ائين لڳو ته، سندس اهو پٽ دل جو ٽڪرو نه، پر هڪ بوجهه آهي، جيڪو مٿس زوريءَ مڙهيو ويو آهي. جنهن کي هوءَ کڻڻ لاءِ مجبور آهي.

ماڻس سوني اچي چلهه جي پرسان منجيءَ تي ويٺي. انجي پٺيان سندس ننڍو ڀاءُ، ڳچيءَ ۾ ڪتابن جو ٿيلهو وجهي، ڳوهيل انڊي واري ڀات لتاڙي، اچي ماءُ جي هنج ۾ ويٺو ۽ رڙ ڪري چيائين، "امان، خرچي ڏي."

"جهل خرچي، منهنجا پرين." ماءُ. پٽ جا ٻنهي هٿن سان ڳل ونئي، پنهنجي ويجهو آئي، سندس نرڙ تي چمي ڏني، رئي جي پلاند مان ڏهه پيسي ڪڍي، سندس ننڍڙي ننڍڙي هٿ جي ترڻيءَ تي رکندي چيو، "سنڀالي وڃ اسڪول پٽ، روڊ تي مٿا لارين وارا، ائين ٿا هلائين جو جڳ جهان جي خبر ڪانه ٿي پوين." ۽ وڌيڪ ٻچي کي آسيس ڏيندي چيائين، "چڱو هاڻي الله نگهبان." پٽ کي ويندي ماڻس ڏٺو، سندس

نيڻن ۾، ممتا وارو مقدس پيار ۽ مستقبل لاءِ نيڪ خواهشون ڀريل هيون.

ماءُ کي پنهنجي پٽ سان پيار ڪندو ڏسي. هن کي دل ۾ وڍ ڏيندڙ ڇهڪ آيو. جيتوڻيڪ اهو سندس ڀاءُ هو. پنهنجي پٽ کي ڏٺائين، جيڪو هڪ اک کي پنهنجو ابتو هٿ رکي، هوڏ ٻڌي، منهن سڄايو سڏڪا ڀري رڙيو هو، کيس هڪ ڇپي آئي، ستل ممتا جو جذبو ڀڙڪو ڏئي اڀريو، اهو جذبو جيڪو اندر ئي اندر، جلندڙ آگ ۾ جلي جلي رک ٿيندو پئي ويو هو.

"ڪاءُ منهنجا سدورا پٽ، شابي منهنجا منڙا." نانس نينگر کي پيارِ وچان پچڪار ڏئي پرچائڻ لڳي. پٽس لاءِ ماڻس جو اهو پيار کيس دل ڏاريندڙ طنز ۽ ذلت ڀري خيرات لڳي. سندس رت ڄمي ويو، اهانڪ خود بخود سندس هٿ اٿيو، ٺڪاءُ ڏئي پٽس جي ڪچڙي ڳل تي ٺهڪو ٿيو، ڳل تي چنبي جو ڳاڙهو نشان ٿي بيٺو. چماٽ مان ڳڏ سندس وات مان نڪري ويو، "ڳري ويا تو ته زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي، مٺا موت به نٿو اچئي." سندس آوازِ ۾ روئڻهارڪي لرزش هئي.

"آئي مٺي، خير ڪهر. ابهم آهي نيٺ ته ٽيسو ٻار جو ڪم آ." ماڻس کيس ڇڙٻ ڏني ۽ ڏوهٽي جا ڳوڙها اگهندي وڏي پيار ۽ ٻاڀوهه مان چوڻ لڳي: "نه منهنجا لال، مان گهور وڃانءِ. آ، تون مون ڏي آءُ." ائين چئي، ٻئي هٿ اڳتي وڌائي ٻانهون ڊگهيون ڪري، ڏوهٽي کي ڪڇڻ لڳي. اها هن کي هڪ چٽر لڳي؛ جنهن ۾ انبار طعنن ٽنڪن جا هجن، هن پٽ کي ماءُ جي هٿن مان ڦري، ٻاهر آڳر ۾ اچي کٽ تي سنئيو ۽ ماني ٽڪر سندس وات ۾ وجهندي، اندر جي ٻاهم مان چيو، "هان وٺ ڏر، مٺو ٻاڻ ته مري ويو، هي جزا مٺي ۾ هٽي ويم." کيس سيني ۾ هڪ بوجهه محسوس ٿيو، مٺي کي ڦيري آيس، اکيون ڀرجي آيس، ڄڻ اکين مان پاڻي نيسارا ڪري وهندس. سندس دل چيو، وڏيون وڏيون اوڇنگاريون ڏئي روئي دانهون

ڪري، اهڙيون اوچنگارون، جيڪي جوان جماڻ مڙس جي منهن تي ڪيون هنائين. اندر جي گهراين مان زور سان اوچنگاريون ڏئي، رئڻ جي ڀرپور خواهش هيٺ، هينئن ۾ ڇپي ڏيندڙ هڏڪي آيس، پر هوءَ روئي نه سگهي. سواءِ ان جي جو سندس اکين مان به ٻه ڳوڙها سرڪندا، ڳلن تان وهڻ لڳس ۽ هن اکيون ۽ اهي ڳوڙها رئي جي پلاند سان اگهي، نڪ ۾ آيل گوبي کي هٿ ۾ زور سان سڻڪي ڦهڪو ڪري اڇلايائين، جيڪو پٽ تي ٽڦجي پيو ۽ آهستي آهستي هيٺ رڙهڻ لڳو.

سج ڪاني مٿي چڙهيو هو. معمول پٽاندڙ ماني ڪائي هوءَ رڌڻي ۾ نيرن تي ٿقيل ٿانون کي ڌوئڻ لاءِ ويٺي. ماڻس ماني ڪري، رڌڻي مان اڳئي اٿي اڱڻ ۾ آئي هئي. هن راتوڪو ڪير هاڻو گلاس ڪٽي ان ۾ اچان چار ملي ٺي مس ته ماڻس رڌڻي ۾ آئي. پنهنجي منهن تي پيار ڳاڙهو همدردي جو تاثر آڻي. سندس منهن ۾ غور سان ڏسي چوڻ لڳي، "اما رضوا!"

"هون...." هن رڪائيءَ مان ورائيو.

"توکان هڪ ڳالهه پڇان؟"

"ڪهڙي!"

"هي مڙس جي مرڻ ڪانپوءِ ڪڏهن ڪڏهن توکي ڇا تي ٿو وڃي!" ماڻس ڏک وچان ڏيهي چوڻ لڳي، "اماءِ اها ته رب جي رضا هئي، پلا ان تي ڪنهن جو وس هو. ڏيءَ، مون کان تنهن جي اها حالت ڏٺي نٿي ٿئي. نون مون کي ڏس، آخر توکي روڳ ڪهڙو آهي؟":

"ڪجهه به نه، اما." هن مٺاچري نموني ورندي ڏني پر دل کي ڪا ست آيس.

"نه امڙ، ڪو ته روڳ اٿئي. ڇا مون کي به ٻڌائڻ ۾ شرم ٿي محسوس ڪرين. سان ته تنهن جي ماءُ آهيان." ماڻس سندس منهن ۾ چتائي ڏٺو.

"نه نه اما، ڪجهه به ناهي، بس آهين ڪڏهن ڪڏهن

طبيعت ملول ٿي ويندي آهي.“ هن ڪنڌ هيٺ ڪري، هيٺين چپ کي چڪ هڻي ورائيو.

”بس آهئين ڇا؟“ ماڻس تڪڙو ڪجهه حجتي سوال ڪيس. وري ڪجهه ڊيري ۽ پاڻوهه مان چيائين، ”ڪجهه ته آهي ڏيءَ. ڀلا ڇو ماءُ کان به لڪائين ٿي؟“ ماڻس پيار ڀرين نگاهن سان منهن ۾ ڏٺو.

”ڀلا—؟“ گهڙي پاڪ رکي، ماڻس سندس منهن ۾ نهاري ’ڀلا‘ لفظ تي ڪجهه زور ڏئي چيو.

”ڀلا—“ ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو. وري ڏيرج سان چوڻ لڳي، ”نه اما، ڪجهه به ناهي.“ سندس منهن تي لڄ وچان لالائي پکڙجي وئي، سيني ۾ اندر ڄڻ بيچل پاڻيءَ ۾ ڪنهن پٿر اڇليو ۽ ان ۾ اوچتي ڇرپر ٿي. ڪنڌ شرم وچان هيٺ جهڪي آيس، بدن کي ٿورو لوڏي، مٿي تي پوتي ڇگيءَ طرح سرڪائي انهيءَ کي ٺاهيائين.

رڌنيءَ ۾ پٽي ماءُ-ڌيءَ خاموش هيون.

”ٺانوَ ڀان ٿي ڌئان تون ڪڪي کي ڪٽي وهنجارينس ۽ تون به وهنج. رن سنهن ٿي سڄائي ڇڏيو اٿي.“ ماڻس خاموشي ٽوڙيندي کيس گهري پيار ڀرين نظرن سان ڏسندي چيو.

”نه اما، ٺانوَ ڌوئي وڃي وهنجان ٿي.“ هن رڪائي سان چيو.

”اِت منهنجي سدوري.“ ماڻس سندس مٿي تي هٿ رکيو ۽ پاراٽي نموني کيس پاڻوهه وچان چيو.

رڌنيءَ مان ٻاهر اچي هن ڪڪي کي کنيو ۽ نل مان پاڻيءَ جي بالٽي ڀري غسلخاني ۾ گهڙي. ڪڪي کي هيٺ وهاري پاڻ ڪپڙا لاهي ڪليءَ ۾ ٽنگڻ لڳي. ڪپڙا لاهيندي دل ۾ چوڻ لڳي، ”مان به ڪهڙي نه خودغرض آهيان اڄايو ٿي امان کان جلان.“ ڪجهه پلڪ خاموش رهي وري چوڻ لڳي، ”امان نيڪ به ته صورت آهي منهن کان سواءِ ماءُ. کيس نه ڇڏي

ايندي ته پيو ڪنهن کي ايندي.“ ’پلا‘ — هن ماڻهءَ جا لفظ ورجايا، ان جو مطلب ڇا ٿي ٿي سگهيو: منهن جي اندر جو روڳ پروڙي ورتائين. ها، نيٺ به ته عورت آهي. سندس منهن تي ڳاڙهاڻ آئي بدن ۾ حرارت محسوس ٿيس. پنهنجي ننگي بدن کي ڏٺائين ڪجهه عجيب محسوس ٿيس. نرڙ اڳيان آيل وارن کي ڪنڌ جو جهٽڪو ڏئي پوئتي هٽايائين. پنهن جو ڪاٻو هٿ منهن تي آڻي ڳلن تي ڦيرائڻ لڳي، ڳلو گرم لڳس. هٿ آهستي آهستي هيٺ سرڪڻ لڳس. ڪنڌ ڪان ٿي بغلن وٽ آندائين. پوءِ ارهن جي ڀنڊڻ وٽ آڱر ڦيرائڻ لڳي، سڄي بدن ۾ گرمي وڌندڙ محسوس ٿيس. ڪاڻ جي ٽاڪيءَ تي اوڪڙو ٿي ويٺي. هٿ جي هن ڇهاءُ سان سندس بدن ۾ حرارت وڌندي رهي ۽ هڪ عجيب قسم جو سرور اچڻ لڳس. هٿ جي ڇهاءَ سان اهو سرور وڌندو ويس ۽ اڪيون ڌيري ڌيري پورجڻ لڳس. اوچتو سندس پوري جسم ۾ ڪتڪتائي ڏيندڙ ڏڪڻي اڀري جنهن سڄي بدن کي لوڏي ڇڏيس. اکيون کوليائين سندس ڪڪو پاڻيءَ سان کيڏي رهيو هو. ڪڪي جي پاڻيءَ ۾ هٿن جا ٿاڦوڙا هڻڻ ڪري پاڻيءَ جا ڇنڊا کيس پئي لڳا، انهن مان زندگي بخشيندڙ لطف آيس. پٽ جي بيپرواهيءَ سان کيڏڻ ۽ پاڻيءَ جي ڇڪڻ ۾ گدگد ٿيڻ کيس ڏاڍو وڻيو. پيار جي اندروني جذبي جي شدت وچان جهٽ ڏئي پٽ کي کنيائين ۽ ڇاتيءَ ۾ لڪائي پنيءَ تي پيار ڀريون ٺڪيون هڻڻ لڳس. وري پٽ جا ڳل پنهنجي ڳلن سان ملائي سندس ڳلن تي، چپن تي، نرڙ تي، اکين تي چميون ڏيڻ لڳي. کيس لڳو سندس اندر ۾ ڪا بيچين هلچل آهي. مضطرب آنڌمانڌ آهي، ڪو طوفان آهي. هن پوري قوت سان پنهنجي ٻچي کي ڇاتيءَ ۾ ملائي هڪ ڪري ڇڏڻ چاهيو. هوءَ جذبات جي انهيءَ طوفان ۾ پيار جي ٻيڪين ڪاڻ ۾ مگن هئي ته مٿان ماڻس جو سڏ ٿيس، ”آئي رضو، دير لائي، پيو پاڻي کپئي؟“

اما، اچهو آيس.“ هن اندران ورندي ڏني.

ماءُ جي آواز تي هڪ دفعو وري ڪيس پنهنجي ۽ ماڻس جي وچ ۾ ماءُ ـ ڌيءَ اهڙا به وڌيڪ عورت ـ عورت جي وچ ۾ پنهنجائپ واري گهري جذبي جو احساس ٿيڻ لڳو ۽ دل ۾ چيائين، ”اما ضرور بابي سان ڳالهه ڪري، سندس لاءِ ڪٿي ڳالهيون هلائيندي. پر ڪٿي؟“ هوءَ ويچار ۾ پئجي وئي ۽ خيال ئي خيال ۾، پنهنجن ويجهن مائٽن جا ڇڙا ڇانڊا مرد نظر سان ڪڍڻ لڳي. ممو، سندس سؤٽ ممتاز. جانٺو جوان، هلندو آهي ته مڙدانگي انگ انگ مان بکندي اٿس. پر، پر هن ته شاديءَ کان ئي مرڳو انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ماسيءَ جون ٻه نينگريون ساماڻيون وينيون آهن انهن کي به ڏپ جواب ڏئي ڇڏيائين. وڏي ماسات جا ته وار به اڇا ٿي رهيا آهن. پيو ڪير آهي؟ هوءَ پنهنجن مائٽن جي ڪنوارن مردن کي هڪ هڪ ڪري نظرن سان ڪيڍندي وئي. پر ڪنهن نه ڪنهن ڪارڻ سڀني سان نا اميد ٿيندي وئي. اوچتو سندس ذهن ۾ هڪ چهرو اڀريو. عبدو لالي جو، جيڪو سندن گهر جي سامهون هڪ ننڍڙي ماڻڍي کولي وينو آهي ۽ ان تي ننڍيون ننڍيون ريزڪي شيون وڪڻي پيٽ گذران ڪندو آهي. ”ڪو گهرگهاٽ به ڪونه اٿس، سمهندو به انهيءَ ماڻڍيءَ ۾ ئي آهي. آهي شايد ڇڙو ڇانڊو، مٺو گهوري ته ڪيئن ڏسندو آهي، جڏهن به ٻاهر ڪيڏانهن وڃڻ وقت گهٽيءَ مان لنگهندي آهيان. هونئن به سڄو ڏينهن پيو اسان جي دريءَ ۾ تڪيندو رهندو آهي.“ سندس دل ڪجهه ڌڙڪڻ لڳي ۽ لالي عبدوءَ جي شخصيت ۾ پاڻ ڏانهن ڇڪ محسوس ڪيائين. ”شايد منهنجي لاءِ پيو واجهائيندو آهي“ پر ـ اوچتو نراسائي ۽ ياس بيپاڙي وانگر سندس جسم کي وڪوڙجڻ لڳي. ”پر هو ته ڌاريو آهي، ذات ته ڇا قوم به ڌاري آهي.“ نااميديءَ جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندي، ڪيس پنهنجي انتهائي مظلوميت ۽ قيد هجڻ جو احساس شدت سان ٿيو، ”آخر عورتن سان ايڏو ظلم ڇو؟“ هوءَ سوچڻ لڳي، ”مرد ته چار شاديون به

ڪري سگهن ٿا، پر عورت لاد بيوه ٿيڻ به عيب آهي. نه نه، هي انصاف ناهي. الله سائينءَ وڏو ظلم ڪيو آهي. شايد....“ هوءَ ڏچي ڏچي سوچڻ لڳي، ”شايد الله سائين به مرد آهي، تاڻو ته مردن جهڙو. اُنس ۽ نبي به سڀئي مرد موڪليا اٿئين.“ ڏيپ سندس عضوي عضوي ۾ پيهندو ويو، وار ڪانڊارجي ويس ۽ اچانڪ وات مان نڪري ويس. ”نعوذ بالله، هي مون ڇا چيو. هي ته ڪفر آهي، يا منهنجا رب مون کي معاف ڪري ڇڏ.“ پر کيس تعجب وٺي ٿو ته انهيءَ معافيءَ ۾ اها دل جي سچائي ڪانه آهي ۽ کيس لڳو ته جيڪو ڪجهه چيو اٿائين، اندر ئي اندر مان اها گواهي پئي ملي ته سچ اهو آهي. مٿاڇري دل سان پڙڪي، ”پر اهو ته ڪفر آهي.“ ڇڻ اندر ئي اندر مان ڪو چويس ٿو، ”اهو ته سچ آهي. نيٺ عورت سان اها بي‌انصافي ڇو؟“

هن هڪ ڏکهو شوڪارو پري پاڻيءَ جو ڪٽورو مٿان لاتو. وهنجي ٻاهر نڪتي. مائس جي غيرمعمولي همدرديءَ نه، پيار هڪ دفعو وري کيس سونهري اميدن جي دنيا ۾ آڻي ڇڏيو.

رات جا ڏهه ڪن ٿيا هئا. هرڪو ماني کائي، پنهنجي پنهنجي کٽ تي ستو پيو هو. مائٽس، پٽس کي زور پئي ڏنا. سمورا ٻار ننڊ ڀنجي چڪا هئا. هوءَ جاڳي رهي هئي. سڏو سنئون ليٽي ٻانهن اکين تي رکيو سمي پئي هئي. اندر ۾ آنڌمانڌ هيس. مائٽس ڏانهن ڪن لايو سچو ڌيان اوڏانهن ڪري ڇڏيو هئائين ته سندس لاءِ مائٽس ڇا ٿي چوي. پر مائٽس خاموشي سان مڙس کي زور ڏيندي رهي. کيس ماءُ جي خاموشيءَ تي ڏاڍا ڇڪ پئي آيا ۽ اندر جي اڻ تڻ بي‌چينيءَ جي روپ ۾ وڌڻ لڳي.

مائٽس اٿي، سندس پر ۾ اچي ڪجهه پلڪ کيس ڏسي اُٿي وڃي پڌو کٽي غلسخاني ڏانهن وئي، شايد کيس جاچيائين پئي ته ننڊ ۾ آهي يا سجاڳ. ماءُ جي اچڻ تي هوءَ ڇپ ماري اٿين پئي رهي جڻ واقعي ننڊ هجيس. مائٽس موٽندي پيهر کيس

ڏٺو ۽ پوءِ مڙس سان وڃي گڏ ستي.

”رضوءَ پيءُ، ڪجهه رضوءَ جي باري ۾ سوچيو اٿوَ. نينگر اِها ته جوان آهي....“ هيءَ ماڻس جو آواز هو. ماءُ جا اهي لفظ ٻڌي ڪانئس هڪ وڏو ساهه نڪري ويو. ڄڻ اهو ساهه اندر سانڍي رکيو هئائين.

”ها، مون کي به سندس الڪو آهي. پر....“ هيءُ پڻس جو آواز هو. سندن ڪن وڏيڪ ڪڙا ٿيا.

”پر ڇا، ڪٿي ڪو ٻلو ڪرينس، نينگرين لاءِ ڪي مڙس ڪٿا.“ ماڻس ڇيو ۽ پاسو ورائي هڪ ٽنگ مڙس جي ٽنگن تي هيٺي ڪري رکيائين.

”رضوءَ ماءُ، اهو وقت ويو جڏهن نينگرن لاءِ مرد سڪندا هئا. تون پاڻهين ٿي ته مون ڪو پنهنجي ليکي گهٽايو هوندو.“

”ڇو، ڪنهن سان ڳالهه ڇوري اٿئي ڇا؟“

”ها، سموءَ ماءُ کي ڇيم ممتاز لاءِ، پر ٿپ جواب ڏنائين. ڇي، نياڻي آهي.“

پيءُ جا اهي لفظ ٻڌي سندس دل تي ڄڻ پٿر ڪريو. سموري بدن جون رڳون شيڪجي آيس. پر پاڻ تي ضابطو رکندي چپ رهي ۽ ڪن ڏئي ٻڌڻ لڳي.

”پر نيٺ ته منهن مر ڪبس.“ هيءَ ماڻس هئي.

”آخر مان ڪهڙو ڪارو منهن ڪيان، ٻن-ٽن هنڌن ڳالهه ڇوري اٿم، پر هرهنڌ جواب. هڪ ته ڇوڪري جو پيءُ، وري ڳالهه به مان ڇوريان، آخر جڳ جهان ڇا چوندو. مان ته نا اميد ٿي پيو آهيان. رضوءَ ماءُ، پنهنجي پنهنجي قسمت آهي، ڀلا اسين ڪري به ڇا ٿا سگهون، پنهنجو گهر اٿس، زندگيءَ جا چار ڏينهن ڏک سک ۾ گذاري وڃي پار پوندي....“ پڻس جي ڳالهائڻ ۾ ڪجهه ترشي ۽ نراسائي هئي.

ماڻس چپ رهي ۽ پڻس وڏيڪ نه ڳالهايو.

ماءُ، پيءُ جي اها خاموشي کيس ڪائڻ لڳي. اکين آڏو

اوندهه اچڻ لڳس، سندس زندگي هڪ جلندڙ ڪورو لڳي، جنهن ۾ پنهنجو پاڻ کي جلندو محسوس ڪيائين. پاسو ورائي ماءُ، پيءُ واري ڪٽ ڏانهن منهن ڪيائين ۽ اڌ اکيون کولي کين ڏسڻ لڳي. ماڻس پڻس کي ڀڪ وجهي ستي پئي هئي. اکيون ڀوڻي پاسو ورائي پر ۾ ستل ڀٽ کي ڀاڪر پاتو، پنهنجو ڳٽو ڪڪي جي ڳٽي تي رکيائين ۽ اکين جي ڪنڊن کان خاموش ڳوڙها وهڻ لڳس، جي ڳٽن تان وهندا وهائي ۾ جذب ٿيندا ويا.

— چوڏس ١٩٧٥ع

حقيقت ۽ دوکو

ڊاڪٽر قمرالدين: شهر جي مشهور ۽ سٺن فزيشنن مان هڪ ذهين ۽ هوشيار. ڪڻڪ رنگو. جسم جي متناسب بناوت ۽ خد و خال ڪري، پرڪشش شخصيت. ڳنڀير ۽ سنجيدو. آزاد خيال ۽ شريف النفس. پنهنجي پيشي سان لڳاءُ رکندڙ. ايماندار ۽ انسان دوست هجڻ ڪري مشهور. شهر جي مٿين معزز شخصيتن مان هڪ. پر پنهنجي حيثيت جي حلقي ۾ بنهه گهٽ هلندڙ. ذاتي دوستن جو حلقو بلڪل نه — سواءِ زميندار رئيس قربان عليءَ جي. جنهن سان ميٽرڪ تائين هم ڪلاسي هجڻ ۽ هينئر سندس فيملي ڊاڪٽر هجڻ جي ناتي دوستاڻا تعلقات. سي به تڪلف جي حد تائين. زندگيءَ جو هڪ 'روٽين' (Routine) گهر- ڪلينڪ- مريض- مطالعو- ٻارن سان پيار- آچر جي ڏينهن آرام. جنهن ۾ پنهنجي مختصر ڪٽنب- زال امينه، نوجوان پٽ اڪبر، تيرهن سالن جي ڌيءَ ڪلثوم ۽ ٻن سالن جي ڪڪي ساڻ ڪري ڪنهن تفريحي هنڌ تي ويندو آهي.

صبح جو پنهنجي مثالي ڪٽنب سان گڏ نيرن ڪرڻ کان پوءِ ڪلينڪ ويندو آهي. وري هڪ بجي اچي ساڻن گڏ منجهند جي ماني کائيندو آهي، آرام ڪندو آهي. شام جو ڇهين وڳي ڪلينڪ. وري رات جي ماني ڪٽنب سان گڏ. رات جي ماني کان پوءِ ڳپل مهل تائين جاءِ جي اڳيان لان ۾ يا ٻاهر خالي روڊ تي پسار ڪندو آهي، پسار کان پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ اچي پڙهندو آهي- ڪيسن تي ويچاريندو آهي ۽ ڪتابن کي 'ريفر' (Refer) ڪندو آهي. سندس ڪمرو: سادگيءَ سان هر شي رکيل. بڪ شيلف جي مٿئين تختي تي ڪنهن دوائن جي ڪمپنيءَ طرفان ڇپيل ڪيلينڊر، ڪجهه دوائن جون شيشيون

۽ ڪجهه رسالا رکيل. ۽ هيٺين خانن ۾ سندس پيشي سان لاڳاپو رکندڙ ڪتابن کان سواءِ ادب، فلسفي، نفسيات ۽ سائنس جي مختلف برانچن جا ڪتاب نظر ايندڙ. سڄي ڪمري ۾، در جي سامهون، پٽ جي پوري وچ تي هڪ تصوير ٽنگيل: ڪنهن فطري نظاري جي. ڪمري جي سادي سجاوٽ ۽ ڪتابن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر قمر ڪيڏو سادو، گهرو ۽ پنهنجي پيشي کان سواءِ ٻين علمن جو مطالعو ڪندڙ آهي، ۽ سندس ڪٽنب هڪ مثالي ڪٽنب آهي.

رات جي ماني کائڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر پپوءَ کي هنج ۾ کڻيو گهُل تي چمي ڏنائينس. پوءِ وڏن ٻارن کي به ڀڪيان اچڻ لاءِ چيائين. اندر ڪمري ڏانهن ويندڙ زال ڏانهن ڏسي مرڪيائين، ۽ بنگلي جي اڳيان لان ۾ آيو. چهل قدمي ڪرڻ لڳو. اڪبر ڪلثوم به سائس گڏ هلڻ لڳا. روزمره جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا: ڪاليج جون، پڙهائيءَ جون .... انهن ڳالهيون ڪندا پسار ڪري رهيا ها ته سندس نوڪر بخشو اتي آيو.

چيائين: ”صاحب اوهانجو فون آهي.“

”رئيس قربان علي“

”قربان علي؟“ ڊاڪٽر سوالي انداز ۾ ورجايو. پوءِ آهستي، ڄڻ ڪجهه سوچيندي، پڇيائين، ”ته رئيس، ’عمرو‘ ڪري آيو آهي— هون. ڇا ٿو چئي؟“

چئي ٿو ته فون ڊاڪٽر صاحب کي ڏجِ.“

”هون—“ ڊاڪٽر، ڪڪو بخشوءَ کي ڏيندي، وڏن ٻارن کي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ڏانهن وڃڻ لاءِ چئي، اندر، فون جو رسيور رکڻ کان پوءِ ڪي گهڙيون اتيئي، ڪنهن گهري سوچ ۾ ويٺو رهيو. ۽ پوءِ سوچيندي سوچيندي ٻاهر وڃڻ لڳو.

”ڇاهي“ اميمه اندران ڪمري مان نڪرندي پڇيس.

”ڪجهه به نه.“ زوريءَ آندل مرڪ سان ورائيائينس

”ڪيڏانهن پيا وڃو؟“

”رئيس قربان ڏانهن.“

”ڇو؟ خير ته....“ حيرت مان پڇيائين.

”ها ها،“ ڊاڪٽر ساڳي زوريءَ آندل ٻناوٽي مرڪ سان چيو، ”ڪا ڳالهه ناهي. رئيس ڇيو آهي ته ملي وڃ.“

”ته هو عمري تان واپس اچي ويو آهي؟“

”ها.“

”ڪڏهن؟“

”ڪالهه.“

”پوءِ اوهانکي اڄ ٻڌايو اٿس!“

”بس ـــ مان ٿي ٿو اچانس.“

”هيئر ڪهڙو ضرور آهي. سڀاڻي ملجوس.“

”نه ـــ مان منٽن ۾ ٿي ٿو اچان.“

۽ گيراج ڏانهن موٽر ڪڍڻ لاءِ وڌيو.

.... ٿي سگهي ٿو، هي ڪانئون سهڻو.... هن ڪيس ٻڌايو هجي، يا هو سمجهي ويو هجي (؟)

هڪ حقيقت نتيجو.... نتيجو.... نتيجو.... نتيجو ــ نتيجو .... نتيجو ــ نتيجو .... نتيجو .... ٻڪواس: ’ڪانسيڪوئنس‘ (Consequence)

’اوهه، ’آءِ جسٽي فاءِ اٽ‘ ’آءِ ڪين جسٽي فاءِ اٽ‘.... سوڪي ائين ڪرڻ (Oh, I justify it. I can justify it) کپندو هو. بلڪل، نه ته هوءَ تباهه ٿي وڃي ها. ’ييس اٽ از جسٽي فبل: ائيڪلي، مارلي، لاجيڪلي‘ـ (Yes, it is justifiable: ethically, logically) ڪوبه اخلاقي قدر، قانون ڪنهن کي ائين جاڻي ٻجهي ختم .... ـــ (ڇيڪاٽ)

اف! هي ماڻهو: انڌا ـــ مري پوي ها ته چون ها ڊاڪٽر جاڻي واڻي ... مان پنهنجي زال سان محبت ڪيان ٿو

هوءَ مون سان. منهنجي نيت ڪڏهن به ـــ 'لسٽ' (Lust)
'نيور نيور' (Never, Never) بلڪل نه ائين ڪڏهن
به ٿئي نٿي سگهي. ڪڏهن به نه، ــــ پر سوال آهي....؟
'ائبارشن' (Abortion)
هون ـــ اهو ئي 'سالیوشن' (Solution) آهي. 'ييس
وِد آئوٽ دئٽ'.... (Yes, with out that) ذليل رئيس. هنه.
هينئر جڏهن مان ونس وڃي رهيو آهيان، هو ڇا سوچيندو
هوندو: ڊاڪٽر ويساهه گهاتي ڪئي آهي. اعتماد کي ٺيس پهچائي
اٿس. ڊاڪٽر ڪميڻو ـــ نه، ڪچيون گاريون ڏيندو هوندو. هر
سنڌي وڏيري وانگر. ذليل انسان تون آهين. تون ـــ انسان ڪٿي
تون! جنهن پئسن جي هوس ۾ هڪ معصوم جي زندگيءَ
کي تباهه ڪرڻ کان به ڪونه ڪيٻايو. هڪ معصوم، پياري
ـــ ڊاڪٽر صاحب اوهان کي ڇا پڌايان ته مان شهزاديءَ کي
ڪيڏو ٿو پانيان.
فراڊ.
ـــ هوءَ منهنجي زندگي آهي.
ـــ قاتل. سنڌ جا زميندار: هنن کي گوليءَ سان اڏائجي.
گوليءَ سان....
ـــ ڊاڪٽر صاحب ـــ ڊاڪٽر صاحب
هي مونکي ڪنهن سڏيو! هي سڀ هلندڙ مون ڏانهن
ڏسي ڇو رهيا آهن!
ـــ سائين خير ته آهي، ون ـ وي جي ابتڙ پيا وڃو؟
ـــ 'اوهه! 'آءِ ايم ساري' (Oh! I am Sorry) مان
پنهنجن خيالن ۾ پئي ويس. 'ويري ساري'. (Very sorry)
مان 'نروس' (Nervous) ٿي ويو آهيان؟ نه نه ـــ؟
'گلٽي ڪانشس' (Guilty conscious) مون ڪو به گناهه نه
ڪيو آهي.
لئڪ آف مارل ڪريج (Lack of moral courage)

نو، جـو كجهه ٿيندو، ’آءِ ول فيس اِٽ.‘ (I wil face it)

هينئر هو مون سان ڪيئن پيش ايندو؟ ’پولائٽلي‘ .... (Politely) يا ـــ؟ نيٺ ته وڏيرڪي ذهنيت اٿس. ممڪن آهي ـــ مان خود بي عزتو ڪندو سانس

ـــ ڪورٽ

ممڪن آهي؟ ’سپوز.‘ (Suppose) ’بٽ اِٽ از اسپاسيبل ـ؟‘ (But it is impossible)

ڪورٽ جو ڪمرو

’مي لارڊ انسان جي زندگي ايڏي ’چيپ‘ (Cheap) ناهي جو ـــ مان آهيان. ’سر، آءِ ايم ڊاڪٽر، ناٽ پيوري ٽين‘ (Sir I am doctor not puritan) ’ييس سر‘ (Yes sir)

ـــ ’سڊڪشن‘ (Seduction)

نو نو، اِٽ از رانگ. اِٽ از رانگ، (No, No, it is wrong it is wrong)

’فارنيڪيشن‘ (Fornication)

There was voluntaryism between... uuderstanding

’بٽ سر ـــ آءِ وانٽ ٽو سي، (But Sir. I want)

اوهه! ’نيور نيور‘ (Never, Never) to see ڪڏهن به نه.

’وات از موريلٽي‘ (What is morality) اخلاق خود بنهنجي جاءِ تي ’ويگ ڪانسيپٽ‘ (Vague concept) آهي. جيڪڏهن انکي ’رليٽو فارم‘ (Relative form) ۾ نه ڏٺو ويندو. محض بڪواس، ڪنهن حد تائين عجيب ٿي. ’اليوشن‘ (Illusion) سر.

The concept of morality suould be measured in relation to the vital needs of the perticular relative circumstances. Yes, it is the basic principle of ethical science: medical ethics, or social what you may classify...

هنن مخصوص حالتن ۾.... ها سائين، هنن مخصوص حالتن ۾، منهنجو اهو فعل قانوني ڏوهه نه آهي.... نه بداخلاقي- نه ويساهه گهاتي. هڪ انساني زندگيءَ جي اهميت کي آڏو رکي مون اهو هڪ .... فرض سمجهي ٿي — هن جي هڪ اهم فطري ضرورت کي سمجهي ٿي — ها! ڇاڪاڻ ته مون چاهيو، منهنجي اندر جي آواز هيئن، مون انهيءَ کي هڪ اخلاقي فرض سمجهي ڪري ٿي —

مان تسليم ڪيان ٿو ته منهنجي ئي مشوري تي رئيس پنهنجو ڪٽنب ڳوٺ کان هتي شهر ۾ مستقل طور آندو. مان ساڻس اڪيلائيءَ ۾ ملندو رهندو هوس. رئيس کان مون اهڙي اجازت ورتي .... صحيح آهي: رئيس جو مون ۾ مڪمل اعتماد هو. مون ڪيس اهو ئي مشورو ڏنو ۽ بار بار ڏنو ته: سندس ڏينهون ڏينهن وڌندڙ 'هيسترو- مينيا - ڪنڊيشنس' (Hysterio mania conditions) جو علاج صرف شادي آهي. هنکي پيار گهرجي. هوءَ نوجوان آهي، ساماڻيل. سندس 'سيڪسيوئل ارج' (Sexual urge) جي تسڪين لاءِ .... اهو فطري آهي. دوائون: محض عارضي سڪون ڏيندس. رئيس هر دفعي انڪار ڪندي ملڪيت جو سوال کڻو ڪيو. 'يس سر، وات ڪين آءِ ڊو فار هر؟' (Yes sir, what can I do for her) سواءِ مشوري ڏيڻ جي! همدردي ڪرڻ جي! 'سمپٿي' (Sympathy) ڪجهه به ناهي. سواءِ رسمي لفظن جي 'هپوڪريسيءَ' (Hypocracy) جي. ڇا اهڙي لفظي همدردي هنجو علاج ٿي سگهي ٿي. 'نو نو — نو، مي لارڊ نو' (No, No, My Lord No!) مونکي يقين هو ته اهي دورن جا حملا سندس لاءِ هڪ ڏينهن ڪنهن 'فزيڪل ڊفيڪٽ' (Pyhysical defect) جو ڪارڻ بڻجندا. 'بلائينڊنيس، ڊيفنيس، پئرالسس آر ...' (Blindness, deafness, paralysis ...)

'سائڪيائٽرسٽ؟' (Psychiatrist)

مونکي فضول لڳو. اوهان خود ئي سوچيو نہ .... ڪ فطري ۽ ها، مون اها جاچ ڪئي، پنهنجي منهن، هڪ سچي خواهش هيٺ تہ ڪاش، هوءَ هتي شهر ۾ ڪنهن سان 'لو' (Love) ڪندي هجي. جيئن عموماً ڪنواريون ڇوڪريون ڪنديون آهن. ۽ اها ڪهڙي نہ سٺي ڳالهہ هجي ها، جيڪڏهن هوءَ ڪنهن سان 'لو' (Love) ڪري ها، پر هو ڪيڏي سادي سودي، هيسيل ۽ سخت پابنديءَ هيٺ! ممڪن آهي، يقين جي حد تائين تہ هن تصوراتي دنيا ۾ پنهنجو ڪو محبوب بنايو هجي. ۽—

جڏهن تہ فيصلو ڪورٽ ۾ ٿيندو، مان وٽس وڃان (؟) ڳاڙي موٽايان (؟) هرو ڀرو 'مس-بهيو' (Misbehave) ڪري.... نہ، ممڪن آهي 'پولائٽلي' (Politely) پيش اچي. ۽ هن حادثي کي حقيت پسنديءَ سان 'ريئلائيز' (Realise) ڪري، مون سان ان سلسلي ۾ مشورو ڪري. اهو وڌيڪ بهتر آهي. ۽—، اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو. هي منهنجا اجايا انديشا هجن. اجايا .... هن جو شڪ مونتي نہ ويندو هجي. اهو بہ ٿي سگهي ٿو. مونکي ننڍپڻ کان وٺي ڄاڻي. منهنجي شرافت ۽ ايمانداريءَ تي سندس پختو اعتماد آهي. هون، منهنجي باري ۾ ائين سوچي بہ نٿو سگهي. مون جڏهن ڪيس ڇيو: 'رئيس هن ڪيس ۾ ضروري آهي تہ مان سائس اڪيلائيءَ ۾ ملندو رهان.'

چيائين 'ڊاڪٽر صاحب انهيءَ ۾ پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. شهزادي اوهان جو پنهنجو ٻچو آهي. بس رکو....'

'باسٽرڊ،' هيپوڪريٽ' (Bastard, Hypocrite)

'ڊاڪٽر صاحب اوهانکي خبر آهي تہ مان ڇٽن مهينن لاءِ پاڪ ملڪ ڏانهن زيارت لاءِ ويو رهيو آهيان پنهنجا گناهہ بخشائڻ. شهزادي جي پارت....'

ايڏي ڀروسي هوندي مون ۾ ڪيئن ٿو شڪ ڪري سگهي! ڪڏهن بہ نہ. مونکي وٽس وڃڻ گهرجي. پر .... انجي معني ـــ؟ هو هن کي ڏوهي ٺهرائي. نتيجو! غيرت جي احمقانہ

تصور هيٺ ڪيس ماري ڇڏ ــ اوهه! ڪيڏو ڀيانڪ تصور آهي. وحشي جانور. جهنگلي!

’نو نو، شي از انوسينٽ. شي ود نات بي بليمڊ. (No, no, she is innocent. she would not be blamed) مان ’ڪنفيس‘ (Confess) ڪندس. آءِ ول اڪسيپٽ دي ريئلٽي. آءِ ول!‘ (I will accept, the reality I will)

اکيون - نيم خوابيده - چهرو - نهار - چڪ

’هائو بيوٽيفل چارمنگ‘ (How beautiful, charming)

ــ نه نه ــ مان انهيءَ کان متاثر نه ٿيو هوس. ڪڏهن نه نه.

مون رڳو سندس حسن جي ساراهه ڪئي هئي. پر اهو منهنجي ’انٽينشن‘ (Intention) تي اثر انداز نه ٿيو هو. مون سندس ضرورت کي اڳ رکي اڳتي سوچي ڇڏيو هو: ’ڪنٽراسيپٽوز‘ (Contracepitves) جو استعمال - ــ ها، مون ڪيترا ڀيرا پاڻ کان سوال پڇيو هو. سوچيو هو: لاجيڪلي آءِ ڪنوينسڊ ماءِ سيلف‘ (Logically, I convinced) ڪري گهرجي. اهو گناه ٿي نٿو سگهي. نه ويساهه گهاتي نه ئي بداخلاقي.

’ليگل ايسپيڪٽ‘ (Leagal aspect)

اوهو! واضح طور نه سوچيو هوم. سوچي به نٿي سگهيس، ناممڪن هو. ناممڪن پر.

هي اوچتو! اوچتو حادثو! حادثو ئي چئبو.

انهيءَ ڏينهن .... اوچتو ــ بهرحال اڳي پوءِ ٿيڻو هو. رڳو موقعي جو اندازو رکڻو هو. موقعي جو ــ خود ئي - هر احمقانه انداز ۾، غلط وقت تي - پر ڇا ٿي سگهيو.

’جيجي مان هن سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ چاهيان ٿو.‘ چيريل اکين جا ڇپر هيٺ مٿي - نهار - ڳاڙهو ٽپندڙ چهرو - چڪ - چپ چرندڙ - تيز ساهه سڻهي جو اپار لهوار.

شهزادي

مان

آکيون آکين ۾

شهزادي!

اوچتو - ٻاڪر

شهزادي! اهو ڇا

ٻاڪر جي ڇڪ زور سان- ٽڙپ-ٽڙپ 'يس' (Yes)، 'نمفوليپٽڪ' (Nympholeptic) ڇمي- ڇميون

؟— ڇميءَ ۾ 'انيشئيٽو' (Initiative) منهنجو هو.

ها، منهنجو، بيخوديءَ وچان. اها ڇمي؟ همدرديءَ واري پيار وچان- جيئن هڪ ٻار کي ڏبي آهي (؟) ڪو اهڙو ارادو جنهنڪي جنسي معنيٰ ۾ (؟) نه — بلڪل نه.

پر مان سمجهان ٿو ته، پهرين ته منهنجو اهڙو ارادو ڪونه هو، پوءِ هنجي خود- سپردگيءَ ۾ ڀرپور ها، ائين ٿي—

ڇا هي منهنجا ذهني مفروضا آهن؟ هن اڃا 'ريئلائيز' (Realis e) نه ڪيو هجي. اڄ ڪلهه ته آيو آهي. پر اڄڻ شرط مون سان مليو ڇو نه؟ ملڻ گهرندو هوس. پر جيڪڏهن جاڻ اڃا نه پئي هوندس، ته ڪنهن وقت پنهنجي سگهيس ٿي. بلڪل. پنهنجي زال کان پڇيو هوندائين. ضرور. ايندو رهندو هو يا نه. گهڻل ڏينهن کان مان نه ويو آهيان. وڃڻ گهرندو هوم .... هنن گهرايو به ته ناهي! ان جي معنيٰ انهيءَ عرصي ۾ شهزادي نارمل رهي آهي (؟) يا ....

'اوهو ليو اِٽ' (Oh, leave it.)

جڏهن ڊاڪٽر جي گاڏي رئيس جي بنگلي جي مين گيٽ مان اندر لنگهي ته ڏٺائين رئيس، بنگلي جي ٻاهرين پاسي واري ٿلهي تي آرام ڪرسيءَ تي ويٺل. سندس پر ۾ منجهيءَ تي ويٺل ڪمدار، ۽ سامهون ڪرسيءَ تي ڪو ملاقاتي،

سندس پراڻو نوڪر ٿورو پرڀرو بيٺل. ڊاڪٽر ڪار جو دروازو بند ڪري ٿلهي ڏانهن وڌڻ لڳو، اندر جي ڪمري وچان.

رئيس ٽيس ڏسي اڳيئي اٿيو هو ۽ ڏانهس وڌڻ لڳو هو. اڳيئي وڌي، وڌي اکير ۽ قرب سان ڀاڪر پاتائينس.

"ڊاڪٽر صاحب ڪهڙا حال اٿوَ؟" هن گرمجوشيءَ سان هٿ ملائيندي چيو.

"سائين، مهرباني — دعا آهي. خيرن سان سوني آهيو" پوريءَ آندل مرڪ چپن تي. ذهن ۾ مونجهارو، تجسس، ڪجهه ڄاڻڻ لاءِ.

۽ پوءِ اهڙي رسمي گفتگو—

سموري گفتگوءَ دوران ڊاڪٽر اشاري طور به اهڙو انداز لڳائي نه سگهيو، نه رئيس ڪي ڪا اهڙي ڄاڻ آهي. هو پنهنجي شڪي ذهن سان سوچيندو رهيو. سواءِ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي.

ڪجهه وقت ائين رسمي ڳالهه ٻولهه ڪان پوءِ، رئيس ڊاڪٽر کي اندر گهر هلڻ لاءِ چيو. هونئن عام طور، رئيس ڊاڪٽر کي اندر تڏهن وٺي ويندو آهي، جڏهن شهزادي، سندس زال يا وري سندس طبيعت خراب هوندي آهي.

ڊاڪٽر جي دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي. مار — قتل؟— اوچتو خيال آيس. رئيس ڏانهن سوال ڀرين نظرن سان ڏسڻ لڳو. ۽ رئيس جڻ سندس اڻ پڇيل سوال کي سمجهندي، اڳيان ٿيندي چيو: 'اچو سائين، اچو. اوهان ته پنهنجا ئي آهيو. اوهان کان ڪهڙو پردو.'

ڊاڪٽر سندس پٺيان هلڻ لڳو.

اندر گهر ۾: رئيس جي زال ۽ ڌيئس، شهزادي هڪ ئي کٽ تي ويٺيون هيون. هيٺ منجيءَ تي نوڪرياڻي ويٺل. پاڻ ۾ ڪجهه ڳالهائي رهيون هيون. جڏهن ڊاڪٽر اندر گهڙيو ته رئيس جي زال رئو ٺاهيندي ٿورو چري، پري ويٺي ۽ ڊاڪٽر کي نيڪاريائين. نوڪرياڻي اٿي بيٺي، شهزادي ٽڪڙي اٿي ۽ تيز تيز اندر ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي.

"ڪيڏانهن بت، ڪيڏانهن؟" رئيس شهزاديءَ کي ويندو

ذري پڙ ڪئي.

هن ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري، اچا وڏيڪ ٽڪڙي ٽڪڙي اندر هلي وئي.

"هيڏي شهزادي! پٽ ٻاهر اچ، هاڻي ڊاڪٽر صاحب ڪان ڪهڙو ٿي پردو ڪرين".

هوءَ نه آئي.

پٺس وري سڏ ڪيس. ڪجهه حجت ۽ رعباڻي نموني ۾ هوءَ ٻاهر آئي. آهستي آهستي. ڪنڌ هيٺ، نظرون جهڪيل. لڄايل.

منجهيل ڊاڪٽر. 'ڇا ڪيان؟' سوچڻ لڳو.

"ڪيئن ٿئي طبيعت، شهزادي؟" هن رسمي طور پڇيو شهزادي نالو وٺندي، ڪيس ڪجهه عجب عجيب لڳو هن ڪان اڳ جڏهن به هو شهزاديءَ کي مخاطب ٿيندا هو، ته سندس نالو وٺڻ بدران 'ڇا'، 'ڌيءَ'، 'پٽ' چوندو هوس ان دوران لاشعوري طور سندس ڌيان شهزاديءَ جي پيٽ ڏانهن ڪڄيو. هو چور نظرن سان هنجي پيٽ ڏانهن ذري ذري ڏسڻ لڳو. انهيءَ فعل کي شعوري طور خراب سمجهندي به، سندس نظرون هنجي پيٽ تي کپجي ٿي ويون. پيٽ اڳتي وڌيل. وڌيل. نظرن جو دوکو (؟). نه — هلڪو وڌيل (؟) محسوس ٿيندڙ ذهن جو سراب (؟) دوکو. اندازي لڳائڻ جو احساس.

منجهيل ذهن جو — ڪوبه فيصلو ڪري نه سگهيو البت تشويش.

"ويهه." لڄايل، ڪنڌ هيٺ ڪري ٿورو پريرو ويٺا شهزاديءَ کي چيائين. پنهنجو اجنبي آواز خود ٿي محسوس ڪيائين هوءَ ٻيءَ کٽ تي ويهي رهي. سانت. اکيون هيٺ، جهڪيل بدستور

رئيس ڪيس پنهنجي سفر، ٻلي ولايت جي مقدس جاين اتي جي حالتن وغيره جي باري ۾ احوال ٻڌائڻ لڳو. ڊاڪ محسوس ڪيو پيا ڪيس لڳو ته ڳالهائڻ جي وچ ۾ رئيس

ڪڏهن ڪڏهن وقت معنيٰ خبر نظرن سان، ڪڏهن شهزادي جي ڏانهن ته ڪڏهن ڏانهنس پئي ڏٺو.

[...]رت جا پارهن ٿيا، ته هن رئيس [...] ڏانهن موڪلايو. موڪلائڻ وقت رئيس پلي ولايت کان آندل سامان سوکڙيءَ طور [...]س ڏيندي چيو: ”سائين، رکو هن لاءِ اوهانکي تڪليف ڏني هم.“

انجو مطلب ڇا ڏو ٿي سگهي؟ هن اها اهو محسوس ته ڪيو آهي. شهزاديءَ به گهڻي ته کولي آهي. هوءَ ويچاري ڪيئن ٻڌائيندي، پر مونکي حقيقت ظاهر ڪرڻ گهرجي. ٻيءَ حالت ۾ غلط فهميون پيدا ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪيترا مونجهارا — اهو [...] ٻڌائڻ ڏوهه آهي. ٻي معنيٰ ۾ ويساهه گهاتي. ۽ .... ها؟ مون کي سب ڪجهه ٻڌائڻ گهرجي. اهوئي وڌيڪ درست آهي ته رئيس کي سچي حقيقت ۽ اهي اڻ ٺر حالتون ٻڌائي، انيارتمن لاءِ آمادهه ڪيانس.

پر هيءَ مڪمل ’ساليوشن‘ (Solution) ته ناهي هنجي زندگي؟

شادي!

’ييس، ات از آلسو پاسيبل‘ (Yes it is also possible)

سندس شاديءَ لاءِ مجبور ٿئي.

غيرت وچان ماري وجهيس

اوهه! ائين به ٿي سگهي ٿو. اف—! مان .... مونکي گهٻرائڻ نه گهرجي. جڏهن هي سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ مان پاڻ کي ذهني طور تيار ڪري رهيو هوس ته سوچيو هوم مان انهن ڏاڍيڪار قدرن کي ميٽڻ ۽ انهن مطابق هلڻ لاءِ پابند ناهيان، جيڪي عام مروج آهن. مان آزاد آهيان. منهنجي هن [...] تعلق رکندڙ فرد کي مادي توڙي غير مادي نقصان نه پهچي اها هن جي ضرورت آهي. ضرورت علاج جي حد تائين. هن جو ٻيءَ کي جهٽڻ ۽ نڀائڻ جي دعويٰ رکندي، اهو حق ڏئي [...] سگهجي ته هو پنهنجي مفاد خاطر ڪيس جيئري ئي قبر ۾ د[...]

ڪري ڇڏي. ڪنهن نه ٻيءَ ڪي اهڙو حق ڏني ٿو سگهجي.
هون— مون کي 'نروس' (Nervous) ٿيڻ نه گهرجي.
اهڙي حالت پيدا ٿيڻي هئي، 'لاجيڪلي' (Logically).
سچ جي جنگ.
واقعي لڳي پيو ته سچ جي جنگ ٿي آهي. انساني تهذيب
جي اعليٰ قدرن لاءِ. سچ—؟
اسان جي پنهنجن تمنائن جو عڪس آهي. دلي تمنائن جو.
مجرد ۽ لطيف روپ ۾. پوءِ اسين انهن دلي تمنائن کي منطقي
شڪل ۾ پيش ڪري سچ جو نالو ڏيندا آهيون....
؟.... اهو ڪنهن فيلسوف؟ اوهه، 'نتشي' (Nietsche
ان جي معني....
'ايبسوليوٽلي نات' (Absolutely not)
ڇا مان پاڻ کي ٺڳي سگهان ٿو؟
'پئراڊاڪس' (Paradox)
'نيور—نيور.' (Never, Never)
'ايني هائو' (Any How)، بهتر آهي ته مان رئيس کي
هن حقيقت کان آگاهه ڪريان. ۽ اهو هن جي دماغ ۾ وهاريان
ته اهو اڻ ٺر هو. ۽ انهيءَ ۾ منهنجي ڪابه اهڙي نيت ڪانه
هئي، جنهن کي جنسي لذت، جنسي لذت جو مقصد يا اهڙي
قسم جي بد نيتي چئجي. پر.... ممڪن آهي ائين چوڻ سان وڌيڪ
'اينٽيگنائيز' (Antagonise) ٿئي. بهتر آهي، ڪنهن ريت رئيس
کي شهزاديءَ جي شاديءَ ڪرائڻ لاءِ آماده ڪيان. جيترو
ممڪن ٿي سگهي جلد. ها، اپارشن ڪانپوءِ. ايندڙ پهرين ٿي
ملاقات ۾ ساڻس ڳالهائيندس. سواءِ ڪنهن گهٻراهٽ جي. مون
ته ڪو گناهه ڪيو ناهي، جو اجايو ذهني عذاب ڀوڳيان.
ڊاڪٽر اهو سوچي، قطعي اندر ۾ فيصلو ڪيو. ان هوندي
به هڪ مبهم ڪنڪندڙ غيرتسلي بخش احساس ڪنهي گهر آيو.
۽ ٻيءَ ڊاڪٽر جي رئيس سان ملاقات ٿيندي رهي. پهري

۽ دستوري ڳالهيون. ملڻ وقت هر دفعي هن اهڙو ذڪر ڇورڻ لاءِ سوچيو. پر هر دفعي سوچڻ ۽ سوچي ذهني ڪرب ۽ تنتي پيڙا ڀوڳڻ ڪانسواءِ ڪجهه ڪري نه سگهيو. هر دفعي جڏهن اٽل ارادو ڪندي به، چئي نه سگهندو هو ته پوءِ پنهنجو پاڻ تي ڏاڍا جڪ ايندا هيس ۽ پنهنجو من ڇيهه ڪندي سوچيندو هو: اخلاقي جرئت جي ڪمي؟ نه — رئيس جي شخصيت؟ نه — رئيس جو نارمل ورتاءُ؟ نه — باقي ڇا؟ ڪجهه به نه. هن دفعي مان ڪيس ضرور چوندس. ائين چئي ڇڪتاڻ پيدا ڪندڙ سوچ ڏاڍا ڪي ديائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو. ۽ پوءِ وري — منڍ کان اڳ شروعات ڪرڻ لاءِ انداز اختيار ڪرڻ، لفظن جي چونڊ ۽ رئيس طرفان اٿندڙ خيالي نقطن جو خيالي جواب سوچيندو هو.

پر هو وري به ذڪر ڪري نه سگهيو. ۽ نه رئيس ئي ڪا اهڙي ڳالهه ڪئي.

ائين مهينو گذري ويو.

هڪ ڏينهن جڏهن، ڊاڪٽر ڪلينڪ ۾ ڪنهن مريض کي چڪاسي رهيو هو ته رئيس جو فون آيس. جنهن ۾ هن ڪيس رات جي ماني ساڻس گڏ کائڻ لاءِ دعوت ڏني. ظاهر آهي، ڊاڪٽر انڪار ڪري نه سگهيو. ۽ گهر ڇئي جڏهن ائين ته هو رات جي ماني رئيس وٽ کائيندو.

رات جو ماني تي. جڏهن ماني کائي رهيا هئا، تڏهن به رئيس جو ورتاءُ ساڳيو نارمل هو. مهذب ۽ گهرائپ وارو هر بناوت کان خالي پائنجندڙ. البت ڪنهن ڪنهن وقت پاڻ جهڪ ڪنهن گهري سوچ جي تهيءَ ۾ پهچي ٿي ويو. ته وري ڪنهن ڪنهن مهل سندس ڪُل اجائي، سواءِ ڪنهن ڪارڻ جي ٿي لڳي. جڏهن ته ڊاڪٽر منجهيل. ڪنهن مهل ته موڳو ٿي موڳو. ان هوندي به هن پنهنجي ليکي ڪوشش ڪري رئيس کي اهو محسوس ٿيڻ نٿي ڏنو ته ڪو پاڻ غائب دماغ آهي، يا سندس سوچ ڪنهن ٻئي هنڌ آهي.

ماني ءَ کائڻ کانپوءِ جڏهن نوڪر سندن آڏو چانهه رکي ته رئيس کيس چيو، "بس، چانهه جا ٿانو پوءِ کڻجانءِ" نوڪر وڃي ۽ هيءَ در پڪڙيو وڃ."

هو هليو ويو.

"ڊاڪٽر صاحب، اوهان سان هڪ اهم مسئلي تي ڳالهائڻو هو"، رئيس جڻ اوچتو ڊاڪٽر ڏانهن نهاريندي چيو، "انهي ڪري اوهان کي...". "ها ها، چو نه —" ڊاڪٽر پنهنجو پاڻ کي ڪرسيءَ تي ٺاهيندي چيو. ڪوڪلي، بناوٽي مرڪ. اندر ۾ هرڪر، بيقراري سان.

"اوهان ته پنهنجا ئي آهيو، بنهه گهر جا ڀاتي. اوهان سان ڪي ڳجهو —" هو خاموش ٿي ويو. لڳي پيو مناسب لفظن ۾ مقصد بيان ڪرڻ لاءِ پتوڙي رهيو آهي. ڊاڪٽر ڪمرو سندس منهن ۾ تجسس وچان نهاري، سندس لفظن جو بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو.

"سوچيو هو"، رئيس چوڻ لڳو، "شهزاديءَ جي شاديءَ جي باري ۾ اوهان سان صلاح ڪريان."

"هون —" ڊاڪٽر اجا اڳتي ٻڌڻ لاءِ پوري ڌيان سان ڏانهس تڪڻ لڳو."

"اوهان جو ڇا خيال آهي؟" ڪجهه وقفي جي سان کانپوءِ رئيس پڇيو.

"ها سائين، مون ته اوهان کي اڳ ۾ به ڪيترا ڀيرا اهو ئي مشورو ڏنو هو. مان اوهان سان متفق آهيان." ڊاڪٽر ورائيو ۽ خاموش ٿي ويو.

ڊاڪٽر چپ. رئيس چپ. اها خاموشي ڪجهه عجيب لڳي ٿي، خالي خالي. خاموشيءَ جو اهو خال تقاضا ڪندڙ ته ڳالهائي ان کي ڀريو وڃي. رئيس ڊاڪٽر ڏانهن ڏٺو، ڪجهه اهڙين نظرن سان، جن ۾ ڪجهه آکڻ لاءِ توقع هجي ۽ ڊاڪٽر جي اندرين بيقراري، رئيس کان وڌيڪ ٻڌڻ لاءِ اتساهه رکندڙ

انهيءَ خاموشي دوران ڊاڪٽر قمر کي اوچتو خيال آيو: رئيس کي سموري حقيقت کان آگاهه ڪرڻ جو. ۽ سڀ ڪجهه اگلڻ لاءِ چڻ ڪا اندرين قوت کيس همٿائي رهي هجي. ۽ شعور ابتد ڪرڻ لاءِ مناسب لفظ ڳولهيندو هجي.

"ڊاڪٽر صاحب." رئيس خاموشيءَ کي ٽوڙيو. "جي—" ڊاڪٽر اوچتو سجاڳ ٿيندي چيو.

"ڳالهه دراصل هيءَ آهي ته"، هٻڪندي رئيس چيو "شهزاديءَ کي پيٽ ٿي پيو آهي."

"پيٽ!" ڊاڪٽر اکيون ڦاڙي ڏانهنس ڏٺو. رئيس اڌوئي مڇل ڪڪڙيءَ طرح سندس منهن جو رنگ بدلجندو ڏٺو.

"ها پيٽ، شهزادي کي پيٽ ٿي پيو آهي ڊاڪٽر صاحب." رئيس آهستي آهستي چوڻ لڳو، "انهيءَ جي باري ۾ اوهان سان ڳالهائڻو هو. هو گهڙيءَ کن لاءِ خاموش ٿي ويو.

ڊاڪٽر پنهنجي سيني اندر ڌڙڪندڙ دل جو ڌڙڪو محسوس ڪيو. ۽ ڪرسيءَ تي پاسو بدلايو. ۽ پوءِ سڌي پولار ۾ نهاري اکيون ٽمڪايون. ۽ اوچتو چيو. "رئيس"، سندس آواز بدليل هو، "مون کي اڳئي خبر هئي— ها، مون کي ان نتيجي جي خبر هئي، قربان علي."

چند گهڙين لاءِ چپ ٿي ويو. رئيس جون اکيون بيساخته سندس منهن ۾ هيون.

"دراصل.... آ...." هو هٻڪيو، "آ.... دراصل مون کي اڳ خبر هئي— رئيس، شهزادي کي اهو پيٽ مون سان آهي." هن آخري جملو ٽڪڙو ۽ جلدي چئي ورتو.

رئيس ڏانهنس تڪيندو رهيو: عجب ۽ حيرت گهڻي افسردگي وڌيڪ. لڳي پيو هن کي انهن لفظن جي ... هئي ان ڪري سندس اکين ۾ حيرت کان وڌيڪ ڪا ... هن هڪ ٿڌو ساهه ڀريو، سامهون ... ڪان خالي. ...

جو ڪمو يا صدمي جو.

"ها، رئيس، اهو پار مون مان آهي. شهزادي ٻي ذوهن آهي ۽...." هن ڪن رکي چيو، "مان به— پنهنجي پنهنجي جاءِ تي. مون ائين جاڻي ٻجهي ڪيو." هينئر سندس ڳالهائڻ ۾ رواني اچڻ لڳي، "مان سمجهان پيو ته مون کي ائين ڪرڻ گهرجي. هڪ همدرد انسان جي حيثيت ۾." ڪن مٽ ڪانئوءَ وري چوڻ شروع ڪيائين، "اها شهزاديءَ جي ضرورت هئي ۽ آهي. سوال آهي منطق جو. جو اوهان جو مفاد آهي. انهيءَ لاءِ ڇو پڇي؟ ڇا اوهان شاديءَ ڪانسواءِ رهي سگهيو؟ رئيس، معاف ڪجو، اوهان جي ذات بابت.... جيڪڏهن اوهان خراب نه سمجهو ته— منهنجو مطلب آهي.... خير.......

پوءِ ڇا شوءَ انسان ناهي، ضرورت محسوس نه ڪندي هوندي؟ ڇا اوهان فطري ڀڪ کي ٽاري سگهو ٿا؟ معاف ڪجو— اوهان نه سمجهي ۾ الاءِ.... خير—"

"بس ڊاڪٽر صاحب گنهگار..."

"ڪا ڳالهه ناهي رئيس"، هن ڊڪي مرڪ مان چيو. ڇا مٺو مان پريل هئي. "رئيس، مان ڪنهن به اهڙي اخلاقيات ۾ ويساهه رکندڙ نه آهيان، جا ٻئي انسان کي ڪنهن به شڪل ۾ غلام رکي ۽ محض پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ ٻئي انسان کي ڪنهن به نموني ۾ ڇيپائي. هن معاملي ۾ اوهان خود ڏسو ته ذاتي مفاد جو جذبو ڪيڏو نه ڪريل آهي جو اوهان کي هڪ معصوم جي زندگي— سو به پنهنجي نياڻي— بهرحال منهنجي آڏو منهنجو اهو فعل ڪا به بداخلاقي يا گناهه ڪونهي. هتائين منهنجي آڏو، اهو فعل هڪ 'رليٽو مارئلٽي' (Relative Morality) آهي. ها، رليٽو مارئلٽي. يعني ته، يعني ته.... سنڌيءَ ۾ انهيءَ کي جا ڻو چئي سگهجي، نسبتي اخلاقيات. پر اهو لفظ به پورو مفهوم ادا نٿو ڪري. اوهان ته منهنجي مقصد کي سمجهي ويا هوندا.... ها، رئيس قربان علي خان. دنيا ۾ هر شي 'رليٽو' (Relative

آهي... سو مون هڪ معصوم، بي گناهه نوجوان ڇوڪر جي زندگي ۽ سندس بنيادي ضرورت پوري نه ٿيڻ جي حالت ۾ ڀيانڪ نتيجن کي آڏو رکيو. جو ظاهر آهي منهنجي آڏو سڀ کان وڏو اخلاق هو. (۽ آهي.) ان کي اخلاقي فرض چئوس يا هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت سان—

ان کانسواءِ هڪ ٻئي به امڪان کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. هاڻي اوهان خود سوچيو، جڏهن اوهان ڪنهن عورت سان هڪ ڪمري ۾ بند هجو. ۽ اهڙو شڪ نه [illegible] يقين شهزاديءَ کي به هجي. ته اوهان ڇا ٿا سمجهو؟

هوءَ ڪنواري، ڪنهن وقت کان ساماڻيل ڇا سوچيندي هوندي؟ اهو به صحيح چئجي نه ڇا تصور ڪندي هوندي. ۽ اهڙي قسم جا تصور ظاهر آهي ته سندس... بهرحال اوهان يقين [illegible] جيڪڏهن سندس فطري ضرورت، فطري انداز ۾ پوري نه ٿئي ها، ته (يا ٿئي)، سندس 'ريپريسڊ ڪامپليڪسز' Repressed Complexes انتهائي پيچيده شڪل اختيار ڪن ها. (۽ ڪندا.)

ڪيس پوندڙ دورا شدت اختيار ڪري، سندس نارمل شخصيت جا پاڙا ڪري ڇڏيندا ۽ سندس لاءِ جسماني عيب؛ [illegible] ڏائپ، پوڙاڻ، مستقل چريائپ يا ٻئي ڪنهن جسماني عيب يا [illegible] رنگ جو ڪارڻ بڻجندا. مان اوهان کي وري به يقين ٿو ڏيان ته منهنجي آڏو نڪتو سندس صحت ۽ حياتيءَ جو هو [illegible] ڪي جنسيت يا شيطاني خواهش هو."

هو چپ ٿي ويو.

"[illegible]"، هن وري چوڻ شروع ڪيو، "بهرحال مان [illegible] اوهان جي انهيءَ راءِ سان متفق آهيان ته اوهان سندس شادي ڪرايو. پر... منهنجي خيال ۾، انهيءَ کان اڳ ۾ ضروري آهي [illegible] ٻار ڪرايو وڃي. مان اها جوابداري کڻان ٿو. جيتوڻيڪ اها ڪا ڏکي ڳالهه ناهي. مون کي اهو احساس آهي ته، اوهان [illegible] کي روحاني اذيت پهچي هوندي، انهيءَ لاءِ مون کي [illegible]...."

”پر ڊاڪٽر صاحب“، رئيس، ڊاڪٽر جي ڳالهه ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏيندي بيوسيءَ مان چيو، ”هوءَ بار ڪيرائڻ لاءِ تيار ناهي. مان پاڻ انهيءَ خيال جو هوس ته سندس بار ڪيرايو وڃي، پر هوءَ سخت ضد ڪري بيٺي آهي. هن جي ڳالهائڻ مان مون کي يقين آهي ته، جيڪڏهن هن جو بار ڪيرايو ويو ته هوءَ صدمي هيٺ پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويهندي. ها ڊاڪٽر صاحب“، هن ساهه پريندي چيو، ”ان کانسواءِ سيني نوڪريائڻين کي خبر پئجي چڪي آهي. ظاهر آهي ته ڳالهه لڪي.... ڊاڪٽر صاحب، انهن سڀني ڳالهين کي ذهن ۾ رکي اوهان پنهنجي راءِ ڪان....“ هو چپ ٿي ويو.

”رئيس“، ڊاڪٽر هن جي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو، ”هن سلسلي ۾ مان اوهان جي هر ممڪن مدد ڪندس. اوهان پڪ ڏئي ڇڏيو. جو ڪجهه اوهان هن باري ۾ سوچيو ٿا.“

”ڊاڪٽر صاحب.... دراصل مون کي چوندي به شرم پيو ٿئي، پر— ڇا ڪجي حالتون ئي اهڙيون آهن. ۽ .... ڇوڪريءَ جو پيءُ هوندي .... پر.... دراصل منهنجو....“ هو چپ ٿي ويو.

”ته ته— اوهان بي حجاب چئي ڏيو.“ ڊاڪٽر تجسس ڀريل سوالي نگاهن سان ڏانهنس ڏسڻ لڳو.

”ڊاڪٽر صاحب، منهن جي خيال ۾ اوهان شهزاديءَ سان شادي ڪريو.“ هن اوچتو ٽڪڙو چئي ڏنو.

”مان!!؟—“ ڊاڪٽر حيرت مان ذري گهٽ رڙ ڪئي.

”يعني مان!؟“ پوءِ پاڻ سنڀاليندي چيائين، ”رئيس، مان اڳتي شادي شده آهيان، ۽ ٽن ٻارن جو پيءُ. مان پنهنجي زال سان محبت ڪيان ٿو. اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي! اوهان ڪٿي پئي .... منهنجو مطلب آهي ته ....“

”ڊاڪٽر صاحب پئي هند.... اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا ته.... ڪير به ....“

”اِهو ته— هن ۾ ته مان به اوهان جي....“

"پر اوهان انڪار ڇو ٿا ڪريو؟ اهو ضروري ناهي ته ٻي شادي ڪرڻ سان ڪو پهرين زال جي محبت ۾ گهٽتائي اچي. ۽ جڏهن ته شريعت محمدي موجب هڪ ڪان وڌيڪ شاديون ڪري سگهو ٿا."

"پر— پر مان پنهنجي زال سان پيار ڪيان ٿو ۽ هن سان گڏ زندگيءَ ۾ مطمئن آهيان...... ۽ رئيس"، هن لفظن تي زور ڏيندي چيو، "مان هڪ ٻي وقت هڪ ڪان وڌيڪ زالون رکڻ جي اصول کي نندڻيان ٿو. اهو عورت سان نسورو ظلم آهي عورت جي سخت توهين. انسان جو مذاق." هن پاسو بدلايو، "ان ڪانسواءِ، رئيس، مان اهڙن اصولن، احڪامن يا قدرن کي نندڻيندو آهيان، جنهن مان انسان کي غلام رکڻ يا هن جي ڪنهن طرح سان توهين ڪرڻ جي اجازت هجي. پوءِ اهي اصول شريعت جي ناليَ ۾ هجن. اخلاقي قدرن جي ناليَ ۾ هجن يا سماجي ضرورتن جي ناليَ ۾ هجن...."

"پر شهزاديءَ جي پيٽ ۾ ٻچو اوهان جو آهي. اوهان جو تخم"، رئيس غصي ڳاڙهو هلڪي جارحانه انداز ۾ چيو،

ڊاڪٽر خاموش. منهن ڳاڙهو ٿيل.

منهن جو تخم؟ تخم؟؟.... بليڪ ميل ڪرڻ ٿو چاهي. ذليل. ڪريل ذهنيت. ڊاڪٽر کي تڪڙا تڪڙا خيال آيا هن پاڻ کي نروس ٿيندو محسوس ڪيو.

"رئيس"، ڊاڪٽر پاڻ تي ضابطو مڙهيندي چيو، "منهنجي آڏو ٻار ڪيرائڻ ڪو مسئلو ناهي پر جيڪڏهن .... جيڪڏهن اوهان ٻار ڪيرائڻ نٿا چاهيو، يا اوهان جي ذهن ۾ اهو وينل آهي ته، اهو حرامي ٻار آهي— اوهان ان جو خيال نه ڪندا.... بهرحال مان سائنس شاديءَ ڪري نٿو سگهان. اهو ناممڪن آهي. ناممڪن."

"ڊاڪٽر—" رئيس ڊانهنس نهاريو ۽ هلڪو مرڪيو. ڊاڪٽر کي انهيءَ ٺڪي مرڪ ۽ نهار ۾ ننگي مڪاري

... آني.

"ڊاڪٽر، اوهان پنهنجي عمل ڪي ڪٿي ڪهڙي ... انداز ۾ پيش ڪري، پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ... اسان جا سماجي قدر.... ۽ پڻ قانون.... اوهان کي...."

رئيس قانون جي لفظ تي زور ڏنو ۽ اڳتي صاف گوئيءَ سان پنهنجو مقصد ٻڌائڻ جي جرئت (شايد) ساري نه سگهيو. ان ڪري هڪندي ٿڙلفظ ڳالهائڻ لڳو. جيئن ڊاڪٽر مشتعل نه ٿئي. پر هو ائين ڪرڻ ۾ ناڪام ويو ۽ چپ ٿي ويو.

ڊاڪٽر پنهنجي لڳايل اندازي مطابق ان کي صاف ڪيو:

"اوهان جو مطلب آهي ڪورٽ؟"

"جي؟ نه نه – منهن جو اهو مطلب ته ناهي.... پر...."

"اوهان ڪورٽ ۾ وڃي سگهو ٿا." ڊاڪٽر ڪهرائي سان ... فيصلي ڪن انداز ۾ چوندي اٿيو ۽ ٻاهر وڃڻ لڳو.

رئيس سڏيس، هن ان تي ڪو به ڌيان نه ڏنو.

ڊاڪٽر، ٻاهر بيٺل پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهي زور سان در ... ڪري، ڪار اسٽارٽ ڪئي.

ڪار ۾ ٻهرين ته ڪيس هلڪي پڇتاءَ ۽ پنهنجي انتهائي ... بي حسيءَ ڳڌ، مبهم طور پنهنجو پاڻ پنهنجن نظرن ۾ ڪريل هجڻ، بي عزتو ٿيل ۽ ڏوهي هجڻ جو احساس ٿيو. پر پوءِ ذهن کي جهٽڪو ڏني، شعوري طور ان احساس کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ويو، جو ڪيس انهيءَ لاءِ ڪافي وزني دليل هئا. پڻ ان سان گڏ ... مطمئن هجڻ جو هلڪو هلڪو احساس ڪيس اندر ئي اندر ... ڪرت، ڪرت ڪرڻ لڳو.

"ذليل. ڪميڻو." ڏند ڪرٽيندي ٻڙڪيائين.

"ڪورٽ. هن، 'آءِ ول گو ديئر (I will go there)' ... اصل مون کي اڳ ۾ ئي هن سان ذڪر ڪرڻ کپندو هو. ... ڇڏهن عمري ڪان واپس آيو هو. احمق آهيان. بزدل." پڇتاءَ.

اڪيون شهزاديءَ جون، چڪ، ٻاڪر، بي خوديءَ ۾ وڇاڻ،

چمي، چميون، تڙپ، خود سپرد ٿي سڀ چمي سو ڏيئي

'ڪنٽراسيپٽو' (Contraceptive).

مون، جلدي بازي....

چهرو شهزاديءَ جو، چڪ، تڙپ.

لاشعوري طور؟— پوءِ مون 'ريليٽو مارلٽي' (Relative morality) جو جواز ڳوليو، شعوري سطح تي — پنهنجي اندرين غير واضح خواهش کي 'جسٽيفاءِ' (Justify) ڪرڻ لاءِ.... (نو نو) (No, No) قطعي نه 'ائبسوليوٽلي نات' (Absolutely not) مان پاڻ کي ٺوڪو ڏئي نٿو سگهان. ڪڏهن به [illegible] مان پاڻ کي دوکو ڏئي نٿو سگهان. مون سندس زندگيءَ ۽ ضرورت کي نئي آڏو رکي جيڪڏهن منهنجي آڏو محض خواهش جي تسڪين هجي ها ته مان بين ڪيترن هندن.

'اوهه، ڊيم اٽ.' (Oh, damm it)

۽ ڊاڪٽر خالي ذهن سان گاڏيءَ جي اسپيڊ تيز ڪندي [illegible] ٻڌي، گهر ڏانهن وڃڻ لاءِ.

— ڊربي ٣-١١-١ع

۵۸ ڪهاڻي- سواءِ سري جي

ڀاڻ اڃان نه آيو!

اڄ مڙئي طبيعت ۾ فرق پئي پانيان. هلڪائي پئي لڳيم. ڪنگهه به جهڪي آهي، پاسو ورايان، الا! منهنجا رب! ڪٿ ني هڪ ئي هنڌ، جسم ئي سڪي ويو آهي، ڇا ته ٿي وئي آهيان: هڏن جو پڃرو. نه مٺن ۾ نه جيئرن ۾. هفتي ڪن ڪان ته شڪل به ڪونه ڏٺي اٿم. آئينو ڏسان. ٿهيو ٻاهه ڏينس. اجايو وري. بس آهٺين مهيني ڪان مٿي — هن حال ۾ وري ڪهڙو آئينو ڏسان. سمجهان ٿي ته شڪل ڪهڙي مور ٿي وئي هوندم. بس وڌ ۾ وڌ مهينو. باقي رهيو ئي ڇا اٿم جو جيئڻ جي آس ڪريان: هڏن جو پڃرو انهي ۾ ساهه جو پکيئڙو، سو به پوين پساهن ۾. اجهو ڪي اڏاڻو.

ڀلا هن ڏک ڪرڻ مان، ڳوڙها ٽمائڻ مان ڪي ورندو؟ هٿائين وڏيڪ هروڀرو جان جلندي. ڀلا جان جلائڻ مان ڪي وري ته ڪٿي جلائجي، نه ته هروڀرو.... ڀاڻ ته وسان ڪين گهٽايائين. وٽ ڪان وڏيڪ ڀاڻ پتوڙيو اٿائين. شل سدا جڙيو هجي نه ته هيترا مڙس ڪٿي! هن حال ۾ به نڀائي پيو، جس هجيس. اڄ جا مڙس آهن جو....

پر اڃا ڪونه آيو؟ هن مهل تائين ته آفيس مان اچي ويندو آهي، اچڻ سان ئي پهرين هتي منهنجي ڪوٺيءَ ۾ ايندو، ڳوريون ڪارائيندو، آٿت ڏيندو. پوءِ لڳندو پئي ڏنڌي سان. معني ته اڃا ڪونه آيو آهي. مهل ته ڳپل ٿي وئي اٿس. پانيان ٿي ته ساڍن ڇهن ڪان به مٿي ٽيم ٿي ويو هوندو. متان ايندو هجي! ايندو ئي هوندو. اوير سوير ته اوس پئي ٿيندي آهي.

— ائي ڳوريون.

گورين ڪانءِ جي محل ۾ آهي، ڪڏهوڪو ئي مان هن ويچارن ۾ـــ پاڻ اچي هتي سان ڏيندو آهي. ڪيس خيال نہ هوندو. پر ڪو ڪم ٿي پيو هوندس. ٺهيو مان ئي ٿي ـــ هن سڪيءَ ڪي ڇا ٿيو! هيءَ تہ هن محل تائين اچي نڪرندي آهي. اڃان بہ اڳيرو، ڪو ڪم ٿي پيو هوندس. نپٽيءَ ڪي هجي ٿابس، نہ تہ اڄ ڪير ٿو ڪنهنجي ڪري؟ منهنجي ڪيريءَ جو ڪري، سندس ماني تنهن ڪان سواءِ. ٿيم تي اچي دوا پياريم، برکهور ۾ تہ نہ ڏني اٿئين تتي نہ ٿڏي ـ پيا ميٽ آهن جو هونءَ تہ ٺهيو، آئيءَ وبل بہ آڱوٺو ڪڍيو ڏين، ويڙهو ساڳيو، رت ساڳيو، ڪا اوپرائپ آهي! بس زماني جا رنگ آهن، پنهنجا بہ پراوا تہ ويجها بہ اوپرا! ماسيءَ سڪينہ ماءُ ڪي بہ جس هجي، نہ تہ ڪير ٿو پنهنجي پيٽ ڄايون ائين ڇڏي؟ منهنجو تہ ساٿس ڪو ارواح انڪيل آهي. ننڍپڻ ڪان ئي وني گڏ ڪيڏيون ڪڏيون آهيون. اڃان ڪڪي هئي تہ هنج تي کڻي گهمائيندي هئي سانس.

ائي ڏنئي! وري هي ميون گوريون دل تان لهي ويو، ڪٿي گهي ڇڏيان، ڇڏيو تہ هنن بہ اندر ساڙي آ، اصل جهري ٻاهم پئي ٻريم. دل تہ گهڻو ئي ٿي چويم تہ ٽڪ هڻي ڦٽو ڪري ڇڏيان. هاڻي باقي رهيو ئي ڇا آهي، جو ـــ بس سندس اڃايو زورـــ ڪن ڏينهن جي تہ ـــ ها، باقي رهيو ئي ڇا اٿم؟

ـــ (ڏک، پري پيڙا)

هن محل تائين تہ اچڻ گهربو هوس. ڏي شل خير ڪري، (ڳڻتيءَ، آلڪي ۽ اوسيڙي جو احساس. احساس جو گهرو ٿيندو وڃڻ.)

(اوچتو): مان!.... (مرڪ) هيءَ بہ جو ڳم آهي. ماز بہ چوان تہ ـــ پاڻ هاڻي ڪڏهن ڪڏهن دير ڪيو ڇڏي. هيءَ بہ ساڳي محل، نہ تہ هن محل تائين. پئي هتي هوندا آهن. هون (مرڪ جو ڦهلاءُ) هاڻ سمجهيم.

مونکي به ڪٿ ورتي سال اڇي پريو آهي، ڀانيان ٿي تہ پروڪي سياري ڪان ـــ ها، سال ڪن پوءِ ڪيئن ٿو رهي سگهي ڇهڙو مڙس. مان تہ سندس اندر جي ذري پرزي مان ڳهيل آهيان. منيا ڀلا انهي ۾ سندس ڪهڙو ڏوهہ مان هر حال ۾ سچو سال ڪريل، ڪنهن نہ ڪم جي، پوءِ، هيءُ نيٺ بہ تہ مڙد....

.... تنهن ڏينهن ڀنگيائيءَ سان ڀئي مس پر ڪيائين. الائي ڪهڙا ڀئي سرڀات ڪڍيائون، مان تہ وهنجڻ واري جاءِ ۾ هيس، سمجهي نہ سگهيس، ڀلا هن منيءَ بيماريءَ .... پر سمجهان ٿي تہ ـــ نيٺ عورت آهيان، ڪٿ ورتل آهيان تہ ڇا ٿيو؟ دماغ تہ سالم آهي، ڀلا ان ۾ سندس ڪهڙي اربع خطا! پاڻ تہ روڳي ڪونهي. جي چڱي ڀلي هجان ها تہ دل ۾ ڪيان ها ڇا؟ اهي پيون رنون آهن جو مڙسن کي ٿيون ـــ نہ تہ اهو مڙد جو شان آ. ڀلا مڙد ڪيئن سڏجن! منهنجي ڀنگيائي لڳي تہ ڏني مٿي ڀئي، مان بہ ڇوان تہ پاڻ اڳئين پوڙهي ڀنگيائي کي ڪڍي هن ڏنيءَ مٿيءَ کي رکيو اٿائين. جي هيءَ رن چڱي آهي تہ پاڻ بہ ڪو ڳهٽ آ ڇا؟ شهزادو آ، شهزادو.

ها پوءِ ڀنهي جي مس ڀس بند ٿي وئي هئي، ها ها ـــ سمجهان ٿي تہ ائين.... ڪيس ڪهڙي سڌ ٿي تہ مان وهنجڻ واري جاءِ ۾ آهيان، ۽ ڀئي ٻڌم. ٻڌم ڇا، جڻڪ ڏنم ڀيو ـــ چپ ماريو وئي هيس تہ متان شڪجن.

ـــ ۽ ان ڏينهن شوڪوءَ ماءُ بہ حق ٿي ڀئي ـــ آهئين هي رنون ڀيڪر آهن، نہ سهڻو، ڀيڪ ڏنائين: 'مٿي، مڙسهن نہ ـــ' مان سمجهي ويس تہ ڇا ٿي چوي، ڇهڙي رن، ٺهڪائي ڏنو مانس 'انئي چو نہ، ڪهڙي اربع خطا ڪيائين؟ اهو تہ مڙس جو شان آ. نہ تہ مڙدانگي ڪيئن سڏجي'.

رن وٺي تہ ڀڄري هوندي. وري نہ ڪڇيائين ـــ ۽ ان ڏينهن هن ڏائڻ ـــ ڏالو بہ منيءَ جو آهي ـــ نجي ماءُ ٿي سندس ڳاءِ چيو ـــ آهئين هي رنون ساڙ سڙيون آهن. وڏيون ڀڙسا تہ

ڻهمن. هون! مونکي ڇڻ ڪل نه ڪانهي، سندن پٽي پٽي جي ڄاڻ اٿم، ته ولڙهي ۾ ڪير ڪنهن سان ۽ سندن مڙد به — رڳو ٻاهريون ڏيک اٿن. مڙني جي شرافت ڪي ڇاڻان ٿي. ساليون ته ٺهيو، ڇڏيون ڀاڄايون به ڪونه اٿن. مڙني جو ڳجهه ڏٺو پيو آهي. باقي جي هن ڪڇهه ڪيو ته رنن ڪي پيٽ ۾ ولوڙ اچي پيو. هنـا! اصل پنهنجو ڇرڪو هوندن.

اٿي سڪي شودي، مان به ڇوان ته مٺي، منهنجي پرگهور ۾ مريو ٿي وڃين. جيڏي ڪيڏي مهل ڀڳي ڀيٺي آهين، اصل ساهه پٽي گهورين، پر اي مٺي، مان سڀ سمجهان ٿي، سڀ ڪي ڪيتري وقت کان ويٺي ڄاڃيان. هڪڙي ڀيري ڇيو هئائين ته: 'ساهڙيون ته ههڙيون هجن.' اهو ٻڌي تون شرمائجي وئي هئينءَ ۽ هن کليو هو. مان اهو سمجهان ٿي، ۽ ها — هڪ ڀيري ته اوهان ٻنهي کي اکين ئي اکين ۾ ڪڇهه ڇوندو — اٺي! ڪتو هڪ ڀيرو، مان ته ڇوان ٿي، جڏهن کان ڪٽ ٻلي ٿي آهيان، سو ڪاٽ هٽڻ — نپٽي، واهه جي تو ساهڙپ نڀائي آهي، هان ڙي — پرگهور منهنجي، رڳو ٽالي ۾، مطلب پنهنجو، مان به ڇوان ته —

پر آئي ننڊوري، مان ڪا ارهي ٿوروٺي آهيان؟ نه نه، مٺڙي نه، ايئن ناهي. جڏهن ڪٽ ورتم ته نه ڄاڻ ڇو لڳندو هيم ته تون ۽ پاڻ — اهو ائين لڳندو هيم يا ڪا هينئن‌ءَ جي سڏ هئي ته تون هن گهر جي — ۽ توکي ۽ هن کي ڳالهائيندي، ڪل ڀوڳ ڪندي ڏسندي هيس ته پانءَ دل ٻئي ڪڏندي هئي، ها، قسم سان من پيو ٻهڪندو هو، ۽ اندر ۾ ڪا آس ڪر موڙيندي هئي ته: تون ۽ پاڻ — آئي! مون سان قسمت ڪئي:

(ڏک پري پيڙا)

جڏهن ڪٽ ورتيم، دل ڇيو ته بس هائي ڇيهه آهي. هائي ڏٺي: ڇا وڃي بچيو آهي. بس ڪي ڏينهن: اچي پڄاڻان. ڀلا ان جو ڪيتو پاڻ ڇو لوڙي، نيٺ اڳي پوءِ ڪا ته اچڻي آهي،

چوري، ساڻس اهڙو جڙندڙ جهڙي منڊيءَ تي نڳ.

(اکين ۾ تري آئي پاڻي)

راڻي ڪري راڄ ڪرائيندءُ. جي چڱا ڀير پرنيس ته دل تي راڄ ڪنديئنس. سندس مٽ پنهنجن ۾ آهي ڪو سهي؟ ڇا مڙدانو حسن. ڇا ڏيا، ڇا قربائتو، نج سون ٿئي ڙي.

شل جڙيو هجي.

اُئي مان ڪو سڙان ٿو روئي ٿي. من، مون سان ته قسمت ڪئي. هن ڇمار ۾ ان تي ڪنهنجو وس. ڪو وسيلو. هاڻ ته اها وڃي آس رهي اٿم، ڪيس اکين آباد ڏسي وڃان. مون ڪڏس ڏنو به ڇا آهي؟ ڏک ڏولاوا— ٻيو ڇا؟ وس پڄيم ته هٿن سان لاڏون لهرائي وڃي قبر پيڙي ٿيان. اندر ته ڏريل هوندم. پلا دم تي ڪهڙو ويساهه، هن حال ۾؟ باقي بچيو ئي ڇا اٿم. هڏا ۽ چم. هن روڳي پيري ۾ ڦاٿل ساهه جو پکيئڙو اڄ اڏاڻو ڪي سڀاڻ.

اچي ته چوندي سانس. پڇاڙيءَ جو اهو قرب ڪري، جيئرو ئي سگهي. منهنجي هوندي ئي — ڪيس اکين آباد ڏسي، سک سان ته ساهه ڏيان....

پر اڇا هيءُ!؟

ڪا مهل ٿي اٿن!

پر هيءَ شودي به ڇڏيس نه. ڇهني پئي هونديس، ڇڙ ٿيو. آهي ڪنواري، ٻاڻ به ته — مان ته سندس اندر جي ذري پرزي مان گهميل آهيان. پيار ڪرڻ ته ڪانئس ڪو سکي. دل ئي نه چوندي هئي، ڪانئس پري ٿيندي، بس، انئين ساڻس پئي هوان، ڇهنيل. رنون سڙنس به تڏهن ٿيون نه، هيءَ ته اڇا چوزي آ، ٻانيان ٿي ته مون ڪان وڏ ۾ وڏ چار سال ننڍي هوندي، ۽ هن عمر ۾.... نپٽي آهي به ته — خير، ڇڳ ٻلائيءَ ۾ مان به ڪا گهٽ ڪانه هيس. بس، هي ته نصيب جو کيل آهي، هن ئي ڇمار ۾ وبل وهائي ڇڏيائين. ڪهڙي جواني ڏنم، ڪهڙي جواني

ساڻيم؟ ڇا ڇوڙيم؟ تنهن ڪان ته نه ڄمان ها، خير، ڏينءَ جي ڏو، ڪو وس ڪنهن جو.

ڪني هوندا: وڏي سڃي ۾؟ ڪوٺيءَ ۾؟ هون، ڪوٺيءَ ۾ ئي هوندا. پڪ ئي پڪ، مان نه ته اتي ئي هوندي هئي ساڻس نه- ڄ: اهي ڳهڙيون، اهي ڳالهيون، اهي— پاڻ ته....

ڪوٺيءَ ۾ ڪا ته ڳالهه آهي جو- پاڻ ته ان ڪوٺي ڪانسواءِ- مٿيءَ ۾ ڪا ته اهڙي ڳالهه آهي! نه انس ڪ روشني، نه وري ڪا ٻاهرئين پاسي ڪان ڪا دري، نه ٻه ڇمر ۾، ٻاروهي ٿڏڪار لڳو پيو هوندو اٿس. منجهه مان سو هلڪي روشني ايندي اٿس. نه ته ٻيو خير باقي ڪجهه اوندهه، ڪجهه روشني. ڪي ڏينهن اهي ٿيا آهن، مان ته اڪين وري ڏٺي نه ڪانه آهي. هيءَ ڪٿ ۾ مان. ميون دوائون، ٻاهر نڪين سيون سار پوي مقدر ناهڻ واري ڪي، اهو نه ڏٺائين ته— هن ئي حمار ۾—

(ڏيان)

هيءَ مس پس!؟

ها، اندران پئي اچي ڪوٺيءَ مان.

”—؟“

هيءَ ته سندس آواز آهي:

”ڪيئن ڇا تون سمجهين ٿي نه— او ڇري، ڪو انهن تون ڀروسو ڪر نه....“

اڳتي الائي ڇا چيائينس؟

”—؟“

هيءَ ته ڪي جو آواز آهي. الائي ڇا ورائيائينس؟

”—؟“

هيءَ سندس آواز آهي.

”—؟“

منهنجو نالو ورتائين. الاءِ منهنجي ... ڇا ... چيائين

يا سيان مرندي؟.... نہ نہ، اُئين نہ ٿيو هونداءِنس! ويساهہ ڄڻ ته نٿو اچيم، مون غلط سمجهيو آهي، ڇٿو پڌڻ به ته نٿو اچيم، پر جي ڇيائين تڏهن به ڇا؟ ڪو ڪوڙو ٿورو ئي آ. مون ۾ هاڻي رهيو ئي ڇا آهي، جاڻي ته ڇوي ٿو: اڄ نہ سڀاڻ مرندي.

پر اي نپٽيا، مان به ته اڪيلي ٿي ڇوان ته، پنهنجن هٿن سان ميندي لائي، وڃي قبر پيڙي ڏيان. پڇاڙيءَ جو هنن نندورن نيڻن سان توکي خوش ٿي ڏسي وڃان. مرڻ ته توکي ڏنو ئي ڇاهي: نياڳ، روڳ، ڏک ۽ ...

اڙي! منهنجي اکين ۾ ڳوڙها! مٺا! ائين ته نه ٿيو.

ٻٽي، هي ڳوڙها تہ..... (ڳوڙها ڏيئي ۾، مرڪ ڇپن تي).

چپ تہ —

ڏيان:

هي آواز؟

ڇڪت ٿيہ — پاڻيان ڪٽ جو؟

مٺوهات —

"—؟"

ها، هيٺر.... پاڻ مون کي ته سنڌس عادتن جي — نبت ساٿس —

نياڳي چپ تہ.

ڏيان:

......

....

اُئي منہس! هيءُ مون کي ڇا ٿيو آ: آيہ ساهي، ڇاتيءَ ۾ ڏڪو، لنو لنو ۾ ڇڻ ڪجهہ ڏوڙي ويو. پکهر ۾ شل — ۽ هيءُ....

؟؟— آواز تہ نٿو اچي؟ اڄا نہ نڪتا!

ڪٿي هيءُ منهنجو اهاڙو وهم تہ — ڏيئون ٿيس ائين ڇا ٿو ٿيندو وڃيم!؟

هوءَ اوسيئڙي ۾ هوندي.

پوڙها پنج پيا ٿين، ڇا ڪجي، نوڪري ناهي نوڪري آهي، غلامي: ذهني ۽ جسماني غلامي. رت ست نچوڙيو وڃي. جي ڪٿي ڪيچ ته: لڪ ايڪسپلينيشن، سائين گهر گهات وارا آهيون، پنهان ڪا بيماري هوندي، ڪو گهر جو ڪم ڪار هوندو. نيٺ رت ته انهن لاءِ ٿا ولوڙيون. ذري جو به احساس نه. انيس ٽائيم ڪانهوءِ جو وڃڻ - چيو ناهي، شوريل اکيون وڃي هيٺيون جهلين، ڇهڙون ڇايو ڏين. ڇڻ پورهيو نٿا ڪيون، خيرات ٿا گهرون. پنهنڙ ڪي به ماڻهو عزت سان ورائيندو آهي: بابا معاف ڪر. ييٺ لاءِ ڪرڻو ٿو پوي نيٺ زنده رهڻو آهي. اسان جهڙن ماڻهن ۾ ي زنده رهڻ لاءِ غلامي ڪرڻي آهي. ڪيڏي ذلالت، مثال ڀونگ ته قومي خدمت آهي. ياڻ وتن عياشيون ڪندا، رڳي ٿين صحيح ڪرڻي، .صيب اسان هيٺين لاءِ. ڇا ڪجي. مجبوري -

گوريون به ڪاڏيون هونديون الاءِ نه؟ انتظار - ظاهر آهي. سندس ذهني ٽينشن جو ڪارڻ بڻيو هوندو. اهو سندس لاءِ ٺيڪ ناهي، ڪيس هر حالت ۾ مطمئن ۽ نارمل رهڻ گهرجي. سندس لاءِ اهو ضروري آهي. مون ته ڪيترا ڀيرا سمجهايو اٿمانس، پر اهو ڪنهن حد تائين فطري به آهي، ڏکي بيماري ۾ ائين ٿيندو آهي. سو به ڪنهن مدي ڪان گهٽ ورتل ماڻهو، نيچرل آهي، دوا نه هن پياري هونديس، گوريون - سي به هن زوريءَ ڪارايون هونديس. ڪجهه وقت اوسيئڙو ضرور ڪيو هونديون. اهو ڇڻ هڪ نيم بنجي ويو آهي ته، ان مهل جون گوريون ۽ صبح جو آفيس ۾ وڃڻ کان اڳ ۽ رات جو دوا مان ڏيانس. منجهند جي دوا سڪينا پياريس.

جيتوڻيڪ اهو ٺيڪ ناهي، اوير سوير ته آهي ئي سهي ۽ اسان جهڙا ملازم ماڻهو، پين جي وس، پنهنجي وس جو ته سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي، محتاجي جا ٿئي، زنده رهڻ لاءِ،

پر سندس عورتاڻو ضد: شام جون گوريون منهنجي هٿن سان وٺندي، اها ڇوٽي سچ آهي ته بيمار جو ضد ٻار جي ضد سمان ٿئي. پر اهو ڪو ايڏو اهم مسئلو ڪونهي جنهن تي مان پنهنجو مٿو پيو کپايان، اصل ڳالهه آهي ته مون کي هر حال ۾ سندس خوشيءَ جو خيال رکڻ گهرجي، اجايو پيو ڳڻتي ڪيان. سڪينه اهڙي آهي جو-زوريءَ ڏنيون هونديئنس. جوءَ ته مونکان ٻه وڌيڪ ٿي سندس خيال رکي. ها، جيڪڏهن هيءَ ويچاري هٿ نه وٺندائي ها ته-

ڪهڙي نه سماجهي ۽ لچاري آهي. ويچاري ساهڙپ ٽوڙي ماڻيءَ جو حق صحيح معنيٰ ۾ ادا ڪيو آهي. سواءِ ڪنهن غرض جي. شايد هجيس، نه ته هيڏو سارو ويڙهو آهي، ڪي داريان ڪونه آهن، ڪنهن جي به ڪن تي جونءِ ڪانه چري سندس هوندي، هنجي بيماريءَ جي تڪليف جو ته ڇڻ مونکي احساس ٿي نه رهيو آهي، ههڙيون نينگريون ڪٿي؟ باقي جنهن گهر ۾ ويندي-

اڙي ها، سچي، تنهن ڏينهن مائس ٻڌايو ته اينهڙ مهيني مڱڻو ڪرائي ڇڏيندسين، ۽ پوءِ مهيني اندر شادي.

'بس ابا، مٿان ٿيو بار لاهڻو، نياڻي آ- نيٺ ڪيترو وهار بس، هڪ ڏينهن ته شينهن ڪلهي چڙهڻي آهي. پنهنجا ٻار ۽ آهيون انو....'

منهنجي خيال ۾ انو سندس لاءِ ٺيڪ ور ٿيندو. سڻو سڌريل آهي. روزگار سان. شڪل شبيهه ۾ به ويل ڪونه آهي، پر شڪل ٿي ڇا ڪبو؟ وڏي ڳالهه ته سڌريل آهي.

چئه، سندس لاءِ گوريون وٺيون هيون. ويچارن ٿي ويچارن ۽- مونان اسٽور واري جو قرض به چڱو چڙهي ويو آهي سمجهان ٿو ته ٽي-چار سئو ٿي ويا هوندس، ڪٿي پنج سون کي نه ڏڪ لڳو هجي! گذريل ٻن مهينن کان پائي به ڪانه ڏني اٿمانس. دوائون به ڏينهون ڏينهن وڃن چڙهنديون. نه آهي

حد نه حساب) قرض — ۾ هزار کن ٿي ويو هوندو. اُنس مان ڏوائس، دڪاندار چاهه ڇا ٿيندو....؟؟

(گهٽيءَ جو وجود کي ورڪوڙجڻ!

ٺهي ويندو، حياتي آهي ته پيو لاهيو. رڳو سس جان جي، پيسن جو کوڙو ساهه اصل گهڻو زندگي جي آهي، هي لاها چاڙها ته مزي جي ابتدائي آهن.

ڪيڏو نه شريف آهي، هيترا ڏوائن جا پيسا ٿي ويا اٿس ۽ محسوس ٿي ٿيڻ نه ڏنو اٿائين، فائدو ــــ؟

مان سمجهان ٿو ته ـــ پر ڊاڪٽر ته چوي ٿو، ٺيڪ ٿيندي پئي وڃي. موهنکي ته ڪو خاص فرق نظر نٿو اچي. باقي ڇڏيو ڇا اٿس، هڏا ۽ چم. ممڪن آهي ڊاڪٽر رسمي طور آٿت ڏيندو هجي، سندن پيشوئي اهڙو آهي. مريض کي، سندن ساٿين کي پراميد رکڻ ضروري ٿيو پوي. هڪ قسم جو نفسياتي اثر. هوندن ۾ اميد وڏي شي آهي، اميد جي آسري تي سڄي دنيا ٽڪي هلي، موهنکي پراميد هئڻ گهرجي، ڪڏهن به اُٺين- خدا نه ڪري، سوچڻ نه گهرجي. ڏٺي چاهي ته ڇا ٿو ٿي سگهي. اڄ جي سائنسي دور ۾ ڪجهه به ناممڪن نه آهي، رڳو پيسو هجي، هوءَ ته اجايو....

'اِس مهيني کان وڌيڪ جيئري رهي نه سگهندس، ته مهنجي لاءِ....'

نه نه — چري، ائين نه چئو'

موهن: هڏا ۽ چم، مشڪل ڇڙهي!

نه — روڳي انسان اهڙيون نااميدي جون ڳالهيون سوچي، اهي فطري آهي، بيماريءَ جي حالت ۾ زندگيءَ مان دلچسپي ختم ٿي ڪانه ٿي، پر — موهنکي ائين سوچڻ نه گهرجي، مان ته تندرست آهيان، پر سندس ناچاڪائيءَ موهنکي به ڪنهن حد تائين ــــ ... گهرجيم ته کيس آٿت ڏيندو رهان. زال جي حيثيت سان هنڌ نڀائيندي اٿس، موهني پلهار وبندي هئي. اهو احساس ڏئي ...

ڏنائين ته ڪي منهنجو الڳ وجود آهي، هر خواهش پوري ڪئائين. هر طرح جو خيال، نه ته اڄ زالون آهن جو مڙس کي ٿيون نوڙا ڏيکارين. مجال آ ڪو مرد — پر هن ته مون سان —

بيماري: اها ته قدرت جي وس جي ڳالهه آهي، اڙي ها، سندس لاءِ فروٽ به وٺو آهي، مٿان ڪلهه وانگر وسري وڃيم، هيءَ ويسر ته — سندس ئي بيماريءَ ڪري؟ الڪو ته رهي ئي ٿو، سڄو گهر ڏانوان ڏول ٿي ويو آهي، گهر ڇا، سڄي زندگي ڏانوان ڏول ٿي وئي آهي، ڪهڙا نه خوش هوندا هئاسين. پنهنجي حال ۾ مست. گهر جي ننڍڙي دنيا. جائي به تندرستيءَ جهڙي نعمت دنيا ۾ ٻي ڪانه آهي، هاڻي گهر ڪهڙو نه ويران ويران ٿو لڳي. ڄڻ ته ڪو راڪاس گهمي ويو هجي. ها، عورت جو وجود ڪنهن گهر لاءِ ڪيڏو نه لازمي آهي، گهر ۾ عورت آهي ته زندگي آهي. نه نه — شايد، عورتون وري ائين سوچينديون هجن: گهر ۾ مرد جو وجود لازمي آهي، گهر لاءِ دراصل ٻنهي جو وجود لازمي آهي.

ها، ڏاڍو مزيدار ٽوٽڪو هو: زال ۽ مڙس پاڻ ۾ نه ٺهندا هئا. زال ٿلهي ته مڙس سيڪڙو، پاڙيسري سندن جهيڙي کان تنگ ٿي پيو، سو هڪ ڏينهن وٽن اچي سمجهائڻ لڳو: 'زال ۽ مڙس هڪ ئي زندگيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن، جيڪڏهن هڪ ڦيٿو خراب ٿي پيو ته، زندگيءَ جي گاڏي نه هلي سگهندي'، ان تي ٿلهي زال جي سنهڙي مرد، پهرين زال ڏانهن پوءِ پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي وراڻس ته: 'ميان، جڏهن هڪ ئي زندگيءَ جو هڪ ڦيٿو ٽريڪٽر جو ۽ ٻيو ڦيٿو رڪشا جو هجي، ته پوءِ ڀلا ته اها زندگيءَ جي گاڏي ڪٿان هلندي؟'

ويچارو سمجهائيندڙ پاڙيسري پيلڙو منهن ڪري واپس هليو ويو. دراصل جتي ٻنهي جو وجود لازمي آهي، اتي ٻنهي لاءِ ذهني هڪجهڙائي به لازمي آهي. نه ته گهر ٻسو ۽ جهيڙي جو اکاڙو، زندگي نامڪمل ته نهيو، پر مرڳوئي زهر....

جي هيءَ مري وئي ....

(ڳڻتيءَ جو گهرو احساس، هن ڀيانڪ سوال سان، ته پوءِ ڇا ٿيندو.)

نه نه، ڌڻي خير ڪندو، مونکي جڳانيءَ جي اميد رکڻ گهرجي.

(پاڻ کي ڏڍ ڏيڻ باوجود به، ذهن اندر زوريءَ گهڙي ايندڙ خطري جو احساس)

هو: "اڄ دير ٿي وئي"، مرڪي، معافي طلب انداز ۾ "دراصل ...."

هوءَ: "مونئي خير آهي"، ٻهڪندڙ چهري، مرڪ ڇڻن ٿي

هو: "دوا پيتئي؟"

هوءَ: "ها."

هو: گوريون به؟" هاڪي مرڪ.

هوءَ: "هاـــ اڄ مونئي فرق پيئي پائيان".

هو: "ها ها، تون خدا ڄي جلد نوبني ٿي ويندينءَ، ڊاڪٽر چيو ٿي ته تون هاڻي تيزيءَ سان تندرستي ڏي وڌي آهين...."

هوءَ: "اهي مٺا ڊاڪٽر ته انهن ڏي ڇرندا آهن، نه ته ڪمائي ڪٿان ٿين."

هو: "نه نهـــ پنهنجو ڊاڪٽر مجيد ڏاڍو ايماندار ۽ شريف انسان آهي. ڏس نه، توکي ڇام شوري جي وڏي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ هن ويچاري ڪيڏي نه ڏاڍي ڪوشش ورتي، پر هتي ته آهي انڌي نگري وڏن ماڻهن جي سفارش ۽ پيسو...."

هوءَ: "ڇاهه ڏينس مٺي کي، ان ماڻهي جي شڪل به ڏٺي ٿي هئي. سڀئي هٿي پڙڻ ڪري ڇڏيو اٿائين."

هو: "نه نهـــ ڇري، انهيءَ ۾ پنهنجي ته ڇڱائي آهي. نيڪ تندرستيءَ لاءِ اهو ته سهڻو پوندو."

هوءَ: "لهو ڇڏ ان مٺي جي ٻچاره" مرڪ سان.

هو: "سڪينا ڪانم ٿي ڏسجي، هلي وئي؟"

هوءَ معنيٰ ڀريل نظرن سان، هلڪا مرڪيل چپ ٿهلائيندي، ڏانهنس غور سان ڏسي ٿي.

هو: ”تون اڄ سچ پچ خوش ٿي نظر اچين.“ خوش ٿيندي.

هوءَ: ”ڇو نه ٿيندس.“ مائي جي هلڪي ادا: ڪنڌ ۽ جسم جي لوڏ، معنيٰ ڀريل نظرن ۽ ڀڪوڙيل پر ٿهلايل چپن سان، مائي ۽ سرڪ جي انداز سان خوشي لمندڙ.

هو: اڄ ڄاڻي ٻائي ٻهڪين پيئي—“

هوءَ ٿلڪو شرمائي ٿي.

هو خوشيءَ، عجب ۽ پيار ڀريل نظرن سان ڏانهنس ڏسي ٿو. پني ڇپ. ڪي ڪن رکي—

هو: ”ها— سڪينا وئي هاڻي؟“

هوءَ: ”سڪينا—؟“ معنيٰ ڀريل سوال، ساڳي ادا سان ٿلڪو مائو.

هو: ”ها“

هوءَ: ”پر سڪينا ته اڄ صبح کان پوءِ آئي ئي ڪانهي.“ ساڳيون معنيٰ ڀريل نظرون.

هو: ”ڇا چيءَ! آئي ئي ڪانهي!“ اچرج.

هوءَ: ”نه—“ ساڳيو معنيٰ ڀريل انداز.

هو: ”ڪمال آ! ته تو دوا ۽ گوريون پاڻ ئي کاڌيون؟“

هوءَ: ”ها، پلا انهيءَ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي.“

هو: ”تعجب آهي“.

هوءَ: ”ڇا جو؟“

هو: ”هنجي ۽ مان ۾ ڏيڍ سان پهتس، توکي ڪيڏي نه تڪليف ٿي هوندي— پلا ڪئن کاڌي اٿئي؟“

هوءَ: ”ها، اها صبح جو ئي ڏيئي وئي هئي. ڇو؟ ڇا ٿيو؟“ معنيٰ ڀريل سوال: ڪجهه ڪوڻ لاءِ.

هو ڪي ڪهڙيون چپ.

هوءَ پڌڻ لاءِ ڏانهنس اچرج ۽ سونجهه وچان ڏسندي رهي ٿي.

هو خاموشي ٽوڙيندي: ”تہ— هيئر ٿي وڃي ونهواهہ ۾ ڏينهن ڇا؟“ ڪلي مذاقي انداز ۾.

هوءَ: ”ونهواهہ!“ ڏڙڪندڙ دل.

هو: ”ها....“ خوش ٿيندي، ”توکي خبر ناهي؟“

هوءَ: ڪنڌ سان ناڪار ڪري ٿي.

هو: ”مونکي بہ ڪلهہ پئي ٿيون ڏينهن سڪينا ماڻ پڏايو تہ سندس مڱڻو ايندڙ مهيني انوءَ سان ڪندا.“

هوءَ: ”انوءَ سان!“

هو: ”ها. تاريخ بہ ٻڌي اٿن، شايد ٢٩ چنڊ جي. سون سمجهيو توکي خبر آهي جوڙي واهہ جي ٿيندي.“

هوءَ: ”انوءَ سان!!“ سڙهينگهہ آواز ۾ ورجائي ٿي. ۽ لڱيس ٿو: ڄڻ ڪانئس ڪجهہ وڃائجي ويو. اوچتو ٿي اوچتو ڪري پئجي پيو. اسالڪ ڪنگهہ جي دوري ۾ وچڙجي وڃي ٿي. هو اٿي پنيءَ تي هٿ ڦيرائيس ٿو ۽، ۽ وري گهبراهٽ سان گلاس ڪٽي پاڻي ڀرڻ لاءِ ٻاهر گهڙامنجيءَ ڏانهن تکو وڌي ٿو.

گلاس ڀري واپس اچي ڏسي ٿو: هوءَ ڪنگهہ ۾ وچڙيل، ساٽي ٿيل، سندس حواس خطا. تڪڙو تڪڙو ڊاڪٽر ڏانهن وڃڻ جي خيال سان ٻاهر پڄي ٿو، هن خيال کي خيال ۾ نہ رکندي، تہ تيستائين هوءَ جيئري بہ هوندي يا نہ—؟

—سوجهرو ١٩٧٥ع

پلاند

جتي هن ڪان ڪي گهڙيون اڳ گهونگهٽ ڍڪيل ڪنواريون ڏانهن وڃڻ ڪري، جڳمڳ ڪندڙ روشنيءَ ۾ عورتن جي چڙيل سڳنڌ هوندي هئي، سانت، ويراني ۽ هڪ قسم جي اڪيلائي ڇانيل هئي اتي ايندڙ ڄڃ جي گوڙ، شرنائن ۽ دهلن جي سرين ۽ عورتن جي رس ڀريل آوازن زندگيءَ جي ڀرپور وير آڻي ڇڏي:

ڦڙهي گهوٽ، گهوڙي آيو—
ڪٿي آيو،
ڪٿي آيو،

گهر ۾ گهوٽ شرط پهرن، سؤنن، ماساتن ۽ ڀين جيڏين سرتن دهل سنڀاليو، ٿالهه ڪنيو. مٺو سريلو گهري، ڀرپور ۽ سچي جذبي ۾ وهنتل آواز، جنهن ۾ خود انهن ڪنوارين نينگرين جي آس اميدن، خوابن ۽ ارمانن جو اولڙو هو، رات جي سيني کي چيرڻ لڳو:

رک صندليءَ تي پير،
منهنجا مور لاڏا!
گهورون گهورني پيڻ،
منهنجا مور لاڏا!
منهنجا مور لاڏا....

ڪنوار پهريون پيرو پنهنجي ساهري گهر پير رکيو. باچاهه پير جا پلاند هيٺان، جيڪو گهوٽ-ماءُ پنهنجي رئي مان ڏاهيو هو، پئي — گهوٽ گلڻ ۽ سندس ڪنوار— وک وک ۾ ڏجهندا، سيج ڏانهن وڌڻ لڳا. هلندي گلڻ کي هلڪو ڏاهو آيو جو موڙن ۾ سڄو منهن ڍڪيل هيس. ماڻس جي واتان نڪتو —منهايون، ابو منهنجو! ضرب تہ ڪانہ آيئي؟"

”نہ اما.“ گلڻ موڙن هيڻان، اندران ئي ورائيو.

پوءِ گهوٽ ماءُ مائن گڏ وگڏ ۽ اڳيان اڳيان هندڙ نينگرين ۽ زالنائن کي ڇهڙ ڏيندي چيو: ”ميون، دڳ تہ ڇڏيو، ويهڻ تہ ڏيون، پوءِ پيون ڏسجو.“ سندس آواز ۾ تيزيءَ سان گڏ دہيل غرور جو اهو پاڇولو بہ هو، جيڪو هر سوپ حاصل ڪندڙ وجود مان بکندو آهي. ۽ پوءِ، ڪنوار کي سيج تي وهاري رڙ ڪيائين: ”وهڻا!“ ۽ ان سان گڏ، دهل جي ڇوڪري ويڻل نينگرين ڏانهن مهڙ ڪري چيائين: ”ڇوريون، هٿ هلايو، ساهہ ڪونہ اٿو ڇا!“ ۽ پاڻ بہ دهل ۽ گڏيل لاڏي جي آواز ۾ لئي تي پير ۽ ٻانهون هلائڻ لڳي:

منهنجا مور لاڏا،
منهنجا مور لاڏا....

جيتوڻيڪ هن کان اڳ لاڳيتو ڳائڻ ڪري سندس نڙي ويهي وئي هئي. آواز ڳرو ۽ گهگهو ٿيو ئي نڪتس. پر ان آواز ۾، ۽ لڪاوت ۽ اوچاڳين هوندي بہ، پيرن ۽ ٻانهن جي چرپر ۾ جان هئي، انساهہ هو ۽ ڀرپور امنگ جو اظهار هو. وري ڳائڻ ۽ جهمر ڇڏي، دهل وارين کي ”ها ها، هٿ هلايو، آواز ڪيو“ جي هدايت ڪرڻ لڳي: ”تڪو هٿ هلايو، پيا بہ وهڻا ڪٿي اچو، منهنجي رائيءَ کي گرمي ٿيندي هوندي!“

ان وچ ۾ گلڻ مردن ڏانهن وڃي چڪو هو. منهن ڏسڻ جي رسم شروع ٿي —

”ائي گهوٽ ماءُ، مبارڪان هجن ٿي، چوڏهين جو چنڊ سٺيو اٿئي!“

”ادي منهنجي، خير مبارڪ، ڌيءَ جا لک لائق.“

”گلڻ - ماءَ ننهن تہ سون ملي اٿئي. وڏن ڀاڳن واري آهين.“

”ها امڙ، منهنجو گلڻ بہ ڪو گهٽ نہ آهي.“

منهن جي ڏسڻ جو سلسلو هلندو رهيو- ڀيڻرون، ماسيون، سئونون، ماساتون اوڙي پاڙي واريون....

”ادي- گهوٽ ماءُ، توهان کي مبارڪ هجي.“

گلن- ماءَ پڌو ٿي- پڌو ڪري رڙ ڪئي: ”اڙي ڪٿي رهي تہ ڪانہ؟ پاڻيان ٿي، قاپان رهجي وئي آهي. ڪٿي آ گهوٽ جي پڦي؟ آ— ٿي قاپان، ڪٿي آهين، تو منهن ڏٺو؟“ بيزاريءَ جي لهجي ۾.

”اچان ٿي ادي، ڪڪي کي ڏوڙاري وٺان.“

”اڙي پڙي، سيگهہ ڪر، اڄا مڙد رهيل آهن. منهنجي رائي ٿڪل آهي، تہ جلد وڃي آرامي ڏين.“

نوجوانڙين جا ٽونڪر پريا آواز آيا:

”آرامي وري ڪٿان ٿيندا، اڄا تہ سڄي رات جاڳڻو اٿن!“ ڪلن جا ڪوڪريا پئجي ويا. اڄا ڳل بند ٿي ڪانہ ٿي تہ ٻيو آواز آيو:

”رائيءَ جو ٽڪ نوڪلائي ۾ پاٿهي لاهي ڇڏيندو ماسي، تون گهٽي نہ ڪر.“

ٽهڪن جا ڦوهارا نڪري آيا.

”ڇوريون آهيو، ڇٽيون آهيو. اتو ڪا وات کي جهل!“

گلن- ماءُ ٻہ ڳلڻ لڳي. ڌيل ڪل، جنهن ۾ اندر ئي اندر مان آڌمو ڪئي ڦوهاري وانگر اڇل ڪائيندڙ خوشي هئي. گدگد ٿيندي چيائين: ”اها ڪهڙي آ، اڙي نوران! ڇوري، ترس، تنهنجا بہ ور مان ٽڪ نڪرندا. هينئر ٿي ٿي رائي کي سنڀالين!“ هيڏي هوڏي نهاري: ”اڙي نوريءَ ماءُ! ڪٿي آهين؟ ٻڌين ٿي ڏيٺين کي؟- چاڙهينس شينهن ڪلهي، نہ تہ ڇوري هٿن مان ويندءِ!“

— ٽهڪڙو.

گلن ماءُ وري واڪو: ”اڙي قاپان، پڙي، رب کي ڏس، جي هڙ ۾ ڏوڪڙ نہ اٿئي تہ ڇڏينس ڪري. متي سيگهہ ڪر، راتو اوسيڙي ۾ هوندم.“

* * *

موجود، گهوٽ جي سيني وڃهن مٿن ماٺڻن ۽ ڪنوار جو

منهن ڏنو. هئو مئو ٿري. لاڏن، دهلن ۽ شرنائين جو آواز بند ٿي چڪو هو. مڪمل سانت هئي. مهمان مڙا ٿڪ ۽ ننڊ سبب جتي جن کي جاءِ ملي هئي، سمهي پيا هئا. ڪونگهرن جا پرڙات بتي پيا. روشني به ڏڪل ڏڪل ۽ ساٽي ساٽي ٿي لڳي. ڪنوار ۽ت هينئر گلڻ ماءُ سميت باقي ڪي ڇوڪريون ۽اڪريون وڃي ڇپيون هيون. گلڻ ماءُ ڪنوار جو گهونگهٽ ٺيڪ ڪندي، موجود ڇوڪرين کي چيو ته ”هاڻ لڙ لاهيو، نڪرو هتان ته گهوٽ پنهنجي ونيءَ سنڀالي.“ نينگريون هڪ هڪ ٿي ٻاهر نڪتيون. گهوٽ سينگاريل سيج واريءَ ڪوٺيءَ جي در تائين آيو. ماٹس وڏي ڦرب، اتساهه ۽ ڀرپور خوشيءَ منجهان ڪيس ڀاڪيءَ ۾ آئيندي، ڪنوار جي لڳولڳ وهاريو ”هان، ماءُ گهور وڃئي، سنڀال پنهنجيءَ راڻي کي. مان ٻاهر نڪران ته اندران ڪڙو چاڙهي ڇڏ، پر ترس“، کيس ڪجهه ياد آيو، ”مان کير آڻي ڏيانءِ.“ هوءَ تڪڙي تڪڙي ٻاهر نڪتي، سندس هلڻ جي چال ۾ جتي اپهراڻي هئي، اتي اُمنڊڙ خوشيءَ جو اظهار به هو. کير جو جڳ ۽ گلاس آڻي ڪوٺيءَ ۾ رکيائين ۽ گلڻ کي ڪن ۾ ڪجهه سرٻاٽ ڪرڻ ڪانپوءِ، سندس نرڙ تي چمي ڏنائين ۽ ڪڙي تڙي آواز ۾ چيائين، ”هاڻي در ڏئي ڇڏ.“

ٻاهر نڪري، در ڀيڪڙيندي، کيس اوچتو ئي اوچتو، اٿلڪي ۽ مڪمل خوشيءَ جو ڀرپور احساس ٿيو. ”ابا گلڻ، ڪڙو چاڙهي ڇڏ.“

اندران ڪڙي چڙهڻ جو آواز ٻڌائين. ان آواز سندس دل تي گهرو ۽ وزني اثر ڪيو ۽ اٿاهه خوشيءَ ۾ ڪڏڪا ڏيڻ لڳي. دل جي تيز ڌڙڪ پاڻ چٽيءَ ريت محسوس ڪيائين. کيس لڳو ته پاڻ صدين کان ڪو سپنو ڏسي رهي هئي، ڪا آس سانديندي پئي آئي، سا اڄ تڪميل جي چوٽيءَ تي پهتي هئي. ڪوٺيءَ واري در کي پٺ ڏنائين ۽ ذهن جي اک سان ان ۾ اندر ليئو پاتائين. گلڻ جو جانئو جواني وارو مردانو وجود،

سوڀاري ۽ برتر حيثيت سندس ذهن جي اڪ ۾ نڪ ٻڌي بيٺي. مساڳ، لڳل چپن تي مرڪ ڦهلجي ويس- ڳهري ۽ اٿاهه مرڪ جنهن ۾ من اندر ٿيندڙ جشن جو پڙاڏو هو.

هن ٻاهر نهاريو، جنهن پاسي مڙد ستل هئا. لڳيس، سڀ مرد ماڻهو سمهي پيا آهن— گلڻ پڻ ءُ ٻه.

هيءُ آتي ٿي ڳهوٽ- ڪنوار واريءَ ڪوٺيءَ جي چائنٺ ڪان ٿورو پريرو، گلم تي ليٽي پيئي. اندر، من ئي من ۾ ڦوليون هڻندڙ خوشيءَ ۽ سانڊيل خواب جي تڪميل جي احساس، سندس ننڊ کي ڪوهين ڏور ڀڄائي ڇڏيو. ماڻجندڙ ڀرپور احساس جي لي واري وهڪ ۾، کيس ياد آيو جڏهن کيس پهريون ڀيٽ ٿيو هو، تڏهن ڏٺيءَ در ڪيڏو ٻاڏايو هئائين ۽ ٻاسون ٻاسيون هئائين ته ”شل نينگر هجي.“

مڙسهنس ۽ سندس ڏير ياروءَ شرط هڻي هئي. پوءِ گلڻ جو ڄم، سندس زندگيءَ جو ٻيو جنم ٿي آيو. گلڻ جي ٻت ۾ کيس، پنهنجي وجود جو اولڙو نظر ايندو هو.

اندران گلڻ جي ڪنگهڪار جو آواز آيو ۽ ڪٽ جو چيڪٽ. سندس ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويو. اڻ چاتل اندرين خواهش ۽ تجسس وڇان در ۾ نظرون کپجي ويس. وري سندس ذهن جي اڪ اندر ليئو پاتو: گلڻ جي جاننئي جواني وارو مڙدانو وجود، سوڀاري، مٿانهين ۽ برتر حيثيت. ڪنوار ٻيوس، مضبوط هانيءَ واري گلڻ جي ور چڙهيل— گاڻ، جو سندس وجود جو هڪ حصو ئي هو. کيس ائين ڏسندي هڪ قسم جي ڀرپور خوشيءَ، لي ۽ لذت جو مڪمل ۽ اونهو احساس پئي ڏيو، ۽ اهو احساس سندس لڱ لڱ ۽ انگ انگ ۾ اوتجي ٿي ويو، ۽ ان سان گڏ سندس ڦهليل مرڪ ۾ ڪا معني ڀرجي ٿي ويئي.

هوءَ انهيءَ مڪمل ۽ ڀرپور لي کي ماڻيندي، ڳهري ۽ اٿاهه احساس مان لنگهي رهي هئي ته اوچتو سندس ذهن ۾ سندس شاديءَ جي پهرين رات تري آئي: اڻ وڻندڙ. کيس ياد آيو،

جڏهن هن سندس اوگهڙ سان هٿ چراند ڪئي هئي ته سندس ڪيڏيءَ ذلت ۽ بيعزتيءَ ۽ بيوسيءَ جي احساس هيٺ روحاني اذيت پهتي هئي. سوچيو هئائين، هوند زمين ڦاٽي پوي ۽ ان ۾ دڦجي وڃان. ۽ ان ڪانپوءِ پهتل جسماني ايذاءَ، سندس روح کي فنا ڪري ڇڏيو هو.

هن وقت، ذهن تي تري ايندڙ ياد ۾، اهو احساس ۽ شادي جي پهرينءَ رات پهتل جسماني ۽ روحاني پيڙا واريءَ حقيقت جو ڪٿو به ڪونه هو. رڳو لاشعوري وهڪ ۾ تري ايندڙ ياد جي حد تائين ٿلهي ياد سواءِ ڪنهن احساس جي. اهو سوچيندي، سندس چپن تي هلڪي مرڪ ڦهلجي ويئي ۽ ان سان گڏ ذهن جي پردي تي، اندر، گلڻ سان گڏ پوريل ڪنوار جو جسم تري آيو- ائين، جيئن شاديءَ جي پهرينءَ رات سندس هو- بيوس قاتل، روحاني ۽ جسماني اذيت ۾ ورتل. پر ڪنوار جي اذيت ۽ بيوسيءَ جو تصور ڪيس مزو ۽ تسڪين ڏيڻ لڳو- عجيب قسم جي تسڪين! گلڻ جو تصور جيڪو هوبهو ڪيس پنهنجي مڙس جي پهرينءَ رات وانگر مڪارو، مضبوط ۽ جارح نظر آيو، ان جي هر جارحيت ۾ ڪيس پنهنجي وجود جو پاڇو نظر آيو ۽ سندس پيل انا، غرور جي شڪل وٺي اسرڻ لڳي ۽ چوٽيءَ تي چڙهڻ لڳي.

سڀڪ ۽ چوٽيءَ تي چڙهيل انا هيٺ، غرور، تڪبر ۽ سوپ جو احساس سندس سڄي وجود ۾ تيزيءَ سان ڊوڙي ويو. ۽ ڏنائين ڪنوار کي جيڪا گلڻ اڳيان بيوس هئي، ۽ ڏنائين گلڻ کي، ۽ پوءِ گلڻ ۾ پنهنجو پاڻ کي....

گهري اطمينان، تسڪين ۽ سوپ واريءَ برتريءَ جو احساس سندس رڳن ۾ ڊوڙڻ لڳو.

صبح جو جڏهن هوءَ ڪمڪار ڪاڻ هيڏانهن هوڏانهن هلي رهي هئي، ته سندس هلڻ جي لوڏ ۽ انداز مان ماٺيل سوپ جو چٽو احساس بکي رهيو هو.

— نئين زندگي ۱۹۷۵ع

ڪاري

انجام پارڻ لاءِ: وقت ۾ واجهه وڌل، وقت ڇميل، رڙهي نڪري ڳيا ٽڏا ساهه. اٽاوڻ مٿ. آماڙيون اندر ۾، پڇي راس نپيڙ آس. آسائيون اکيون. ڏانوان ڏيل ڪنڌ ماندا، اڻ-پورا جواب. ڳتال ورائيون. منڊيل مٿي وقت رڙهي ٿي نتو.

جهرمر تارا، آپ ۾ آسيون. اندر ۾ ماندا. چوڦير اوندهه جون چونيون. ٽڪنڊ لهنڊ آسائيو مٿ. بک ۾ پاهه، پوءِ به اجهل وڃڻ آهي هولي جا پيڙا وڌل. مٿان: هوريل آس جهوڻي ٿي ڇهي پري.

اوندهه جون چونيون. پڏل لوڪ. پرپر ٽڏڪار جي ورڪا ۾ ڏونهين. آسائتيون اکيون آپ ۾ ڳتل. اجهل وکون پيڙا چڙهائيندڙ. اٿل آيل: چوڦير نگاهه. ساهه مٿ ۾. پوءِ به جوکو پيرن هيٺان لتاڙيندڙ وقت تي لانگ ورايل. اٽڪيل ساهه. اجهل وکون. يار ڏانهن. رئي جو پٽڪو. مڙداڻي همٿ. وک وک ۾. اندر جي آدمي جي ڇير تي اجهل وکون. پير، پير ۾.

اوندهه جو اٿاهه سمنڊ جهاڳيندڙ. من جي اک سان هرگس چلڪندڙ. ڪئين پيرا لتاڙيل، تنهن ڪري ڇاتل سڄاتل. اجهل وکون ديري ۾، آس مرونڊيل. اباڻڪو مٿ. جو، ڪاريءَ وارا ڪک. اڄ به يار نه آيو!

اوسيئڙي ۾ اکيون پنل. منڌل مٿ. هتي، هن هنڌ ڪئين پيرا ماٺيل- وڃايل، وڃائي ماٺيل، ماٺي- وڃايل گهڙين جي سڱنڌ ۾ نپيون. آڏکو:

اڄ نه آيو!

هورا- ڪورا اٽڪيل ساهه، جي.

اوس اينو.

آئت من کي.

مڃاڻ.

ڪنڪو، پر شڪ جو ڪس نہ. اندو وبساھ. اندي
من وانڪر.

اڃهوڪي پرياڙيءَ جو پهر—

اوندھ جي پاتال ۾ اوسيڙي پنل نيڻ آسانتا. آڻ - تڻ.
عورا ڪورا.

ڪڙ-ڪڙ. سڪل پن لٽز هيٺ آيل. اڏاھ سرهاڻيءَ هيٺ،
اوسيڙي جو عذاب گهٽيل.

انڪل، ڪوڙو روساءو:

دير ڪيئي؟

اک لڳي وئي هئي.

منهنجي اک نہ لڳي. سومهڻيءَ ڪان وئي پئي واجهايم.
پرچاءَ. ايلاز. منهون ايلازن جون. ميڙن منٿن ساڻ.

نونڪر: شابس ٿئي.

وري نہ ٿيندو،

انجام

ڏاڙهي

رهاڻ. اڻ-ڪٽ ڳالهيون.

ٻوريل آس ڇٽي پئي، متل، ماندائڻ ۾ اڏل. وير ڇڏي ڪي
ڇهڻ لاءِ تڙپڻ لڳي. ڏرتيءَ کي ٻوانتي آئي.

جهڻ جو انڪاءَ:

اڄ نہ ٻچايون

اڄ

ساهي ڪار ناهي

انڪيل جهون، جهاڪا ڪائيندڙ ساھ. ڪهڻ جي ڪڏ
جي ٻوءِ ۽ ٻيڙين پيتل ساھ ۾ ٻولائيون.

بس!

ساهي وٺان
وٺ نہ ڏيندي ساڻءَ
ادمبر وچان اڀام

وري ساڳي ڪار. هر لوچ مينهن جي بولاٽي. هر بولاٽي
ــن جو ڏنگ. هر ڏنگ آڏيڙيندڙ ساهہ. بولاٽيءَ جي هر لوڏ
ــياٽيءَ جي جوت جلائيندڙ. تارن جي اک ـ ٻوٽ. جهر ـ مر
ــر. اونداهہ جي ساگر ۾ ڇوليون. ڇوليون ڊهندڙ ـ اُٿندڙ.
ـ ٺت سنساو ڇولين جو. ڪپ کي رسڻ لاءِ آتيون. لانگ،
لانگ تي. وقت تي لانگ ورايل. وقت بيٺل. ڌرتي بيٺل. ديرو
ــ. سڀڪجهہ وڇايل. اوجهل. پاڻ بہ.

آڏڙيل ساهہ ٻولار ۾ تيڙ ڪائيندڙ. وير ڇنڊ کي ڇهي
ــاٻس ورندڙ. ۽ پوءِ ٺاپڙ، ڇوڪير سانت. ساٿي ڌرتي. ساٿو ديرو.
ملڪي ٽڏڙي هير، ساٿن لڱن کي ڪتڪائي ڪندڙ. آڏڙيل
ــ هن کي منواريندڙ.

ڪا مهل ائين—
موڪلايون
وري انجام
سيان هن ويل؟
نہ ـ •
پرهينءَ
روز روز نہ ــ آڙڪ نہ ٻوي
هتي؟
پلي
نہ ـ ڪنجيءَ واري ٻل تي
ٻر
چنچلتا:
چرءُ
اک نہ لڳي وڃئي

ڊپيل نهڪڙو ٻاڪر. ساٿيون مٿيون ننڍا ڪڙيون.

سوڪلاٽي:

وڪ، وڪ ٻ، دهڪو دل جو. جوڪو پيرن هيٺان لتاڙيل، ٻر وقت جي لانگ ورايل. اڊڪي ساڻ: ڪا مهل نه، ڪنهن جهڙي. هوشائيون وڪون، تن ٻ پيڙا وڌل. سڄاڳ من جا سانتيڪا چوڪس حواس. وڪ، وڪ ٻ نه وڇڙي.

سپ سڪ.

ٻوءِ: مائيل گهڙين جي اولڙن تي اڏيل، سامائيل سپنا.

ٻور جهلينڊڙ. جهوڻن لاءِ آسائتا ڇٽڻ لاءِ.

وقت ٻ واجهه وڌل. وقت جميل. رڙهي نٿو. ڳجها ٽڌا ساهه. آڌاولو من، آمازيون اندر ٻ. پڇي راس ٿيندڙ آس. آسائتيون اکيون. ڊانوان ڊول ڪندڙ مانڌاڻ....

منڊيل مٺو وقت رڙهي ٿي نٿو!

جهرمر تارا. اپ ٻ اکيون. اندر ٻ مانڌاڻ، ڇڱير اوندهه جون چوليون. لڏندڙ لمندڙ آسائتو من. بڪ ٻ پاهه، ٻوءِ ٻه اجهل وکن کي هونش جا پيڙا وڌل. متان: ٻوريل آس جهوڻي تي ڇٽي پوي.

اوندهه جون چوليون، ٻڌل لوڪ. ٻر ٻر ٽڌڪار جي ورڪا ٻ، دفن ٿيل. آسائتيون اکيون اپ ٻ کتل. اجهل وکون پيڙا ڇڏائيندڙ. اٽل آيل: چوڦير نگاهه، سٽ ٻ ساهه. ٻوءِ نه جوڙيو پيرن هيٺان لتاڙجندڙ. وقت تي لانگ ورايل. وقت پيرن هيٺان اٽڪيل ساهه. اجهل وکون، يار ڏانهن. رڻي جو پنڌ. مڙداني همت. وڪ، وڪ ٻ، اندر جي اڌسي جي جهر ني اجهل وکون.

پير، پير ٻ.

اوندهه جو اٿاهه سمنڊ جهاڳيندڙ. من جي اک ساڻ هرڪس جاڪندڙ. ڪٿين پيرا لتاڙيل، تنهن کري چاتل سڃاتل....

يار اڳ، اوسيڙو ڪندڙ.

اوتجي آيل ٻوڳ جو خيال من ٻ:

مڙدانو آواز ٿاهي:
'متان ويو آهين.'
سراپيل همراهه. نبيءَ ۾ پيل. پوءِ امالڪ ٻاچ.
دپيل نهڪڙن جي ڦوهار ٻانهن کان جهلي، ٻاڪر
۾ ٻڪڙ.
'ڪيدي آهين.'
'ٻلي. تون هئين.'
'ڪيڏانهن پئي ٻڪين؟'
'مون سمجهيو—'
'تو سمجهيو اجهو ڏي ادي ٻڪا.'
'نه، تڏهن به هوشيار ته رهجي.'
ڏاهپ جا ٻول!
'ڏچين ٿو؟'
'نه جاني، تڏهن به ڪتڪو ته—'
نبيءَ ۾ پيل!
'جي اهڙي مهل اچي—'
اونهي ڪوهه مان جهيڻو آواز.
'سر لڳي.'
'ٻڪو انجام.'
'مڙساڻي ڏاڙهي.'
'پني نه ڏيندين؟'
'اهو لعنتي ٿئي.'
وريل ويساهه. اڻ- مٺي خوشيءَ ۾ اوتيل. ٻاٻوهه جا ڳل
ٻڪڙيل ڳلن تي. ڳچيءَ ۾ ٻانهن جو هار. چمين جي مرڪ.
آڌمبر ۾ ٻريل، لوچ ڪائيندڙ آواز:
'جاني—'
چين جو انڪاءُ. ٻوريل آس چٽيل. منل ساندان ۾ اڏر.
وير دي چنڊ ڪي چهڻ لاءِ تڙپ. ڌرتيءَ ڪي ٻوانٽي.

انکيل چيون. جهاڪا ڪائيندڙ ساهه. ڪچن جي ٻڪي جي بوءِ ۽ پيڙين پيتل ساهه ۾ بولائيون.
وٺ نه ڏيندي مانءِ....
آڏمبر ايام.
هر لوچ سپڻ جي بولاني. هر بولاني سپڻ جو ڏنگ، هر ڏنگ، آڏيڙيندڙ ساهه. بولانيءَ جي هر لوڏ، حياتيءَ جي جوت جلائيندڙ. تارن جي اڪ - ٻوٽ. جهرمر تارا. اوندهه جي ساگر ۾ چوليون. ڍهندڙ- نهندڙ اڻ -ڪٽ سلسلو چولين جو. ڪپ ڪي رسڻ لاءِ آتيون. آتيون چوليون. لانگ لانگ تي. وقت تي لانگ ورايل. بيٺل وقت پيرن هيٺان چيپاڻيل. ڌرتي بيٺل. سڪجهه وڇايل. اوجهل. پاڻ ۾، پاڻ ڪان —
آڏڙيل ساهه، پولار ۾ تيز ڪائيندڙ. ويرون چنڊ کي ڇهي واپس ورندڙ نڪل، سائيون. جو زوم سان ڪريل، ۽ بوءِ ٽاپر. سانت. سائي ڌرتي. سائو واهه. هاڪي تڏڙي هير سائي لڳن ڪي ڪٽڪتائي ڪندڙ. آڏڙيل ساهن کي سنواريندڙ. مائيل ڪهڙير جي چولين جي هندوري ۾ ٽڪيون ڪائيندڙ لڳ.
ڪنهن سمي امالڪ ڪن وڄيا.
ڌت هٽي پيل. جهليل ساهه وس ۾ ڪيل.
جاتي بہ، ۾ پاچولا اڳتي وڌندڙ.
سرپاڻ ۾: پيو هچ، نه اچانءِ.
ڪيڪار ٿي:
'مٺان ويا آهيو.'
اوندهه جي مائي سمنڊ ۾ پيمد بني.
'مڙس نجانءِ.'
هوڪار:
'مٺان —'
مڙس ڏپ ڏني اٿيل. ڪولي
'وڃي تو جهل ڪجانءِ.'

هيئين ۾ ڇڪهڻ، اکين آڏو اوندهه. اکين جي هيرڻ
روشني اندي ٿيل.

هڪ ڀاڄو ڀڄندڙ.

يار جي ٻاچ جي ورڪ، ڳهوڻاٽو. هنياءَ تي ٿهڪو
نه لڳندڙ.

ڪومانيل ذهن. ڪومانيل حواس. سر تي آئي، منهن ڏ ير
ڪومانيل ذهن ۾ سوچ جو ترورو. پاڻ سنڀاليل:

'حيف تس.'

'نه وئي آهين رن.'

پولار ۾ پولانيون ڪائيندڙ آواز ڪي سڄاڻ لاءِ:

ادو؟

امالڪ چونيءَ ۾ هٿ. سٽ: ڪريل رن. ڪتي، ڪيڏانهن
ڀڳئي يار؟

اوسان خطا. ڪچي جهڙي پٽ.

يار جو لفظ پٽ ٻڌيل لڳن تي ڇنڊو ڏي لڳل. تتل،
ٻڙڪا ڏيندڙ ٻانيءَ جو ڇنڊو: روح ۾ ڌمڪيو ٿيل.

'آ- اچي ٿو-'

ڇمڪاٽ، وچ ڪريل، ڪنڌ لڙيل. ڏڪ مٿان ڏڪ.
پٽ ڌرتيءَ تي زيڪو ڪري ڪريل. ڳڙڪايل ڪيڪرات،
رات جي اونداهين سانتيڪي سمنڊ جي پيٽ اندر.

ٻ پوءِ ساڳي سانت.

ٻئي ڏينهن، سج اڀرني راڄ ڏٺل: واهه ۾ لڙندڙ لاش
سڃاڻپ وڃايل.

ڇپائون 'ڪاري.'

۽ پوءِ سڀ پنهنجي پنهنجي ڪرت سان لڳل.

— مهراڻ ١٩٧٤ع

ڀريل انعام ڪهاڻي

اڄوڪي صبح واري اخبار جي اهم خبرن منجهان هڪ خبر: ”پنهنجي ڏيڻ ڪي مارائيندڙ، شهر جو بزرگ ۽ جهونو وڪيل گل محمد، جنهن تي پرهين ڪورٽ ۾ پنهنجي ڏيڻ ڪي مارڻ جي ڏوهه هيٺ ڪيس هلندو هو، سو رات پوليس جي پهري هيٺ وارڊ ۾ مئل لڌو ويو!“

هن ڪيس جي اهم خاصيت هيءَ هئي ته: سڀ ڳالهيون وڪيل صاحب جي ڊاڪٽر، سندس زال، جيڪا به هڪ پڙهيل ڳڙهيل عورت آهي ۽ سندس وڏي پٽ، جيڪو به چڱي خاصي سيڌي تي آهي، جي بيانن منجهان، پر مرحوم جي همٿ واري سچتا منجهان پڌرو هو ته شهر جي ڏاهي وڪيل پنهنجي ڏيڻ کي جاڻي واڻي ۽ سٿيل رٿا پٽاندڙ ماريو هو.

مرحوم جي زال ٻڌايو:

”منهنجي هڪ ٿي نينگري، جنهن کي منهنجي مڙس سمجهي ڪري ماريو، سا ننڍپڻ کان وٺي ٿي چري هئي. اسان سندس علاج ڪرائڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو. نيڪ ٿي ويندي هئي، وري ساڳي حالت. ملڪ جي وڏين وڏين اسپتالن ۾ ۽ ماهر ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ کان پوءِ به، جڏهن سندس صحت مڪمل طور نه سڌري ته پوءِ اسان ڪيس آسري کان ٿي وياسين. اٽي سندس علاج تي هزارين روپيا خرچ آيو. پر، خير سندس حالت ڪانه سڌري. اٽي ٻن ـ ٽن مهينن دوران چرپائپ جو سخت ڪوبه دورو ڪونه پيو. جيئن ته رڙيون ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، پنهنجي سر سنهن ڪري لوهه پائي پچڻ، يا وڙهڻ وغيره. البت چپ چاپ ۽ سوڳي مرڳي رهندي هئي ماهر ڊاڪٽرن ٻڌايو ته آهستي آهستي نارمل ٿي ويندي. اسين ڪيس واپس وٺي آيا هئاسين ۽ دوائن جو

ڏسيل ڪورس ڪيس باقائدي ڪارائندا رهياسين. هتي به مهيني ڏيڍ تائين ساڳي حالت ۾ رهي. چپ چپ ۽ موڳي موڳي. ڳالهائيندي هئي ته موڳاڻپ سان ۽ حڻ ڪجهه سوچيندي سوچيندي ياد ڪندي ڪندي....

”خير، اسان ڪي ويسهه هو ته اسان جي اڪيلي ۽ پياري نينگري ٿورڙي ئي وقت ۾ نارمل ٿي ويندي. وڪيل صاحب وٽ به جونيئر وڪيل ها، جي وٽس سکندا ها. انهن منجهان هڪ سلڇڻو ۽ شڪل شبيهه جو ڏاهوڪو جوان هو. وڪيل صاحب جو مٽس ڏاڍو زال هو. غريب هو، پر ڏاڍو مخلص ۽ ايماندار هو. وڪيل صاحب خيال ڪيو ته ڇوڪري به هاڻي ٺيڪ ٿيندي پئي وڃي، سو سندس شادي انهيءَ نوجوان، پنهنجي جونيئر وڪيل سان ڪرڻ لاءِ سوچيائين. مون سان صلاح ڪيائين. جو مرحوم سدائين منهنجي ڳالهه کي رکندو هو. سندس نظريو هو ته زال زندگيءَ جي ساٿڻ آهي، دوست آهي، دوستن جا باهمي لاڳاپا سدائين هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي هوندا آهن، نه عام رواجي زال ــ مڙس جي لاڳاپن وانگر، جن ۾ زالن مٿان مردن کي برتري هوندي آهي. هو انهن مذهبي تصورن تي ننوليون ڪندو هو، جن ۾ مردن کي مجازي خدا ڪوٺي، عورت تي لازم ٺهرايو ويو آهي ته انهن جو هر طريقي سان خيال رکن ۽ ناالي ماتر عورتن جي حقن جو ذڪر ڪري، عورتن لاءِ مردن جي خدمت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ فرض ٺهرايو ويو آهي. الا ڪيڏو نه عظيم انسان هو پاڻ!

”خير، مون کي به سندس اهو خيال وڻيو. ڇوڪرو مون کي پسند هو، ڇوڪري ۽ سندس ماڻٽن به ها ڪئي. سچ پچ اسان کي هڪ نئين حياتي ملي. وڏي ڳالهه ته اسان، پنهنجي منڙيءَ لاڏنيءَ سان به ذڪر ڪيو، هن به انڪار نه ڪيو. بس! سان جا پڙاڏا.... خوشيون ئي خوشيون هيون.

۽ پوءِ اوچتو، هڪ رات....

”مان سمجهان ٿي ته ان ويل رات جا اڍائي ڪن ٿي هوندا ته اوچتو منهنجي راڻي [مان ڪيس پيار مان سڏيندي هيس] دانهن ڪري اٿي. ۽ پوءِ، انهيءَ وقت کان پوءِ وري ساڳي حالت! هتي ڊاڪٽرن ڪي ڏيڪاريوسين- پر وقتي آرام، پوءِ ساڳي حالت. وڪيل صاحب بنهه نا اميد ٿي پيو. بس، انهيءَ ڏينهن کان پوءِ چوٿين- پنجين ڏينهن ڪيس ڪورٽ ۾ ڪيس هلائيندي دل جو دورو پيو. خدا خدا ڪري پاڻ بچيو.

”منهنجو خيال هو ته، نوجوان جونيئر وڪيل سان جنهن سان ڳالهه ٿيل هئي، راڻيءَ جي شادي ڪرائي ڇڏيون. من شاديءَ کان پوءِ چڱي ٿئي. پر انهيءَ جي ابتڙ وڪيل صاحب جو خيال هو ته، اهو وڏو انساني ڏوهه ٿيندو. ڇوڪري جي حياتي تباهه ٿيندي، ۽ اسانکي اهڙو ظلم ۽ نا انصافي ڪرڻ نه کپرجي، جو پنهنجي زندگيءَ جو عذاب، جيڪو اسان کي هڪ ڇٽيندڙن جي حيثيت سان مليو آهي، اهو هڪ معصوم ۽ اڻلاڳاپيل انسان جي مٿان مڙهي ڇڏيون. اها سراسر بي انصافي ۽ مها پاپ ٿيندو. مون کي سندس هن دليل، راڻيءَ جي شاديءَ ڪرائڻ کان باز رکيو ته: ماءُ ۽ پيءُ جي حيثيت سان ۽ هڪ ٻي ڌيءُ هجڻ جي ڪري پاڳلپڻي جي ڪارڻ پيدا ٿيندڙ ڏکيائون ۽ تڪليفون جهڙي ريت اسين رضا خوشيءَ سان برداشت ڪري وڃون ٿا، ممڪن آهي ته، شاديءَ کان پوءِ به سندس نيڪ نه ٿيڻ جي حالت ۾، هڪ مڙس جي حيثيت سان هو اهي برداشت نه ڪري سگهي ۽ ڪڏهن نه ڪڏهن بيزار ٿي اهڙو قدم کڻي، جو هن ڪي ڪنهن قسم جو سخت هاڃو رسي. ۽ پوءِ مون چڱيءَ ريت محسوس ڪيو ته والدين جي حيثيت سان اسين جهڙي ريت راڻيءَ جي پرگهور ڪري سگهون ٿا، نوجوان وڪيل، مڙس جي حيثيت سان نه ڪندو انهيءَ کان سواءِ هيءُ به گهڻي حد تائين امڪان هو ته ڇوڪرو انڪار ڪري. خير، منهنجي راڻيءَ جي حالت نه سڌري، سا نه سڌري، ته انهيءَ وچ ۾ وڪيل صاحب کي ٻ

دل جو دورو ٿيو. اجا انهيءَ سمجهاڻ ني چڱو ڀلو ٿي مس اٿيو
۽ وري ٻيون دورو پيس!

اها شام اڃا به مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي.
وڪيل صاحب ڳالهيون ٿي اهڙيون اوڙج جهڙيون ڇرڪائيندڙ
وسواهه ۾ نه ايندڙ ڪيون هيون، جن لاءِ مان ڪڏهن سوچي
به نه ٿي سگهيس! ۽ اها شام، اڄ به مون کي چٽيءَ ريت
ياد آهي.

سرءُ جا ڏينهن هجن ۽ سرءُ جي اداس اداس، اڪيلي شام
اسين شام جي چانهه تي ورانڊي ۾ ويٺا هئاسين. مان، وڪيل
صاحب ۽ نوجوان زال سميت منهنجو وڏو نينگر حفيظ، جيڪو
ميونسپلٽيءَ جو ائڊمنسٽريٽر آهي ۽ اسان کان ڌار، پنهنجي سيبتي
زال سان، ميونسپلٽيءَ طرفان مليل بنگلي ۾ رهندو آهي. حفيظ
روزانو پنهنجي زال سميت شام جي چانهه اسان وٽ پيئڻ ايندو
آهي. چانهه پيئڻ کان پوءِ ۽ ڪجهه وقت هتان هتان جون ڳالهيون
ڪري ڪجهه وقت وهڻ کان پوءِ، نوجوان جوڙو اٿي هليو ويو.
”مون کي هتي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ وسري وئي ته: جڏهن
به اسان جي نينگريءَ تي ڇريائپ جو دورو پوندو هو جنهن ۾
هوءَ وڙهندي، ڏاڍيان ڳالهائيندي يا شيون وغيره ڀڃڻ لڳندي
هئي، ته پوءِ انهيءَ حالت ۾ اسين کيس هڪ ڪمري ۾ بند
ڪري ڇڏيندا هئاسين. ۽ کيس ماڻيءَ يا چانهه ۾ پاڻ سان شريڪ
نه ڪندا هئاسين. ۽ مان کيس سندس ڪمري ۾، ٿوڪلائيءَ
۽ کيس ڪاوڙ ۽ بيزارڻ جي ڪوشش ڪندي هيس.“
”نوجوان جوڙي جي اٿي وڃڻ کان پوءِ اسين به وڃي
رهياسين. پوڙها ۽ ڏکن جا ماريل. پاڻ تازو اڃا دل جي دوري
جي حملي کان پوءِ ٺيڪ ٿي اٿيو هو، پر ڪافي هيٺو ٿي لڳو.
نوجوان جوڙي جي اٿي وڃڻ کان پوءِ ڪافي دير اسين ٻئي خاموش
هئاسين. اداس ۽ وياڪل. جڻ نه حياتيءَ جي ڏکن ڏاڪڻن واري
ڀاڪر ۾ رضا خوشيءَ سان ڪنهن ۽ اهڙيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي

ڏک ۽ شڪايت ظاهر نہ ڪرڻ جو اسان اڻ لکيل ناهہ ڪيو هجي. پر ڪنهن ڪنهن مهل بار کڻڻ جو ست نہ ساري، پنهنجي من ڪمزوريءَ جو اظهار خاموشيءَ سان ڪندا هئون. جو ناهہ موجب اسانکي ڪڇڻو ڪونہ هو. گهٽ ۾ گهٽ مونکي ائين لڳندو هو. ۽ هيءَ خاموشي بہ مونکي ائين ئي لڳي. خاموشي بار هيٺ ڪنجهڻ ڪرڪڻ سان ڀريل.

اوچتو چيائين:

'آڳاٽي يونان جي تاريخ ۾ اسپارٽين جي باري ۾ پڙهيو اٿئي؟'

وراڻيم: 'ها، جن جي حياتيءَ جو مٿو هوندو هو: 'وڙهو ۽ سوڀ حاصل ڪيو' جن جي ڪارڻ اڄ 'اسپارٽين'، جرئت ۽ بهادريءَ، سکيہ ۽ سورهيائيءَ، سادگيءَ ۽ سڌي سنواٽي هجڻ، فوجي ۽ سنت ئي فيصلي ڪرڻ واري خاصيت ڪي علامت طور ورتو وڃي ٿو، ۽ هنن، ڪنهن پيري پوري يونان تي شان ۽ دٻدٻي سان حڪومت بہ ڪئي هئي....'

چيائين: 'نہ — منهنجي خيال جو مقصد تاريخ جي نصابي ڄاڻ حاصل ڪرڻ نہ آهي.'

پوءِ نوڪريائيءَ هٿان سگريٽ جو پاڪيٽ ۽ ماچيس گهرايائين. مون کيس سگريٽ پيئڻ کان جهليو ڇاڪاڻ تہ ڊاڪٽرن کيس سخت منع ڪئي هئي. منهنجي جهلڻ تي کلي ورائيائين، 'زندہ رهجي تہ ڪنهن بہ پيڙا ڀوڳڻ کان سواءِ، سڪون ۽ اطمينان سان. ڇاڪاڻ تہ زندگيءَ جو جوهر سڪون ۽ اطمينان ۾ آهي، پوءِ ڀل اها ڪيتري ئي مختصر زندگي ڇو نہ هجي. هينئر منهنجي ذهني سڪون لاءِ سگريٽ تمام ضروري آهي. انهيءَ ڪري هن وقت سگريٽن کان جهل معنيٰ تہ سڪون کان جهل آهي.'

اهو سڀ ڪجهہ انتهائي ۽ سنجيدگيءَ سان چيائين جيڪو مونکي سندس طبيعت ۽ ڳالهائڻ جي عام رواجي ڍنگ کان نرالو ۽ اپٽ لڳو. خير، مون سوچيو تہ ممڪن آهي تہ بيماريءَ جي

ڪري ائين ٿئي، جو مهاوٻڪ آهي. سو مون ڪلنڊي چيومانس، ته جي بيماريءَ توکي وڪيل مان فلاسافر ٺاهي ڇڏيو آهي.'

ماڳهين سنجيدگيءَ [جيتوڻيڪ مون کي غير رواجي لڳي] سان چيائين: 'هر لوچ، سوچ کي جنم ڏيندي آهي. مان انتهائي سنجيدگيءَ سان هڪ سنجيدي مسئلي جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان. توکي هيءَ ته ڄاڻ هوندي ته اسپارٽن پنهنجن ڪمزور، نبل ۽ روڳي ٻارن کي جبل ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيندا هئا. تنهنجو ڇا خيال آهي؟'

وراڻيم: 'اهو سراسر ظلم هو، ڪيس هو.'

چيائين ''ٿي سگهي ٿو. پر انهيءَ ۾ هڪ لڪل سچائيءَ کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي ته اهي نبل ۽ روڳي انسان، جيڪي اڳتي هلي، وڏا ٿي، زندگيءَ تي بار بڻجن، يا زندگي سڄي عذاب بڻجي، تنهن کان بهتر آهي ۽ سندن به انهيءَ ۾ ڀلائي آهي ته انهن کي اسرڻ کان اڳ ئي ناس ڪيو وڃي. تون هن ڳالهه کان انڪار ڪري نٿي سگهين ته: زنده رهڻ، بذات خود ڪنهن معنيٰ کان خالي ٿي نٿو سگهي. هر زنده وجود جون سرگرميون ۽ موجودگي ڪو ڪارج، ڪو مفهوم ۽ ڪا معنيٰ رکن ٿيون. خاص ڪري انسان جي لاڳاپي سان هيءُ چئي سگهجي ٿو ته انسان جو وجود، نلهو خالي هئڻ تائين محدود ناهي، پر مفهوم ۽ ڪا معنيٰ رکي ٿو....

''۽ چيائين: 'Struggle for existence' ۾ سرڳو وجود ئي جيئرو رهي سگهي ٿو، منهن ڏيئي سگهي ٿو، زندگيءَ کي پنهنجن مقصدن مطابق بدلائي سگهي ٿو. جيڪو جيوَ، هن جنا پيڻيءَ واري جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي صلاحيت نٿو رکي، پر پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ جي صلاحيت به نٿو رکي ۽ پنهنجي نبل ۽ روڳي وجود ڪارڻ ٻين تي ۽ پاڻ تي بار ٿيل آهي، انهيءَ کي ختم ٿيڻ ئي گهرجي. ها ختم ٿيڻ ئي گهرجي....'

''جيتوڻيڪ مون کي اوچتو ئي اوچتو هڪڙو احساس ٿيو

ته پاڻ ڪهڙي ڳالهه کي ذهن ۾ رکي اها اپنار ڪري رهيو آهي ۽ سچ پچ مون کي سندس ويچار انتهائي پوائتا ۽ خوفائتا لڳا. خير، ان هوندي به مون ڪائنس پڇيو ته: 'هن سموري ذڪر منجهان نيت اوهان جو مقصد ڪهڙو آهي؟'

”مرڪيائين. ۽ منهنجي منهن ۾ گهوري ڏنائين: زوريءَ سڙهيل، ٺڪي ۽ معني ڀريل مرڪ. 'مان جيڪو چوڻ چاهيان ٿو، ڇا تون واقعي نه سمجهي سگهي آهين؟ يا سمجهندي به، اهو سڀ ڪجهه، تون منهنجي زبان مان اڪلائڻ چاهين ٿي؟'

”وراڻيم: 'مونکي ٿوري اندازي تي ڪڙڪ پئي آهي. ممڪن هجي، ته منهنجو اندازو غلط هجي. بهتر آهي ته تون صاف لفظن ۾ مقصد بيان ڪري ڇڏين.'

”چيائين: 'منهنجو سڌو سنئون مقصد ماهتاب [منهنجي ڌيءَ جو اصل نالو] ڏانهن آهي....'

”مان سواءِ ڪجهه جي سندس منهن ۾ ڏسڻ لڳس،"

”پاڻ چوندو رهيو: ڏس نه، هيئر جڏهن پاڻ جيتري آهي، ته سندس حالت مٿلن کان به ويل آهي. هوءَ نه مٿلن ۾ آهي، نه جيئرن ۾. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اهڙي ريت ڪيس زنده رهڻ ۽ رکڻ جو نيٺ مقصد ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟'

"ڳالهائيندي ڳالهائيندي اوچتو چپ ٿي ويو. مان به چپ هيس. مون کي سندس سوچ جي انداز تي سخت افسوس ٿي رهيو هو. منطقي طور ڪٿي پاڻ صحيح به هجي، پر مون کي انهيءَ منجهان خود غرضيءَ جي بوءِ اچي رهي هئي. مان خود غرضيءَ جي پس منظر ۾ سندس ويچارن تي افسوس ۽ ڏک وچان سوچي رهي هيس ته، اوچتو ڇانيل خاموشيءَ ۾ سندس ڪنبندڙ ۽ ڏک ۾ ٻريل آواز ٻڌم:

"شايد تون سوچيندي هجين ته، مان ڪائنس بيزار ٿي ويو آهيان، يا منهنجو پدرانه امنگ مرونجي ويو آهي ۽ سندس لاءِ منهنجو پيار ختم ٿي ويو آهي. انهيءَ ڪري مون هيڙي

قسم جي ويچارن جي جواز ۾ پناهه ورتي آهي.

”زليخا! تون سوچي به نٿي سگهين ته ڪيڏيون نه ڏينهن مون ڪهڙي ذهني پيڙا ۾ لڇندي پڇندي گذاريا آهن. اوهه! تون تصور به ڪري نٿي سگهين. ٻڌ! مان دل جو مريض آهيان ۽ تون خود Neurosis جي Patient آهين. [اسان ٻنهي جون بيماريون حالتن جو نتيجو آهن] منهنجي ڪنهن به وقت هارٽفيل ٿي سگهي ٿي. منهنجي مرڻ کان پوءِ تنهنجي ۽ ماهتاب جي حالت ڪهڙي .... نه پڇ ته سندس انهن حالتن جو ڪيڏو ڀوائتو تصور آهي. توکي هيءُ واقعو شايد اڃا نه وسريو هجي. ڪجهه ڏينهن اڳ، جيڪا پنهنجي پاڙي ۾ ننڍڪي ڇوري آهي، انهيءَ سان ڇهن ڄڻن بدفعلي ڪئي، ها اهي چار ڄڻا جيڪي سياڻا هئا، رات جي سناٽي ۾ انهيءَ ڇوريءَ جون هنيانءُ ۾ ڇهڪ وجهندڙ ڪيهون، شايد اڃا تنهنجي لاشعور ۾ هجن. مون کي ٻڌاءِ ته جيڪڏهن اهڙي حالت پيدا ٿئي، ته پوءِ ماهتاب جي محفوظ ۽ سلامتيءَ واري زندگيءَ جي ضمانت ڪير ڏئي سگهي ٿو؟ رياست: جيڪا عام رواجي انسانن جو تحفظ ڪرڻ ۽ سلامتيءَ وارو ماحول مهيا ڪري ڏيڻ ۾ ناڪام وئي آهي. ننڍڙڪين جي نگراني لاءِ سماج سڌارا تنظيمون: جيڪي سڌاري، فلاح ۽ بهبود جي نالي ۾ ڇڪلا ۽ بيڪار ڪئمپون کولي ويٺيون آهن.

’ها، منهنجي مرڻ کان پوءِ اوهان جو ۽ [خدانخواسته] تنهنجي موت کان پوءِ ماهتاب جو روايتي اصول موجب بار حفيظ [منهنجي پٽ جو نالو] تي اچي ٿو، روايت پٽاندڙ هو ان بار کي کڻندو، ممڪن آهي پهرين اخلاقي فرض سمجهي کڻي، پوءِ کڻڻ تي مجبور ٿئي، مجبور ٿي بيزار ٿئي ۽ اڳتي هلي هن بي مقصد ۽ ان ـ ڪارج زندگين جو بار ڍوئي ڍوئي ٿڪجي ڇڪنا ڇور ٿي پوي، سندس زندگي زهر بڻجي وڃي. نيٺ هيءُ ڪٿان جو انصاف هي، ڪٿان جو اخلاقي فرض آهي، ڪٿان جو اصول آهي، جو بيڪار ۽ بي مقصد زندگين، جن جو سماج جي ڪنهن به اداري

۾ ڪارج ڪونہ آهي، نہ رڳو اهو پر سندن زندگي، خود مٿن بار بڻيل آهي، اهو ٻين تي مڙهي، انهن کي زندگيءَ جي نعمتن کان محروم رکيو وڃي! انهن جي حياتي وهہ ڪئي وڃي.

'زليخا، مان توکان ٿو پڇان: فرض ڪر تہ مان دل جي حملي سبب اوچتو اڄ يا سڀان مري ٿو وڃان، [جيڪو منهنجي خيال ۾ ناممڪن ناهي]. منهنجي مرڻ کان پوءِ، ڪجهہ عرصو تون ماهتاب جي پرگهور جو فرض يا مقصد پاڻ تي مڙهين. جيئري رهڻ لاءِ توکي نہ ڪارڻ آهي، نہ زندگيءَ لاءِ ڪو موهہ. ها، تون مونکي ٻڌاءِ تہ محض هڪڙيءَ ۽ بيڪار ذيءُ کي، زنده رکڻ لاءِ، زنده رهڻ ۾ ڪهڙي ڏاهپ آهي! زليخا، مونکي ٻڌاءِ'....

هو سوال جي نشاني بڻجي مون ڏانهن ڏسي رهيو هو. مون ڪيس ڪابہ ورندي ڪانہ ڏني. منهنجي سوچ جي صلاحيت ختم ٿي چڪي هئي. مان عجيب قسم جي بيحسي محسوس ڪري رهي هئس ۽ ڪابہ ورندي ڏيڻ بجاءِ مون خود سوال بڻجي سندس ڏي ڏٺو. هو ان مهل سگريٽ پي رهيو هو. سگريٽ جهلڻ ۽ آڱرين جي اعصابي لرزش منجهان مونکي اندازو ٿيو تہ پاڻ بہ بيچيني جي ڪيفيت مان گذري رهيو آهي. مونکي گهٽ ۽ ٻوسات محسوس ٿيڻ لڳو. مان اتان اٿي پنهنجي ڪمري ۾ هلي آيس. مون سندس ويچارڻ تي شعوري طور ۽ سنجيدگيءَ سان سوچڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪجهہ نتي سمجهہ ۾ آيم ۽ نہ ٿي ڪجهہ سمجهيو ٿي. اها سڄي رات بيچينيءَ ۽ ٻوائٽن ويچارن ۾ گذاري. مونکي ماهتاب تي ڏاڍو پيار اچي رهيو هو. هوءَ خاموش موڪي ۽ پرسڪون هئي. مون ڪيس ساڻي گذرائي، ڏاڍو پيار ڪيو ۽ ڳراٽڙيون پائي رنو.

"اها رات سندس بہ دل جي تڪليف ۾ گذري. جيڪا ڄاڻ مونکي پئي ڏينهن جي صبح تي پئي تہ سندس دل ۾ سور جون سٺون اڀريون هيون، پر هن مون کي نہ ٻڌايو. خير، پيو

ڏينهن اداس ۽ خاموش گذريو. ائين ڄڻ ڪوئي مري ويو هجي. البت منهنجي جهلڻ جي باوجود هو، ڊاڪٽر سان ملڻ جي بهاني ٻاهر نڪري ويو ۽ ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ گهر واپس آيو.

ٽئين ڏينهن صبح جو جيئن مان ماهتاب ڪي نيرن جي ماني ڪارائڻ لاءِ سندس ڪمري ڏانهن وڃي رهي هيس ۽ ان مهل پاڻ ورانڊي ۾ آرام ڪرسيءَ تي ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل ويٺو هو، چيائين: ”بس، ماهتاب کي نيرن جي ضرورت ڪانه آهي“.

منهنجو هنياءُ ٻڏي ويو. ”ڇو؟“

”هوءَ ختم ٿي چڪي آهي.“ هن بظاهر ته اطمينان ۽ سڪون سان چوڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس اندر ۾ جو ڪجهه وهي رهيو هو، اهو ڪائنس لڪي نه سگهيو. سندس آواز بدليل هو ۽ ڪنبيءَ ڳاڙڙ: ”دفن ڪانپوءِ مان ٽائي تي وڃي اعتراف ڪندس....“.

”مون ڏانهن نهارڻ ڪان سواءِ ئي هو اٿيو ۽ اندر ڪمري ۾ هليو ويو.

”منهنجا هوش حواس باڪل خطا ٿي چڪا هئا.“ مرحوم جي پٽ ٻڌايو:

”منهنجي شاديءَ ڪانپوءِ بابي سائينءَ خود ئي مونکي ڌار رهڻ لاءِ صلاح ڏني، چيائين: ’هي دور گڏيل گهراڻن جي شڪل ۾ رهڻ جو دور ناهي. وڌيل شعور ۽ انفراديت جي شديد احساس جي گهرج آهي ته، هر ڪنهن کي، ڪنهن به وڏي جي بالادستيءَ ڪان سواءِ آزاديءَ سان اڀرڻ ۽ اسرڻ، اڳتي وڌڻ ۽ ڦهلجڻ جو موقعو ۽ آزادي ڏني وڃي. تون هاڻي پنهنجي پيرن تي بيٺل آهين ۽ سماج ۾ اسان ڪان الڳ، جن توکي ڇڏيو آهي، هڪ خودمختيار يونٽ جي حيثيت رکين ٿو. پٽ هينئر تون پنهنجي زندگيءَ جو پاڻ ذميدار آهين.... دراصل مان به انهيءَ خيال جو هوس ته مائٽن ڪان الڳ رهان ۽ مان الڳ رهڻ لڳس.

هن واقعي کان هڪ ڏينهن اڳ يارهين وڳي ڌاري پاڻ معمول جي ابتڙ منهنجي آفيس ۾ آيو. ظاهر آهي ته ڪيس اوچتو ڏسي مون کي ڪجهه ڪنڊڪو ٿيو. پر سندس ورتاءُ مان ڪنهن به قسم جي ڳڻتيءَ واري ڪا ڳالهه پڌري ڪانه ٿي. چيائين،

"ڊاڪٽر سان ملڻ ويو هوس سوچيم اچ تو وٽان به هڪ رائونڊ هڻي وڃان. پوءِ هتان هتان جون ڳالهيون، ڳالهين دوران هڪ ڀيري چيائين، پٽ، دل جو مريض آهيان، بنا اطلاع ڪيڏي مهل به هن دنيا کي ڇڏي سگهان ٿو. پر جنهن ڳڻتيءَ ڳاريو آهي، سا آهي ماهتاب جي مستقبل جي..."

"مون سندس انهيءَ ڳالهه کي فطري ۽ عام رواجي سمجهندي [جيڪا هن حالت ۾ هر پيءُ کان متوقع ٿي سگهي ٿي،] چيو: "بابا، اوهان ڪنهن به قسم جي ڳڻتي نه ڪريو، اڃا اوهان جي حياتي وڏي آهي، پراميد رهو." پوءِ پاڻ ئي هن موضوع کي ختم ڪندي چيائين، "پٽ، انسان ڪيترو به پراميد رهي، پر هنن حالتن ۾ ههڙي قسم جا ويچار اچڻ سواءِ ته آهن، خير ڇڏ انهن ڳالهين کي.

"پوءِ هتان هتان جون ڳالهيون ڪري، پاڻ موڪلائي ويو."

ڊاڪٽر ٻڌايو:

"واقعي کان هڪ ڏينهن اڳ، مرحوم سادي نائين ڏهين ڌاري مون وٽ آيو سندس ڳالهين منجهان مونکي ڪٿي به سندس اصل نيت جو ڪٿي جيترو به احساس نه ٿيو. ڳالهين دوران هو بلڪل نارمل پئي لڳو. اسانجن ڳالهين، جنهن کي بحث چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو، جو موضوع زندگي، زندگيءَ جو مقصد، ماهتاب جي لاڳاپي سان نارمل ۽ ابنارمل انسان جي زندگي ۽ موت ۽ انهيءَ لاڳاپي سان رياست جون جوابداريون وغيره هو.

جيتري قدر مونکي ياد پوي ٿو، هڪ ڀيري چيائين، جڏهن زندگي، [پوءِ ڪيتري به دلڪش ڇونه لڳي] خود عذاب بڻجي وڃي، تڏهن هن عذاب کان ڇوٽڪاري جو واحد رستو زندگيءَ کان

ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ آهي. يا، زندگي، زنده رهڻ جي ڏس ۾ جدوجهد جو پيو نالو آهي، جيڪو انسان جدوجهد نٿو ڪري سگهي، ساٿ ڏئي نٿو سگهي جيڪڏهن انهن کان زندگي کسي وڃي، ته اهو ڪو گناهه ڪونه آهي ۽ اهڙي قسم جون پيون ڳالهيون، جيڪي هينئر سمجهه ۾ اچن ٿيون ته هو ماهتاب کي ذهن ۾ رکي ئي ڪري رهيو هو ۽ اهي ڳالهيون ان وقت سندس ذهني ڪيفيت ۽ سوچ جي انداز کي ظاهر ڪن پيون. بهرحال مان پوري ويساهه سان چوان ٿو ته، وڪيل صاحب اهي ڳالهيون بلڪل نارمل حالت ۾ چيون ۽ مون کي انهن ڳالهين منجهان سندس اصل نيت جو ذرو به پروڙ نه پئجي سگهي. هو مون کان پوٽين يارهين تاري موڪلائي اٿيو.

ڏوهه مڃيندي مرحوم وڪيل صاحب جيڪو بيان ڏنو، انهيءَ منجهان ڪي ٽڪرا.

[وڪيل صاحب جي گهريلو بيان جو ڪجهه ڀاڱو سندس گهر واريءَ جي بيان جهڙو آهي. انهيءَ ڪري ورجاءَ جي ڪوفت کان بچڻ لاءِ، سندس بيان مان ڪي ٽڪر ئي ڏجن ٿا.

.... ڪيس مارڻ کان پوءِ، منهنجو ضمير هينئر به مطمئن آهي. نيٺ هن ڇريءَ جو هن دنيا ۾ هجڻ يا نه هجڻ مان ڪيس پاڻ کي يا سماج کي ڪهڙو فائدو؟ سندس موت جو انتظار ڪرڻ کان اڳ [جيڪو ڪيس اوس اچڻو هو.] ڪيس مارڻ ۾ سندس ئي ڀلائي هئي. هيءَ حقيقت پنهنجي جاءِ تي هڪ پنهنجي پاڻ شاهدي ڏيندڙ (Self-evidence) سچائي آهي....

.... جڏهن مان اسپارٽنن جو ذڪر ڪيان ٿو، تڏهن منهنجو مطلب اهو ناهي ته ڪمزور ۽ نبل ٻار کي ڇمندي ئي جبلن ۾ ڦٽو ڪيو وڃي. اهو دور ٻيو هو، اڄ سائنسي دور آهي، ممڪن آهي [۽ اڪثر ڪري] اهي نبل ٻار اڳتي هلي سگهارا ٿين. پر مان جيڪا ڳالهه ڪرڻ چاهيان ٿو، انهيءَ جو بنياد هيءَ آهي ته: اهي انسان، جيڪي زندگيءَ جي تبديليءَ جي جدوجهد

۾ مريڪ نٿا ٿين، يا نٿا ٿي سگهن، جو منجهن اهڙو ست ناهي، تہ پوءِ اهي رڪاوٽ بڻجن يا ٻين انسانن مٿان بار بڻجڻ بجاءِ، بهتر آهي تہ پنهنجو انت آڻين. ڇاڪاڻ تہ هونئن بہ حياتي مٿن بار آهي، سواءِ ڪارج جي زندگيءَ جو بار ڍوئڻ ڇا حماقت ناهي؟

نيٺ ماهتاب کي زنده رکڻ مان ڇا هٿ حاصل؟ محض مائٽن جي جذباتي تسڪين جي پورائيءَ لاءِ! جڏهن تہ مائٽ خود محسوس ڪن ٿا تہ هوءَ، مٿن بار بڻيل آهي- منهنجي آڏو ٻہ رستا هئا: يا تہ هن کي ماري ڇڏيان [جيڪو رستو مون اختيار ڪيو] يا تہ کيس ڪنهن تجربيگاه ۾ موڪليان، تہ جيئن باقي انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ تجربا ڪيا وڃن.

جيتوڻيڪ کيس مارڻ ڪري مونکي سخت صدمون رسيو آهي ۽ افسوس ٿيو آهي، پر منهنجو ضمير ۽ شعور بلڪل مطمئن آهي....

....مان هينئر اطمينان سان مرندس.

ڪورٽ طرفان مقرر ڪيل ڊاڪٽرن جي ٽيم گڏيل راءِ ڏني تہ، سول اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾، جوابدار فوتي گل محمد وڪيل، جنهن پنهنجي ڇوريءَ ڏيءَ کي ماري، انهيءَ جو اقرار ڪندي، پاڻکي قانون آڏو پيش ڪيو هو ۽ دل جي مريض هئڻ سبب کيس سول اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾، پوليس جي نگرانيءَ هيٺ رکيو ويو هو رات جي اڍائي بجي ڌاري دل ٽُٽڻ سبب مئو آهي.

ڊاڪٽرن هيءَ بہ راءِ ڏني تہ، جيڪڏهن وڪيل صاحب کي بروقت طبي امداد ڏني وڃي ها تہ، سندس جيئري رهڻ جا امڪان وڌيڪ هئا.

[بيشڪ جيڪڏهن وڪيل صاحب نہ مري ها تہ هيءَ ڪيس انساني لاڳاپن ۽ سماج جي اهم مسئلي بابت هڪ انوکو ۽ دلچسپ ڪيس ثابت ٿئي ها].

ٻي انام ڪهاڻي

لڳاتار ٽن سالن ڪانپوءِ-

يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس جي ورانڊي مان لنگهندي: ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ڏانهن ويندڙ دروازي وٽ اوچتو مٿس نظر پئي! هڪ اتفاقي حادثو. جنهن حادثي لاءِ جيڪڏهن ملي پوي ته پوءِ ....، بابت ڪيترا ڀيرا سوچيو هئائين. اها آهي، ساڳي: ٿوري ڦير سان. ساڳيو اداس، گمڀير، وياڪل چهرو. سانورو هن تبديلي سان ته سندس چهڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ سانورائپ، جيڪا ڇڪ جا باعث بڻبي هئي، سان ڪارائيل ۽ ڪشش ڪان وانجهيل.

هن جي نهارنيءَ مان پڪ ٿيس ته، هن ڪيس ڏٺو آهي. سندس دل ڌڙڪي، اندرين تبديلين ڪارڻ پنهنجي منهن جو رنگ بدلجندو ۽ نرڙ تي پگهر محسوس ڪيائين.

ايتري عرصي ڪانپوءِ ائين اوچتو؛ ملڻ تي جنهن جو في الحال وهم ۽ گمان به ڪونه هوس، نه رڳو سندس وجود ڏڏي ويو، پر جڻ گهڻو عرصو اڳ وڏي جاڪوڙ ڪانپوءِ مروڙيل ۽ ڇپايل ڏوهه جو احساس ڪر کڻي بيٺس. اهو سياويڪ هو. ائين جڻ ورتل قرض ڪي وسارڻ ڪانپوءِ، اوچتو سندس اڳاڙيندڙ ملي وڃي.

اندرين اٿل ڪي دٻائڻ لاءِ؛ اچرج، حيرت ۽ خوشي ڀاڻ تي مڙهيندي، مرڪندي ڏانهنس ڏٺائين. سندس ابتڙ، هن جي منهن تي هن اوچتي ڪڏجاڻيءَ ڪري، ڪابه تبديلي ڪانه. ساڳي گمڀيرتا، خاموشي ڇهري تي. منهن لڳندڙ خشڪ، جڻ وينشنگ ڪريم لڳل ۽ چڱيءَ طرح مهٽيل. [پر ڪيس ڄاڻ هئي ته هوءَ وينشنگ ڪريم استعمال نه ڪندي آهي]، هر عام رواجي ملاقات وانگر- ٻئي هڪ ٻئي ڪي ڏسندا رهيا، ڪي گهڙيون.

'تون هتي ڪيئن.... ؟'

'ايم. ايڊ جي داخلا لاءِ انٽرويو ڏيڻ آئي هيس.'

'ٿي ويو؟'

'ها.'

'داخلا ملي ويندي ؟'

'گورنمينٽ موڪليو آهي انهيءَ ڪري ملڻ ئي گهرجي.'

چپ، ڪي گهڙيون.

'تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟'

'بس. ٺيڪ ٺاڪ ئي.'

'ساڳي ئي هنڌ آهين؟'

'ها، اتي ئي.'

'فيمليءَ سميت.'

'ها.'

ڪيس اهڙي قسم جي سوالن منجهان اوچتو هڪ قسم جو ڌڪ ڏيڻ لڳو. اهڙو ڌڪ، جيڪو پنهنجي پر ۾ ڪاميابيءَ سان ڏوهه لڪائيندڙ ڏوهاريءَ کي، وڪيل جي آڏي پڇا تي، دل جي چور ڪري ٿي. اهڙي قسم جي سوالن کان بچڻ لاءِ هن سنت رٿ ڏني، گڏجي چانهه پيئڻ لاءِ.

هن سندس منهن ۾ ڏٺو سوال بڻجي. جڻ ته اها رٿ اڻ- رواجي طور، اخلاق کان ڪريل، ڪنهن اڻ- ڄاتل شخص کان، غير واقف عورت کي پهرين ئي واڻهڙو گڏجاڻي ۾ ڏنل هجي.

"ڇو؟" حقيقت جي تهه کي پهچندي چيائين، "سون سان گڏ چانهه پيئڻ پسند نه ڪندينءَ؟"

"هن."

ملي بابا ريسٽورينٽ جي فيملي روم ۾ اچي ويٺا. سڄو رستو، جيڪو پنجن منٽن جو هو، خاموش رهيا. رستو ساڳيو هو، جنهن تان ٿي سال اڳ، جڏهن بي. ايڊ ۾ پڙهندا هئا. ڪئين ڀيرا لنگهي چڪا هئا. هوٽل به ساڳي ۽ فيملي ڪمرن منجهان هڪ

ڪمرو به ساڳيو، پاڻ به ساڳيا: هڪ ماستر ۽ ٻي ماسترياڻي. سڀ ڪجهه ساڳيو هوندي به، اوپرا اوپرا، ايڏو ويجهو هوندي به، اڻ - ڄاتل اڻ - ڄاتل!

ڪمري ۾ ڪجهه آهس هئي. هن ڪان اڳ وينلن، جي شايد ڪا گهڙي اڳ اٿي ويا هئا، جي ڇڏيل گرمي، سگريٽن جي دونهين جي بوءِ سان.

"آئس ڪريم."

"نه — چانهه."

"گرمي آهي."

"تو ڪان شايد وسري ويو آهي ته سان چانهه جي وڏيڪ پياڪ آهيان. گرمي هجي يا سردي."

هينئر کيس ياد آيو ته هوءَ اعصابي ڪمزوريءَ ۽ وائي جي سور ڪارڻ، ڏڏو ڪڏهن به نه واپرائيندي آهي ۽ نه ئي پکي جي هوا هيئان وهندي آهي.

سندس جهلڻ جي باوجود چانهه هن ناهي.

"تون ڪڏهن دادوءَ ويندين؟"

"سڀاڻي."

"انٽرويو بلڪل پورو ٿي ويو؟"

"ها."

دراصل هن چاهيو پئي ته، ڳالهين جو اهڙو لڳاتار ۽ رڌل سلسلو شروع ٿئي، جنهن هينئان، هيءُ ماحول ۽ هن جي موجودگي ڪري، جيڪو هنيانءَ تي بار ٿي ٻهڙو هوس ۽ چانهه جي احمقانه صلاح جي ڪري پڇتاءُ جو پيدا ٿيل اهو احساس هيئان دٻجي وڃي.

"ماسي جي طبيعت ڪيئن آهي؟"

"ساڳي."

سوچڻ لڳو: اها ساڳي حالت ۾! هن کي ته هن وقت تائين مرڻ کپندو هو. هن ان سالن جي دوران سندس باري ۾ وچيندي، ويچاريو هئائين ته ماڻس مري چڪي هوندس.

”ڪمزور ته ڪافي ٿي وئي هوندي.“

”فطري آهي.“

”تون به لهي وئي آهين؟“

”سچ پچ!“ انتهائي ڪنجوسيءَ واري سرڪ سان چيائين، ”توکي ڏسڻ ۾ دوکو ٿيو آهي.“

۽ پوءِ هن، سندس منهن ۾ گهوري ڏٺو: اصل عمر کان وڌي ٿي لڳي. سندس مٿي تان رئو سرڪي ڪلهن تي اچي ويو هوس. وارن ۾ چِٽا چِٽا اڇا ڏٺائين. اکين ۾ چمڪ، سانورو ڪارائيل، پيلاڻ مائل رنگ.... اوچتو ٽي سال اڳ، پڙهڻ جي دوران جڏهن ڪيس هڪ شديد انديشي جي احساس هيٺ لڳندو هو ته، هوءَ به ماءُ وانگر سلهه ۾ وٺبي، ان احساس جي انومان جو ساپيان روپ ڀانيائين، سندس منهن جي ڏسڻي ۾. نه چاهيندي به سندس منهن ۾ چتائي ڏسڻ لڳو. نه چاهيندي به هن جو چهرو، مستقبل جو سلهه. هاڻو؛ ڏٻرو! ڪارائيل، اندر پيهيل کوپن ۾ چمڪندڙ مڻڪيون، تڪليف سان کڄندڙ ساهه ڪري، هيٺ مٿي ٿيندڙ هڏائين ڇاتي جو پڃرو، ڍهلجندڙ- مسندڙ ناسون، ڳل اندر وينل، کپن سمان، قياس ۽ همدردي جا احساس جاڳيس.

اوچتو خيال: پيلي- سائي ڪانگهاري جو.... ۽ دل ڪچي!

ٽي سال اڳ:

سيڪنڊري اسڪولن جي ماسترن لاءِ ٽريننگ جي ڪورس، بي. ايڊ ۾ گڏيا. ڏٺائون، ڏسندا رهيا، نوٽس، ليسنن جي تياري جي سلسلي ۾ ملندا رهيا. گهرا ٿيندا رهيا، سواءِ ڪنهن شعوري ڪوشش جي هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا رهيا. هڪ ٻئي کي سمجهندا رهيا. ڪڏهن ڪڏهن فلم جو پروگرام. لڳ، ڀڳ روز، انٽرويل جي دوران علي بابا رسٽورينٽ ۾ چانهه، گفتگو، ڳالهين جو نه ٽٽندڙ سلسلو.

هڪ ڀيري هن کيس پنهنجي گهريلو حالتن بابت ٻڌايو:

پاڻ گهر ۾ ٽي ڀاتي آهن. پاڻ، سندس ماءُ ۽ ننڍڙو ڀاءُ، جيڪو هائي اسڪول ۾ پڙهندو آهي. سندس پيءُ تپيدار هو. ماڻس پڻ پرائمري اسڪول ۾ ماستريائي هئي. ٻنهي جي پيار جو نتيجو هئي. ڇهن سالن کانپوءِ، جڏهن هو پاڻ اڃا ننڍڙي هئي. پڻس تپيدار، ماڻس کي بلڪل ڇڏي ڏنو. ان وقت سندس ننڍو ڀاءُ، ماڻس جي پيٽ ۾ هو. ڪيس پيءُ جو چهرو، جيڪو ننڍپڻ ۾ ڏٺو هئائين، اڃا تائين ذهن ۾ ڪنل: ڀنڪ پيئڻ ڪري ڳاڙهيون اکيون، ڪارانيل چپ ۽ منهن تي ماتا جا داغ. ڪاريل.

۽ پوءِ ماڻس کي ساهه ٿي پيئي. يا ڪيس اڳيئي سلهه جا اثر هئا، جيڪي پوءِ ظاهر ٿيا. ڇاڪاڻ ته سندس ماءُ، يعني هن جي ناني به، سلهه وگهي مئي هئي.

۽ هينئر هو پاڻ گهر سنڀاليندڙ هئي: ڪمائيندڙ، سلهه ورتل ماءُ جي پرگهور ڪندڙ ۽ ننڍي ڀاءُ جو مستقبل سنواريندڙ. خاموشي، گنڀيرتا ۽ سنجيدگي سندس شخصيت جو جز بڻيل. ڳالهائڻ ۾ نهٺائي، بردباري خدمت ۽ شفقت جو اظهار، سندس ڳڻ بڻيل.

ملندا رهيا، هڪ ٻئي کي ويجهو ايندا رهيا. جيتوڻيڪ ٻنهي مان ڪنهن به هڪ ٻئي سان مستقبل جي ڳانڍاپي جو چٽو ۽ گهرو احساس ٻنهي کي هو. لاشعوري طور ٻنهنجي ٻنهنجي جاءِ تي ٻنهي کي لڳندو هو ته، پاڻ اڳتي هلي هڪ ٻئي جا ٿي ويندا: ذڪر نه ڪيل، اڻ لکيل، ڪڏهن اظهار نه ڪيل، محض گڏيل سمجهه، مستقبل ٻنهي جي گڏيل احساس هيٺ، ڳانڍاپي جو انجام ۽ ان ۾ لڳندڙ اهڙو ويساهه جو، ڪڏهن به ٻنهي مان ڪنهن کي اظهار جي ضرورت محسوس نه ٿي.

پاڻ چاهيندو هو ڪيس، شدت ۽ ڀرپور تڙپ وچان پيار ڪرڻ، جو سندس طبيعت ۾ بيچيني، اندروني امنگ کي پوري شدت، گرمي ۽ اڳرائي سان ظاهر ڪرڻ جا جذبا ٽب ٽار ڀريل ها، جي ٿوري به پيار واري ماحول ۾ ڦوهاري وانگر اڇل کائڻ

لڳندا هئا. ۽ ڀھريون ڀيرو جڏهن پاڻ، انھيءَ اڻل هيٺ ڪيس شدت سان پيار ڪيائين: ڀھرين سندس هٿ ورتي، انھن کي زور، ڀوءِ چميون، ڀوءِ ڀاڪر.... جواب ۾ هن به موٽ ڏني، ماءُ جي پيار سان. پر انھيءَ پيار ۾ اها تڙپ، اهو ولولو ۽ جوش ڪونه هو. ڀرپور شفقت هئي، مادرانه شفقت! ڀاڪر مھل جوابي زور ڏيڻ بجاءِ، پنيءَ تي هٿ ڦيرائڻ لڳس ۽ ڀوءِ وارن ۾ آڱرين سان ڦڻي ڪرڻ لڳس. ائين جيئن ماءُ، يا وڏي ڀيڻ، پنھنجي لاڏلي پٽ يا ننڍڙي ڀاءُ کي پيار ڪنديون آهن.

جيتوڻيڪ هن جي انھيءَ ٿڌي ۽ شفقت سان ڀريل پيار جي موٽ، سندس تڙپ ۽ جوش واري پيار جي گھرج پوري ڪانه ڪري ها، ته اهو ڪيس لڳو، پر انھيءَ کي محسوس نه ڪيائين. شايد انھيءَ ڪري جو، اهو سندس لاءِ، اهڙي قسم جو ڀھريون دفعو هو. ۽ ڀوءِ پاڻ سندس منھن ۾ ڏٺائين: هن جا چپ ڦڙڪي رهيا ها، تکو ساهه ۽ اکين ۾ ڳوڙها! هن پنھنجين اکين ۾ سوال ڪئي، سندس منھن ۾ ڏٺو، ڳوڙهن جو ڪارڻ ڄاڻڻ لاءِ. زبان سان ڪو ڪارڻ پڇڻ بدران، هن، سندس منھن پنھنجي سيني ۾ ڪري، ڪيس ٿڦڪيون هڻڻ لڳي ۽ وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳي ۽ هن پنھنجي ڪيانڙي تي، سندس ڪرندڙ ڳوڙها محسوس ڪيا.

۽ ڀوءِ هر ڀيري اهڙوئي شفقت ڀريو پيار، بنا ڳوڙهن جي، خوشي جي ڏيکاءَ اظهار سان، سندس پرجوش ۽ ولولي واري پيار جي موٽ ۾.

هينئر، علي بابا ريسٽورينٽ جي فيملي روم ۾، جڏهن هوءَ سندس سامهون، خاموش ويٺل. پاڻ سوچيندڙ، انھن ڀھرين ڀيري جي ڳوڙهن جي ڪارڻ تي؛ ۽ پھتل هن نتيجي تي ته، اهي ڳوڙها، حروسين سان ڀريل زندگيءَ ۾ ڀھرين مليل پيار جي موٽ ۾ نوري بجاءِ آڻڻ جا ڳوڙها ها!

۽ ائين ئي هلندڙ سلسلو....

ته هڪ ڏينھن ڪيس پٽس جو خط مليو، جنھن ۾ شادي

سندس سؤٽ سان ٿيڻ ۽ ڳالهه پڪي هجڻ جي باري ۾ اطلاع ڏنل هو. سندس وهم ۽ گمان ۾ به ڪونه هو ته، ڪيس، سندس سؤٽ ڏني ويندي! ڇاڪاڻ ته سندس چاچو، حيثيت ۾ ڪانئس وڌو هو، هيءَ خط سندس لاءِ ان ـ ملهي ۽ هڪ عجيب سپني نما خوشيءَ جو ڪارڻ بڻيو ۽ پوءِ ڪيس، "هن" سان هي ڪيل پيار هڪ راند لڳي؛ ورهونءَ، جيڪا ٿلهو وقت ڪاٽڻ لاءِ يا دل وندرائڻ لاءِ ڪئي وڃي. پر جڏهن هن، اندر جي دٻاءَ هيٺ ڪنهن ڪنهن مهل هن ماضي جي گهيرتا تي ٿي ويچاريو ته ان ويل، ڏوهي احساس جي تيز چهڪ جي پيڙا، سندس وجود کي ايڏو ته ٿي نپوڙيو، جو پنهنجو پاڻ کي بنهه سن ٿي پاتيائين ۽ پوءِ ان ڏوهي احساس جي بار هيٺ يا دل ۾ لڪل چوريءَ واري نيت جي لاءِ وات ٽاهڻ لاءِ، لاشعوري خيال هيٺ، ڪيس اهو خط پڙهڻ لاءِ ڏنائين.

هوءَ خط پڙهڻ لڳي. پاڻ سندس منهن ۾ ڏسڻ لڳو، سندس منهن تي ايندڙ پاون کي پڙهڻ لاءِ. ۽ ڏٺائين سندس ڪارانيل منهن ۾ خشڪ چپ. هن پنهنجي دل به تيز ڌڙڪندي محسوس ڪئي. خط واپس ڏنائينس. خط واپس وٺي، پڇيائينس: "تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

هن سندس منهن ۾ ڏٺو، ڪيس لڳو ته، سندس اهو سوال هن کي نه وڻيو آهي. چيائين: 'جيڪو تنهنجو خيال.' پوءِ مرڪيائين. روئڻهارڪي مرڪ. جنهن مرڪ هيٺان ارمانن جو ڍير پوريل.

ٻئي ڏينهن سندس خط مليس:

—'.... تون شادي ڪري ڇڏ. مون کي ڪوبه افسوس نه ٿيندو. هن معاملي ۾ جذباتي ٿي نه سوچ. زندگيءَ جون ٺوس حقيقتون، اسانجن جذباتي خواهش جي تابع نه آهن. منهنجي حياتي هڪ ويران ٻرپٽ آهي. مان به اهو نٿي چاهيان ته، تون مون سان گڏجي ٿي، ٻرپٽ ۾ ڀٽڪين ۽ ڪجهه نه ماڻين، زندگي ماڻڻ لاءِ آهي،

اها ڪٿان جي ڏاهپ آهي ته: هڪ صحتمند زندگي ڪي، سڙندڙ، ناڪاري ۽ هاڃيڪار وجود سان ڳنڍيو ان صحتمند زندگيءَ کي وقت کان مرجهائڻ، ۾ ڪجهه سالن کان سواءِ موت ڏانهن ڌڪڻ جا ڪارڻ پيدا ڪيا ڏيڻ؟ ڇا اها بي‌انصافي ناهي؟

منهن جي امڙ سالهه جي مريض آهي. منهن جي ناني به سالهه ۾ مئي هئي، انهي ڪري اهو قياس ڪان پري ناهي ته مان به.... هجان. جيتوڻيڪ مان ڄاڻان ٿي ته اڄ جي دؤر ۾ هن مرض کان ڇوٽڪارو ممڪن آهي، ان هوندي، خبر ناهي ڇو، [جيڪو مهاورو آهي.] منهن جي دل ۾ اهو خيال گهر ڪري ويو آهي ته منهن جي زندگي به منهن جي امڙ جي زندگيءَ وانگر اونداهين ۾ روڳي آهي، مون پنهن جو پاڻ کي انهيءَ لاءِ ذهني طور تيار ڪري ڇڏيو آهي، ته جيئن ڪڏهن به شڪايت ڪرڻ جو موقعو نه پيدا ٿئي. ڇاڪاڻ ته شڪايت جي عادت پيڙا کي وڌيڪ پيڙانڪ ۽ ڪربناڪ بڻائي ڇڏي ٿي.

مان هيءُ سڀ جذباتي ٻڌڻي، لکي نه رهي آهيان. پر اڳ پٺ ڄاڃي پوءِ قلم کنيو اٿم. مان سمجهان ٿي، اسان جو ميلاپ هڪ حادثاتي واقعو هو. اهڙو واقعو جيڪو منهن جي اجڙيل، ويران ۽ مرڻينگهه زندگيءَ ۾ بهار جا جهونا کڻي آيو. پر مون کي سمجهڻ گهرجي ته، ۽ مان سمجهان ٿي ته اهو لازمي ناهي ته، بهار جو احساس ڏياريندڙ اهو حادثو ايڏو ڏکيو ٿئي، جيڏي منهن جي زندگي آهي. ۽ منهن جي اهڙي خواهش، سپنو ته ٿي سگهي ٿي، پر حقيقت نه. ۽ مان هن سچائيءَ کان پليءَ پٽ واقف آهيان، مان خوابن جي ديس ۾ نه، پر ٺوس حقيقت (پوءِ پلئه اهي ڪيڏيون به ڪڙيون

۽ بيرحم ڇو نه هجن) سان پريل زندگيءَ ۾ رهان ٿي.
تو، موڪي جو ڪجهه ڏنو، مان انهي لاءِ انتهائي ٿورائتي آهيان، تو پاران ڏنل زندگيءَ جي سرهاڻ کي مان، ساروڻين جي روپ ۾ سانڍيندي رهنديس. ۽ هنن سڳنڌ ڀريل گهڙين منجهان، جيڪي منهن جي ماضيءَ جو املهه خزانو آهن، موت جي پڇاڙيءَ وارين گهڙين تائين واس وٺندي رهنديس.

مان وري به تنهن جو ٿورو ميان ٿي، سواءِ ڪنهن ڀڙ تر ۽ ڳڙتيءَ جي نئين زندگي آڏر. منهن جون نيڪ خواهشون توسان آهن.

شل سدائين سکيو، ستابو، جڙيو هجين.

فقط :

(هن پنهنجو نالو نه لکيو)

بيشڪ هيءَ خط مٿس بم ٿي ڪريو. سندس وجود کي ذرڙا ذرڙا ڪري ڇڏيائين. پر ساڳي وقت، هي ساڳيو خط سندس وجود جي ٽڙيل پکڙيل ذرڙن کي هڪ هنڌ ميڙڻ ۽ زندگيءَ ۾ تازو ساهه ڦوڪي، نئين سر اڳوات ڪرڻ ۾، وات جي مشعل ثابت ٿيو!

سندس خط ڪانپوءِ، ساٽس ماڻ ۽ اکيون ملائڻ جي اخلاقي جرئت جو ست نه سارڻ ڪري، اوچتو ڳوٺ هليو ويو ۽ امتحانن جي وقت موٽيو. امتحان دوران هوءَ ساٽس ڪانه مايي، نه ئي پاڻ اهڙي ڪوشش ڪيائين.

ان وقت ڪانپوءِ هيءَ سندن پهرين ملاقات هئي.
هن سڄي ملاقات جي دوران، هن ڪانئس، سندس زال ٻا ٻارن جي باري ۾، هڪ سوال به ڪونه ڪيو. جنهن جو ڪيس پنهن جي من ئي من ۾ خطرو ضرور هو.

انهن ڳپل، مهل وهڻ ڪانپوءِ نيٺ پاڻ ئي چيائين 'هلون' هن ورائيو: 'ڀلي'.

پوءِ پاڻ، جڻ هلڻ جي صفائي پيش ڪندي چيائين: ’دراصل مون کي يونيورسٽي مان پنهنجا سرٽيفڪيٽ وٺڻا آهن، جو ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسرن جي چونڊ ۾ مون کي پيش ڪرڻا آهن، انهيءَ ڪري دير......‘

بل هن زوري ڏنو. ڪيس، مرڪ سان هيءُ چوندي ته: ’تون ٻچڙيوال آهين، توکي هن ريت هوٽلن ۾ پيسا وڃائڻ نه گهرجن.‘ ۽ هو پيسا ڏيڻ چاهيندي به ڏئي سگهڻ جي همٿ ساري نه سگهيو! دراصل هو؛ خبر ناهي، ڇو، پنهنجو پاڻ کي هن جي آڏو، گهٽ، خسيس ۽ ڊپريسڊ ۽ هڪ قسم جو ڏوهاري محسوس ڪري رهيو هو.

۽ پورن پنجن سالن کانپوءِ:

جڏهن پاڻ گورنمينٽ هاءِاسڪول دادوءَ ۾ هيڊماستر جي حيثيت سان بدلي ٿي آيو، تڏهن هوءَ گرلس هاءِاسڪول جي انچارج هيڊمسٽريس هئي.

ضلعي جي تعليمي آفيسرن ۽ ماهرن جي ماهياني ميٽنگ ۾ پهريون ڀيرو ڪيس ڏٺائين. جڻ خواب ڏسندو هجي: هڏن جو پڃرو، ڪارانيل ڏيرو منهن، اندر ويٺل ڪوڏن ۾ ٽمڪندڙ مٽڪيون، ڳل اندر پيهيل، ڪٻا. تڪليف سان کڄندڙ ساهه کڻي، ٿهلجندڙ- سسندڙ ناسون، سمورا وار اڇا، هن هڏائين پڃري تي اڇي ڪير جهڙي ساڙهي، نيري ۽ سائي باردر سان. ڪئين ڀيرا ڏٺل خواب، پر اڻ ڇتو ۽ مبهم! پهرين ڄاڻ هوندي به نه سڃاڻي سگهيس، پوءِ مهٽيل خواب لڳندي به، سڃاڻي ورتائينس. هن به ڪيس ڏٺو، ڳالهايو، پر ڪيس اهڙي لڳا ڪانه ڏنائين، ته ڪو ڪيس ڄاڻي سڃاڻي.

۽ پوءِ ههڙن موقعين تي، انهن ٻي رسمي ملاقاتون: هڪ ٻئي جا ڄاتل سڃاتل، ۽ پوءِ به اڻ- ڄاتل، جنمن جا فاصلا!

هڪ ڏينهن:

پهرين پيرڊ هلندي ڪيس فون آيو: گرلس هاءِاسڪول جي

انچارج هيڊمسٽريس فخر مهل گذاري وئي.

سندس مٿان ڇڻ وڄ ڪري، سندس جسم، اتي ئي ڪرسيءَ تي هڪ هنڌ ڄمي، پٿر ٿي ويو هجي.

اوڏي موڪل سببان، ٻاهر شاگرد گوڙ ڪندا ۽ خوش ٿيندا گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا، ٽيچنگ اسٽاف سندس ڪمري ۾ گڏ ٿي چڪو هو ۽ جناري ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گڏجي هلڻ واسطي سندس انتظار ڪري رهيو هو.

١- انام ڪهاڻي

جيتوڻيڪ اپريل جا ايام پهريان هئا، پر واريءَ جي ڻن ۽ ننڍين دڙن ۾ ويڙهيل هن ننڍي؛ پر ڪنهن حد تائين ـديد شهر ۾، ڏينهنڌڙ ڪوسي لڪ ۽ جهولا لڳڻ شروع ٿي ويا ئا. سج اڃا ڪانو ٿي، مٿي ٿي چڙهيو ته شهر ۾ ڏامر جا ڪارا ڪارا روڊ ۽ پڪيون جايون، تندور وانگر تپڻ ٿي شروع ٿيون. اريءَ ڪاڏڙ واءُ جي تيز جهوٽن ۾ ڇڻ ٽانڊا پريل هئا، جسم ان لڳڻ شرط ٿي، سڄو جسم لهسجي ٿي ويو.

اڄ شهر ۾ دستور واري پرامن فضا ۾ هلچل ۽ رونق جي بدران وايو منڊل ڦريل هو. دڪان بند، هوٽلون خالي، شهر جي ر پر ۾ ٻاهر، گهٽيون ۽ رستا ويران ـ ۽ انهيءَ ويرانيءَ ۾ هئي اسي. اداسيءَ ۾ هو اڻ ڇاتل پوائنتو خوف ۽ هنياءُ ڦاڙيندڙ راس. سمورو لوڪ پنهنجن گهرن اندر بند هو ۽ سندن ساهه ٺ ۾ هو. هر ڪنهن جي هنئين ۾ هراس جو تهه، پڪي جميل ف جي ڇپ جيان اڏو ڳتيل ۽ گهاٽو ڇانيل هو، جو رکيو ٽلاس ڪرڻ جي ڪڙڪي به، سندن دليون ڌڪائي ٿي ڇڏيون ـــ خالي ۽ سنسان روڊن تي، ڪي ٽولا پنون پڊل، ڪي ٽفلون ته ڪي کهاڙيون ڪلهن تي ڪنيو ٿي گهميا. سندن کيون ڏيائين وانگر ٿي ٻريون. هلڻ جي چال ۾ بي ڊپائي، جرئت بهادري ۾ عزم ۽ ارادن اٽلپٽو، پنهنجي سگهه تي ڀانور ڪرڻ مڙو ڀروسو ۽ تاٿيل ڇاتيءَ مان غرور ۽ تڪبر ٿي بڪيو.

هٽلُ هيو: سنڌ جي پن ڳبر پيرن جي مريدن جي وچير ابلو آهي.

ڏينهن چڙهندو ويو ساڙيندڙ ڪوسي لڪ جا زوزات وڌندا ميا ۽ ڌرتي پچرندي ٿي وئي. لوڪ جي منهين ۾ بيٺل ساهه،

اضطراب ۽ بيچينيءَ ۾ وڌيڪ پيڙجڻ لڳو، تان جو ڦهڪا ٿي ويا. ٺاٺا: زئون' زرڙاپ، ٺاٺا ڇڻ ڏرتي ٿي ڏيي، رائيفلين ۽ بندوقن جي بارود جي بانس ۽ زوزات ڪري، ڌرتيءَ تي پرڻ وانگر ٽنگ ڪندڙ ڳولين ڪري ناسي-ٻوري ڳرم ڳرم اڏامندڙ ٽڏڙ، ڌرتيءَ جنسي تاءَ جون الٿيون ٿي ڪيون- ۽ هيا، رانپاٽ، ڳاريون، آواز، جوش ۽ جرئت پريا.

ڳپل مهل ڪانپوءِ خاموشي ٿي. ڇڻ ڌرتي ڏپڻ بند ٿي. پر هوا جا ڪوسا لهسائيندڙ جهوڪا ساڳي طرح ٿي لڳا. ۽ باقي ڇوڏاري سانت، موت جهڙي. ڪنهن ڪنهن محل ڪنهن مهل ڪنهن ڦٽيل جي ڪرب وچان دانهن ۽ ڪنجهڻ جو آواز. گهرن ۾ بند انسانن جون دليون هيسيل ۽ اڪيون ڪجهه ڇاٿن لاءِ آتون، پر جرئت نه ۽ ٻاهر، واقعي واري جاءِ تي ها لاش، ٽڙيل پکڙيل، اونڌا ٻاسيرا. لاش، جي ڳاٺاڻي ڪان ٻاهر هئا. لاش، جن مان ڪن جون اکيون بند هيون ته ڪن جون کليل ۽ آسمان ڏانهن واجهائيندڙ، ڪن جا وات ڦاٽل هيا ته ڪن جا بند. پڳل عضوا، چچريل جسم ۽ رت ۾ پڌل لاش، اڄ جي سهارن ۽ سڀان جي اميدن جا لاش- لاش، مائرن جي اکين جي تارن، ڀينرن جي آسن اميدن ۽ سهاڳڻين جي سهاڳن جا لاش، اُنهن انسانن جا، جي مٺا هئا، پنهنجو پاڻ لاءِ نه، پنهنجن ٻچن لاءِ نه ساٿيهه لاءِ نه، زندگيءَ جي خوشحاليءَ ۽ پيار جي بقا لاءِ نه.

۽ هيا، موت ۽ زندگيءَ جي ٻه واٽي جي وچ تي بيٺل، ڦٽيل، چچريل، زخمن جي درد ڪان ليڇندڙ ۽ ڪنجهندڙ زخمي- ڪنهن ڪنهن وقت، درد جي شدت وچان انهن جي دانهن ٿي اڀري، نه ته سناٽو ڇانيل هو ۽ ان سناٽي ۾ لڪ جو کهوڪهٽ ۽ ڪنهن مهل ڪنهن ڦٽيل جي دانهن ڪجهه ڀوائتي ۽ دهشتناڪ ٿي لڳي. سج آسمان جي وچ تي پهتو، سج جا سڏا ۽ تيز ڪرڻا ڌرتيءَ کي تئي وانگر تپائي رهيا هئا. رت جي آب، هوا ۾ رت

جي آبَ ڳاڙهو عجيب بوءِ. تيز ۽ دل ڪچي ڪندڙ. مٿان آسمان جي وسيع خلائن مان ڳجهن ۽ مرڻين جا لامارا.

ٻئي ڏينهن خبر آئي: ٻن پيرن جي مريدن جي وچ ۾ جهيڙو. ٻه ٽي مٿا ۽ ڳچ ڦٽيا.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ خبر آئي: سنڌ جي ٻن ڳبر پيرن جي وچ ۾ ٺاهه، چونڊن لاءِ ٽڪ ورهايا ويا. اختلاف ختم.

۽ پوءِ ساڳئي شهر جي ساڳين روڊن تان ٻنهي پيرن جون جيپون چڪرات ڪنديون، امن ۽ صلح سان لنگهنديون آهن، انهن مٿان مريدن جي روحن کي ڪچلنديون جيئرن مريدن جي ساهه، سمجهه ۽ عقل کي چيڀانينديون.

ٻيو قيدو

۽ هيئر، جڏهن آزاديءَ جو ڏينهن پوڻ پساهن ۾ آهي، محسوس ڪيان ٿو تہ، هيءُ ڏينهن مون لاءِ غير رواجي ڏينهن هو. ٿيندڙ هر ڏينهن کان نرالو. لڳيم ٿو چوڌاري لڳل جهنڊيون، چنڪار ۽ سموري وايومنڊل جي تبديلي، ڌارياڻپ ۽ هيڪلائپ جو احساس ڏياريندڙ آهن. لڳي ٿو، جهنڊين ۽ چنڪار وسيلي، هن منڊل ۾ جا خوشي پري وئي آهي، سا چڻ تي زوريءَ ڳتي وئي آهي. ۽ قيدين جي منهن تي، جا موڪل سببان مهڪ آهي، ڪيڏي نہ ڪوڪلي ۽ خوشيءَ کان وانجهيل آهي. هڪ قسم جي اداس، اداس اپاڻڪي خوشي!

اهو مون کي ائين لڳي ٿو، يا سچ پچ ائين آهي؟

موڪل تہ هونئن هر آچر تي بہ ٿيندي آهي- پر ائين نہ محسوس ڪندو آهيان، جيئن اڄ. پانيان ٿو اڄ مون سڄو ڏينهن ڪن اڻ-ڄاتل احساسن ۽ جذبن جي لوڇ هيٺ لوڇيو آهي. ڪهڙا احساس ۽ جذبا، سمجهي نہ سگهيو آهيان. مبهم آهن، اڻ-ڇٺا. يا مون ۾، تن کي سمجهڻ جي مٽيا ڪانہ آهي.

خير، ڏينهن گذري ويو، هر ڏينهن وانگر. پر هيءُ انوکو، آزاديءَ ۽ نجات جو ڏينهن.

ڏينهن جي ختم ٿيڻ ۾ باقي ڪو وقت هوندو.

اٺان. ڪوٺين ۾ بند ٿيڻ جو وقت ٿيڻ وارو هوندو. اڳتي وڌندو وڃان. اڄهو ڪي ڪهڻ وڳا.

برج
جيل جون ڊگهيون ڀتيون
ڪليل چٽو نيرو آسمان
شام جو هن مهل جو جيل جون ڊگهيون، ڊگهيون ڀتيون

ڪيڏو نہ اداس ٿيون لڳن. ويڳاڻيون. لهندڙ سج جا سونهري تڙڪا ۽ نماشام جو هيءُ سمو هر شيء کي اڪيلائيءَ جو گهرو رنگ چڙهيو ٿو پري! ها، هينئر سمجهہ ۾ آيم تہ اڄوڪي آزاديءَ جي ڏينهن تي، لوهيل احساسن ۽ امنگن ۾ اداسيءَ جو هڪ عنصر بہ هو. ۽ هيءُ نہ جو وڻ بہ، جنهن هيٺان مان ويٺو آهيان: اداس آهي، اڪيلو (يا مون کي لڳي ٿو). هن اڪيلي نم جي وڻ هيٺان ويهي، مان جيل جي سپرنٽنڊنٽ جي هدايت — نہ، ڇاڪاڻ تہ جيل جو حاڪم هدايت نہ ڏيندو آهي. حڪم ڪندو آهي، سو جيل جي حاڪم جي حڪم موجب آزاديءَ جي جشن جو لطف ماڻي رهيو آهيان —

"اڄوڪي ڏينهن تي اسان کي آزادي ملي هئي، اڄوڪو ڏينهن آزاديءَ جهڙي بي بها نعمت جو تحفو ڏيندڙ ڏينهن آهي. ۽ اسين هڪ باوقار قوم جي حيثيت سان دنيا جي نقشي تي اڀريا هئاسين .... هيءُ اسان جي تاريخ جو عظيم تر ۽ قابل فخر ڏينهن آهي — جو هن ئي ڏينهن تي هيءَ ڌرتي، ڌرتيءَ جا کيت، ڪارخانا، ملڪيتون پاڻ کي مليون هيون".

— (۽ مون کي؟)

هون: اهو ننڍو جيلر هو، جنهن تاڙين وڄائڻ جو اشارو ڪيو هو.

"اوهين ڄاڻو ٿا ۽ اوهان هتي انهيءَ جو شدت سان احساس محسوس بہ ڪيو هوندو تہ، آزاديءَ جهڙي نعمت دنيا ۾ ٻي ڪا بہ ڪانہ آهي."

"سچ." رمضان پٽڪيو هو.

(اوڏيءَ مهل ننڍي جيلر جون ڪرڙيون اکيون مٿس پيون هيون)

"اڄو تہ هن تاريخي ڏينهن تي نئين سر عهد ڪيون: اسان هر قيمت تي پنهنجي پياري ۽ جان کان وڌيڪ

عزيز آزاديءَ جو تحفظ ڪنداسين.“
تاڙيون.

سو اڄ هن مبارڪ موقعي تي اوهان کي عام موڪل ڏني وئي آهي، جيئن اوهان آزاديءَ جو لطف ماڻي سگهو.“

ءُ ماڻ هئي، نہ جي وڻ هئا، جيل جي ڏکين، ويڳاڻين پٿين جي اوٽ ۾ آزاديءَ جي ڏينهن جي پڄاڻيءَ وارين گهڙين جو لطف ماڻي رهيو آهيان.

آسمان صاف آهي. نيرو ۽ گهرو. سامهون برج تي بيٺل سپاهي ٽڪل پيو پائنهي. خير، منهنجو ڇا وڃيس. آسمان جي ڇٽي، نيري وسعت هيٺان اڏامندڙ سرڙيون ڪيتري بلنديءَ تي هونديون؟

الاءِ. آسمان جي نيراڻ نہ رڳو گهري آهي، پر ڇٽي. هيٺر جيڪر جهڙ ٿي پوي. ڪارا ڪڪر ڇانئجي وڃن. وڏ-ڦڙو وسي پوي.

نہ. وڏو-ڦڙو نہ. هلڪي هلڪي ڪڻ-ڪڻ.

هلڪي بوندا باريءَ سان، هلڪڙي ٿڌ جو تصور راحت ڏيندڙ آهي ۽ من ۾ عجيب گد گد پيل خوشي اپاريندڙ. اهڙي جهڙالي مند ۾ جيڪر ٻاهر هجان هان تہ—

!

ٻاهر گهاريل زندگيءَ جو هيءُ سوچ ڪاڏڙ تصور هڪ اڻ-پوري تسڪين جو احساس ڏياري ٿو! نہ هئڻ گهرجي. تعجب آهي! قيد، نيت قيد آهي. آزاديءَ جو دشمن.

'ٻاهر هجان هان'—

دراصل اها منهنجي ڀرپور خواهش نہ هئي. پر هڪ عام رواجي خيال، شرط سان: ٻاهر هجان ها. ان ۾ ڇڪ ڪانہ هئي. ڀرپور تڙپندڙ آس بہ نہ. اهو ڇٽيءَ ريت محسوس ڪيان ٿو. بس هڪ وانهڙو خيال هو. ٻاهر جي زندگيءَ جو تصور ڪندي، جيل جي ڏکين پٿين سان نظرون ٽڪرائڻ کان پوءِ لڳي ٿو

هنن پٽين جي حد تائين ئي زندگيءَ جي حد آهي. ۽ هن سواءِ حدن اندر، جيڪي هنن پاڻ مقرر ڪيون آهن- پهرو آهي. سوچڻ ڏوهه آهي. سواءِ ڪنهن سوال جي، جيل جي حاڪم ۽ ان جي نائبن تائين ۽ سندن طرفان ناهيل ۽ لاڳو ڪيل قاعدن مطابق هلڻ، چرپر ڪرڻ، هتي جي سڀني ۽ باعزت قيدي هجڻ جي نشاني آهي. هتي پسند يا ناپسند جو سوال نٿو ايري. جيل جي حاڪم جو هر گفتو قانون آهي، هر لفظ ضابطو. انهيءَ جو نالو جيل آهي- ۽ جيل جي هنن وڏين پٽين جي پويان هڪ آزاد دنيا. منهنجي سمجهه ۾ ائين چوي ٿي. ۽ پيا ۾ چوند آهن. ۽ هر قيدي، جنهن ڪي پنهنجي قيد هجڻ جو ذرو ۾ احساس ٿيندو آهي، ائين ئي چوندو آهي. پوءِ ۾ نه ڄاڻ ڇو، هنن پٽين کان ٻاهر جي زندگيءَ لاءِ ڀرپور ڇڪ محسوس نٿو ڪيان!

البت سمجهان ٿو، آس جي حد تائين

گهر

ور وڪڙ گهٽيون

مڪيه روڊ: موٽرون- بسون- دڪان- رونق

آفيسون

پنڊ

پنڊ

بوريت

گهر

رات: ساڳي. صبح: ساڳي. منجهند: ساڳي. شام: ساڳي.

رات: ساڳي ....

۽ هتي:

فيڪٽري- ائٽ- ڪوٺين ۾ بند- ننڊ- جاڳ- فيڪٽري-

ماني- ڪاڪوس- پيشاب-

ساڳيو....

چڪر آهي. پهرين ايندڙ پوانٽي، ان چڪر ۾. دل ٿيندر

ڪچي، اورت. پوءِ لائيف روئين. سواءِ ڪنهن سواد جي، احساس جي.

چڪر: هڪ هنڌ چميل.

انين ئي سکهي ئو؛ تہ— منهنجي لاءِ، هن حيثيت ۾، جنهن ۾ آهيان، اهم سوال اهو ناهي تہ ڪٿي گذاريان ۽ ڪيئن؟ ۽ اهڙي چونڊ ڪيان، پر زندگي، چاڪاڻ تہ، ها، چاڪاڻ تہ گذارڻي آهي، گذري وڃي، جو گذارڻ لاءِ مليل آهي— ملي آهي! تہ— دراصل مڙهي وئي آهي، اهو وڌيڪ درست آهي. اهو تہ ظاهر آهي تہ منهنجي پچڻ يا راضپي ڪانسواءِ ئي-

بهرحال، هاڻي اڻان، وقت— ڪجهہ رمضان سان ڪچهري ڪيان ۽ پوءِ سمهان.

اڻان—

آزاديءَ جي ڏينهن جي لڳل جهنڊين ۾ هينئر اها رونق ۽ نواڻ نہ رهي آهي. ڪيترين جهنڊين نوڙين مان ڇڄي هيٺ پڌر تي پکڙجي ويون آهن. هوا تي هيڏانهن هوڏانهن پيون اڏامن. ۽ ڏينهن بہ— آخري پساهن مهل وڌيڪ اپاڻڪو ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ صبح واري جوبن جي هلڪي هلڪي رونق اها ائين، اها رونق مون لاءِ هينئر اڪيلائيءَ جي احساس کي وڌيڪ اپارڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿي. ۽— عيد جي ڏينهن بہ تہ اهڙي ئي اڪيلائپ ۽ ڏارپائپ جو چٽو احساس ٿيندو آهي! جڏهن هرهنڌ، هر جڳهہ، ڀرپور خوشيءَ واري ڏٺ ۾ پاڻ وڃائي ڇڏيندو آهي.

هينئر تہ مان پاڻ کي عجيب عجيب لڳي رهيو آهيان. جيئن ئو سانوري شام جو رنگ گهرو ٿيندو وڃي، تيئن پنهنجو پاڻ کي ڏاريو لڳي رهيو آهيان. هن ڏينهن وانگر، جيڪو آزادي ۽ نجات جو ڏينهن آهي. اسان جي آزاديءَ جو ڏينهن. يعني منهنجي آزاديءَ جو ڏينهن. هاڻي آ-

اوهہ! ڪهڙا نہ مهٺا پکي آهن! پنڊ جا پکي آهن. ڳهڻا.... هڪ-ٻہ-ٽي-چار-پنج-ڇهہ-ست-اٺ-نو-ڏهہ-يارنهن— ڏهہ.

نيري آسمان جي ڦهليل ڇٽي نيري وسعت ۾، سندن اڏامڻ پياري ٿي لڳي، ۽ سندن قطار. وڃي رهيا آهن، قيد جي برجن واري اڏول ۽ باوقار لڳندڙ پٿرن جي هن پار، خوابن جي جڳ ۾، جتي ڇيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو ته آزادي آهي. هر ڇڙو آزاد آهي، جيل جي هنن پٿرن کي ڏسندي ڏسندي لڳندو آهي ته، جڏهن کان زندگيءَ جو وجود ظهور ۾ آيو آهي، هيءَ پٽ آهي.

پکين جي قطار؟ ڏکڻ ڏانهن اڏامي. اڙي گهر به — ته پکين جي اها قطار، اسان جي گهر مٿان لنگهندي هوندي—

— گهر

بابا هيٺئر ننڍڙي اڱڻ ۾ کٽ تي چلم مان ڦوڪون پريندو هوندو. امان سندس پر ۾ ويٺي هوندي، ڪچهري ڪندا هوندا، بابا ڪيس پنهنجي صاحب جون ۽ آفيس جون ڳالهيون ٻڌائيندو هوندو، ۽ امان وري اوڙي پاڙي جي ڪنهن نوجوان ٽينگر جي — ۽ منهنجو به ذڪر.

ادي؟— بابا ۽ امان جي کٽ جي ٿو رو ڀر-پرو واڏڻ جي منجهيءَ تي ڦٽينو ڏيندي هوندي، ڪاٺ جي ڦٽوڻي ۾ آيل جون آنگوٺن جي ننهن سان ماريندي هوندي. هر روز هن مهل ائين ٿيندو آهي. پوءِ اٿندي. جانور موٽندي. رڌيندي. کائيندا. سمهندا. صبح جو اٿندا. نيرن، وري منجهند. وري شام. وري ....

!

سانگيو ڦيرو!

سمجهه ۾ نٿو اچي، هن ريت زنده رهڻ جي معني ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

”جڏهن الله تعاليٰ کي پنهنجي وجود جي ظهور جو خيال ٿيو ته هيءُ جهان، انسان، حيوان، جنات .... هڪ اشاري مان خلقيا آهن، ڪنهن مٽي جي واتان ٻڌو هوم يا — خير، ڪيڏي وقوف! محض پنهنجي وجود جي نماءَ لاءِ سڄي خلق کي — اها ڪهڙي ڏاهپ آهي؟ ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هوم: سچ هي

گولي مان هڪ ذرڙي جو الڳ ٿيڻ، زمين جو ٺهڻ، اميبا .... انسان جو بتدريج وڌڻ — هي سڀ ڪجهه ارتقائي حادثو آهي. ڪيڏو المناڪ

اٺان. هينئر ته بند ٿيڻ جو ٽائيم اچي پريو هوندو. ڪيترو ٿيو هوندو؟ ڀانيان ٿو ته — پر هتي جيل ۾ رڙهڻ جو احساس ٿئي ڪونه ٿو ٿئي. زندگي ڪيڏي سست آهي. قيد ۾ وقت جا ماڻ بي معني آهن. جي احساس آهي ته، وقتي — اڪيلائپ جي انهن گهڙين ۾، پنهنجي منهن سوچڻ مهل، پنهنجي قيدي هجڻ، ۽ قيدي هجڻ جي لحاظ کان ڪنهن مبهم انتظار، جو خود سوال بڻيل هوندو آهي. ۽ وري اهو به عجيب ته: اها ڄاڻ هوندي، ايندڙ ڏينهن، هر ساڳئي ڏينهن وانگر، ساڳيو ڏينهن آهي، پوءِ به انجو انتظار! جي سپاهي هي گهنڊ نه وڄائين ته هوند وقت هڪ هنڌ ڄمپ وانگر بيٺل لڳي.

لڳي؟ پر نه — جيل ۾ وقت ڄميل آهي، سپاهين جا اطلاع ڏيندڙ گهنڊن جا اِهي آواز، دراصل وقت جي ڄمپ کي اڳتي ڌڪيندا آهن. جائي به، وقت کي ائين هٽرادو ڌڪڻ هڪ قسم جي دلچسپ راند لڳندي آهي. پر ساڳئي ڏينهن، پنيان ساڳي رات، ساڳي رات پنيان ساڳيو ڏينهن، وقت جي انهي هٽرادو ريڙهه جي جاکوڙ کي شاندار شڪست ڏئي ڇڏيندو آهي.

هاڻي اٺ ڪهرجي. سچ پچ هيءَ سڪون واري جاءِ آهي. دل به چوير ٿي ته ويٺو هجان. ائين اڪيلائيءَ ۾. سوچ جي وهڪري ۾ وهندي، هڪ قسم جو مخصوص سرور اچي رهيو آهي.

پر، ويهي نٿو سگهان. پسند يا چونڊ منهنجي لاءِ بي معني لفظ آهن. جيتوڻيڪ ڀانيان ٿو ته، اندر ۾ هلڪي خواهش سرڪي رهي آهي: هتڙي ويٺو هجان. پر

هاڻي اٺان. متان رمضان اچي نڪري. اڄڻ شرط عادت موجب ڪلي پڇندو: ”ڇا ويٺو ڪرين اڪيلو ٿي اڪيلو“.

”بس. آهئين“

”اڙي آهئين ڇا؟“

جاني به عجيب جواب آهي. ’آهئين‘— اهو نه ٿو ڄاڻان. پر سدائين اڪثر سوالن جا جواب، انهيءَ لفظ سان ڏيندو آهيان. ضرور هينئر ڳوليندو هوندو، سندس روبي مان پڙرو آهي ته دوستي رکڻ چاهي ٿو، جيل ۾ ساٿيءَ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، پر مون کي اڪيلائي پسند آهي. ٻئي جي موجودگيءَ ۾ عجيب قسم جي بيچيني ۽ مونجهه محسوس ڪندو آهيان ۽ پريشاني ٿيندي اٿم. وري سندس سوال مٿان سوال، ڪيڏو ڪڪ ڪندا آهن، اهو ٻنهه نه وڻندو اٿم ته مون کان ڪو سوال مٿان سوال ڪري. نه ڄاڻ ڇو، انهيءَ کي پنهنجي مٿان حملو سمجهندو آهيان ۽ نه ٿي— مان ڪنهن کان سوال ڪرڻ چاهيندو آهيان. پر مان سندس دل پيڇڻ ٿو چاهيان. انڪري سندس قرب ڀرئي روبي جي موٽ به مناسب انداز سان ڏيڻي پوي ٿي. ڪلهه ٿي چيائين:

”مهيني کان پوءِ تون آزاد ٿيندين.“

مان اڳ ئي، پنهنجو پاڻ سان بيزار ويٺو هوس،

”پوءِ—“

”پاهر تون آزادي ماڻيندين.“

”ماڻيندس؟ آزادي. هتي ۽ ٻاهر ۾ جي حدن کان پوءِ ڇرڻ، پرڻ آزادي آهي؟“ جواب ڀاڻ لاءِ، اڳتي سوچڻ جو ارادو اجايو سمجهي، لاهي ڇڏيم.

”هون.“ هن کي ورائيم.

”ڪمال آهي!“، هن کي منهنجي ٽڏيءَ ۽ بي پرواهيءَ واري موٽ تي حيرت لڳي.

سندس حيرت واري ڪيفيت تي، مان منجهيو هوس، ششدر وڃان، پوءِ هڪدم سوچ جو ڪانٽو حياتيءَ ۾ مانڊڻ مختلف ڪيفيتن تي ٻيهڻ، رڙهندو ويو:

— جستجو ۽ جا ڪورڙ: اتساهه ۽ جوش وڃان.

(جا پوءِ خفقان لڳندڙ)

- اميد ۽ آس: ويساهه جي روشنيءَ ۾ جرڪندڙ.
(جا پوءِ سوچ جو سراب لڳندڙ)
- نراسائي ۽ نا اميدي: اداسيءَ ۽ غم ۾ ويڙهيل.
(جا پوءِ اجائي لڳندڙ)

اڪثر پنهنجي وجود ڪان اڻ-ڄاڻ: اهو ته مان آهيان ڪونه. جو ڏينهن جي روئين ۾ گم ٿيل.
۽ پوءِ انهيءَ وهڪ سان ڇرندڙ ڪيفيت پٽاندڙ هستيءَ جو هر رخ بي معنيٰ لڳندڙ. بس حياتي گذارڻ جو لفظ، ايڏو وزني آهي جو—

يا ڪا معنيٰ زنده رهڻ لاءِ جواز بنجي سگهي ٿي؟ جي ڪا معنيٰ ڏنل ناهي ته پوءِ—مون وانگر هيءُ به، هيتي يا هُتي
"ڇو! جواب نٿو ڏين." هن سجاڳ ڪيو هو.
"هان!— هون."

هو ڪليو هو، پابوهه منجهان، مون ڏانهن معنيٰ خيز نظرن سان نهاريندي، هن جي ڪل ۾ منهنجي لاءِ پيار هو، ان پيار ۾ سادو ۽ پاڪ خلوص هو. (۽ رحم جو جذبو به؟) ان پيار ۾ مون پاڻ ڪي هيچ ۽ هن ڪي وڏو محسوس ڪيو هو.
"ڪتاب پڙهي پڙهي، تنهنجو مٿو ڦري ويو آهي."

هن جي چوڻ جي انداز ۾، مون لاءِ پيار (همدردي؟) هو ۽ ان انداز ۾ پورو اعتماد پئي بڪيو. مون کي پنهنجي ڦڪائيءَ جو احساس پاڻ ٿيو هو.

هو وري ڪليو هو. منهنجي جواب تي وڏو ٽهڪ ڏني. اوهيو ڪولين ۾ بند ٿيڻ جو کهکهو وڳو آهي، هاڻ ته اٿان.

وقتائتو موت

— مري ويو!

خبر ناهي ڪيس مرڻ گهربو هو يا نه. بهرحال مري ويو. اوچتو. صبح جو مثل ڏنائون ٿا. جيتوڻيڪ اهو وهم ئي گمان ۾ به ڪونه هو، ته ڪو ائين، انهيءَ عمر ۾، اوچتو مري ويندو. رات تائين ڀلو چڱو چاق هو. ڪلهه شام، ستين ڏاري، پڇيس پڇيس:

‘ڪراچي انٽرويو ڏيڻ ڪونه وئين؟’

”نه.“

”ڇو؟“

”ڀاڙو ڪونه هو.“

”پوءِ مون کي ٻڌائين ها، يا ماڻهين کان گهرين ها.“

چپ.

”وات ۾ لڦون اٿئي؟“

چپ.

”باقي ڪانئڻ مهل ٿي ڪوڏا پيچي اچي وهندين، نواب جو پٽ.“

”پيسا گهرندي شرم ٿي آيو.“

”ڪائيندي شرم نٿو اچئي.“

چپ.

پوڙهي جي بڙ – بڙ سمجهه ۾ نه ايندڙ....

چپ. جهڙي پٽ. بي‌جان بوتو.

انهيءَ کان اڳ:

”رئيس وٽ درخواست ڪٽي ويو هئين؟“

”ها.“

”پوءِ ڇا ڇيو هٿائين؟“
”چيائين، مان ڪوشش ڪندس.“
”پيو ڪجهه نه چيائين؟“
”نه.“

ڪنهن دفعي:
”رئيس وٽ ويو هئين؟“
”نه بابا.“
”ڇو؟“
”هن ڪان اڳ ڪيترا ڀيرا ويو آهيانس. ٺاري ڇڏيو اٿائين. مان سمجهان ٿو، ڏنا ٿو ڏئي....“
”تون سمجهين ٿو.... نوڪري توکي گهر ويٺي ملندي. ڪيڏانهن ويندي ڪونه باقي.... حرام ڪائو. ڇنه ته حرام هڏين پڇي ويو اٿم. پيا ڇوڪرا ڇڻ ڪوششون ڪونه پيا ڪن. هن رئيس ڪي اصل ٿالهي ۾ رکي ڏجي....“
چپ.
اهڙا سندس خاصيت هئي گهٽو ڪري چپ، گهٽ ڳالهائو. ڇڏڪ بلڪل نارمل، ٿڌو مزاج. ڪڏهن به ڪاوڙ، چڙ، يا ڪنهن به قسم جي تاثر جا پَئو سندس چهري تي نه ايريا!
ماسس چيس:
”ابا، هيترو پڙهيو آهين، ته به توکي نوڪري نٿي ملي؟“
”بس ماسي، ڇا ڪيان!“
”ڪهڙو امتحان پاس ڪيو اٿئي؟“
”ايم-اي.“
”پٽي صاحب جي حڪومت ۾ ته ديڳ چڙهي پئي آهي ابا، ڪجهه ڪوشش ڪر.“
”ماسي، ڪيان ته پيو.“
ماڻس چيو:
”جن هن ڪان اڳي پاس ڪيو، تن کي به نوڪري ملي

وٺي، جيڪي هن ڪان به گهٽ پڙهيل تن کي به نوڪريون ملي ويون، باقي هن جو الله ڪهڙو پاڳ ڦٽل آهي....“
”امان، ڪوشش ڪندو آهيان، جيڪا منهنجي وس ۾ آهي.“
”پوءِ به نٿي ملئي نه، اصل نڀاڳو آهين.“
”هيڏي پڙ.“
”جيءُ، بابا.“
”ڪٿي هئين هن مهل تائين؟“
”اتيئي.“
”رلڻ پنڻ کانسواءِ پيو ڪر ڪم نه اٿئي.“
چپ.
”پڙ ڪو وزير ٿو اچي، عام ڪچهري ڪندو. تون درخواست کڻي وڃينس، ۽ سچي حقيقت ٻڌائينس: غريب ڪلارڪ جو پٽ آهيان، بابو هڪ ڪمائڻ وارو آهي، ۽ ست ٻار....“
”انهيءَ لاءِ ويو هوس.“
”ڪيڏانهن؟“
”ڊي-سي وٽ.“
”ڊي-سي وٽ ڇو؟“
”اجازت نامي لاءِ.“
”نه اجازت نامي کانسواءِ عام ڪچهري ۾ نٿو وڃي سگهجي؟“
”نه، بابا.“
”ڊي-سي ڇا چئي؟“
چيائين: ”نوڪري لاءِ درخواست پيش ڪري نٿي سگهجي. اهو عام مسئلو آهي.“
پٽس چپ.
پاڻ به چپ.
ٻاهران آيو. رات گهڻي گذري ويئي. پٽس در کوليندي پڇيس: ”ڪٿي هئين هن مهل تائين؟“

”اتيئي.... ٻس ڏير ٿي وئي....“
ماٺس ڄاڳي، پڇيائين: ”ڪير آ؟“
”تنهن جو ڪانو پٽ. ڪمائي آيو آهي.“
چپ.
”ماني نه کائيندين! رئيس.“
”نه، بابا. بک ناهي.“
جيتوڻيڪ کيس سخت بک لڳي هئي!
”انٽرويو ڏئي آئين؟“
”ها بابا.“
”پوءِ؟“
”انٽرويو ۾ ڪجهه به نه پڇيائون. رڳو نالو، پيءُ جو نالو ۽ تعليمي لياقتون پڇي ڇڏي ڏنائون،“
”پوءِ آهي ڪو آسرو؟“
”الاءِ بابا.... پر سڀني پئي چيو ته اپائنٽمينٽ اڳ ۾ ٿي چڪي آهي. هيءَ رڳو فارملٽيءَ جي پورائي لاءِ آهي.“
”هون—“

ڪلارڪ جي پهرين تاريخ

ٽيون ڏينهن، ٽيهين تاريخ: جڏهن سندس سڀ ڪان ننڍي ڻڪر ڪيٽو ڪيو، پرچائيندي؛ ريجهائيندي چيائينس: ''....پرهين ۽ ھرين تاريخ آهي نه، پگهار ملندي ته پوءِ توکي رانديڪو وٺي ڀندس، سٺو سٺو رانديڪو پان- پان ڪندو آهي.''

انهيءَ تي سندس وچين ۽ ڇوڪريءَ رڙ ڪئي: ''بابا ون ڪي به.''

''بابا مون کي گڏي وٺي ڏجانءِ، جنهن کي ڀڙو پيل آهي.''

''ها پٽ توکي پڙي واري گڏي وٺي ڏيبي، بس!''

انهي کان وڏي ڇوڪري، جيڪا مڊل جي اٺين ڪلاس پڙهندي آهي، هن مهل تائين چپ ويٺي هئي، ''بابا'' لفظ ي سر وڻائيندي چيو: ''بابا.... اڳئين مهيني به اوهان جاميٽري ڪس وٺي ڪانه ڏني هئي، مون کي مس ڪيترا ڀيرا ڪلاس ن ڪڍي ڇڏيو.... چيائين ته جيڪڏهن ايندڙ مهيني نه آندءِ ته ۽ تنهن جو نالو ڪٽيو ويندو.''

''ها بابا، تنهن جي جاميٽري باڪس پهرين تاريخ ضرور ي ايندس.'' ورائيائين.

ڪاليج جي پهرين سال ۾ پڙهندڙ سندس ڇوڪرو، ڪو ٻنهي خاموش ويٺو هو؛ اوچتو ڪيس يونيفارم جو خيال و. سندس نالو وٺندي چيائين: ''آنو هن مهيني تنهن جو به ڀيفارم پڪ ٺهرائي ڏيندس. چاهي؟ خاڪي پينٽ ۽ اڇي ٽس نه؟''

''ها بابا.''

''بس ڏاڙهي، تنهن جو يونيفارم هن مهيني توکي تيار ملندو.''
پنس خاموش رهيو، نظرون جهڪائي آڳرين مان ٺڪاءُ

ڪيڻ لڳو.

جونس چيو: ”هتي انگريز مٿن جو به الاهه ڪهڙو ابتو حساب آهي. هڪڙا مهينا ٽيهان ته ٻيا ايڪٽيهان، تنهن ڪان ته سئوان سڌا سڀ مهينا ٽيهان ڪري ڇڏين ها...“

”ڇري اهو حساب سال جي ڏينهن موجب ٺهيل آهي“، ڪلي زال کي سمجهائيندي چيائين: ”انهيءَ ۾ انگريزن جو ڪهڙو ڏوهه.“

”پر ايڪٽيهين مهيني ۾ سڪي پگهار وارن جو روح رڳي ٿو وڃي.“ جونس چيو، ”...ءِ ها“، ڪيس ياد آيو: ”وهاڻن جي چٽن جو به ڪپڙو وٺڻو آهي. وهاڻن جي حالت ڏسين ٿو، چادرون به ڦاٽي ويون آهن، حال في الحال انهن کي ڪٽي ڇڏ، وري ٿي پيري، پر چٽون ته ضروري آهن، باقي جا به-ٽي وال ڪري....“

”چڱو“ جهڙي آواز ۾ ورائيائين.

ٽيون ڏينهن، اڄ جي ڀيرين تاريخ وارو ... ءِ آج پريو سپنو ڪيڏو نه سندر هو!

ويٺو آهي آفيس ۾ پنهنجي ڪرسيءَ تي. ملبل ڪل پگهار مهانگائي الائونس سميت پيسا 62_345 رپيا ڀيل ڪيسي ۾. ذهن ۾ پيل فڪر، ڳڻيون ءِ سوچ ٻيون جيائيون.

لکي ٿو:

ڏيڻا آهن:

سبزي وارو (راشن سميت)	25_00 رپ
کير وارو	62_75 رپ
ڌوٻي	15_50 رپ
جماه جي مسواڙ	50_50 رپ
ٽلڪي واري کي (هيءُ به هر مهيني پيش جو.... ڪريوئي ڪريو پيو آهي.)	10_00 رپ

بارن جون فيون	50-00 رپيا
دوائن جو بل	50-00 رپيا
ورتل اوڌر	45-00 رپيا
لائيٽ جو بل	13-00 رپيا
”۽ ....ها! هوديءَ جو ٽيڪس به ته ڏيڻو آهي.“)	9-00 رپيا
ٽوٽل	545-62 رپيا

جوڙس تي جمع ٿا اچنس: ”سيٺو گهرائيندي ته اڳ پٺ جاچي ني ڪونه.“ وري اوچتو هڪ معقول خيال آيس ته: ”مهانگائي آهي. پنجهتر ته اڳوڻا رهيل اٿس، باقي سو پنجهتر، جنهن ۾ ڪڻڪ، گيهه ۽ اٽو.... ڪاسليٽ، لوڻ مرچ، صابڻ ۽ الاءِ ڇا جو ڇا.... ڪو گهٽا ڪونه آهن.

پڪهار: 345-62 رپيا ۽ ڏيڻا آهن: 545-26 رپيا!

مٿو چڪرائجي ويس ته، پواڻي! ڪمزوري محسوس ڪري ٿو ۽ نروس ٿيس، سوچڻ، حساب ڪرڻ ڇڏي، هڪ ڊگهو ساهه کڻي، ڪرسي تي ٽيڪ ڏئي، سگريٽ ڪڍي ٿو ۽ ڪش هڻي وري سوچڻ شروع ڪري ٿو،

سيٺ واري کي هن ڀيري رڳو سؤ رپيا ڏيانس، باقي رکايانس، کير واري کي اڌ ڏيان (”کير پيئڻ ڇڏي ڏيڻ گهرجي، اجايو...)، ٻين کي به اڌ، اڌ ڏيان باقي مسواڙ ايندڙ مهيني ڪري گڏي ڏيان، ۽ ورتل قرض نه ڪول....“

سيٺ وارو (”هڪڙو ته حهڪي پر ڪير“)	100-00 رپيا
کير وارو	30-00 رپيا
ٽلڪي واري کي	10-00 رپيا
بجلي	13-00 رپيا
هودي ٽيڪس	9-00 رپيا
دوائن جو بل (نه ڏيان؟ ويهه ته ڏيانس)	20-00 رپيا
فيون وغيره	50-00 رپيا
	*232-00 رپيا

هاڻي :	345_62 رپيا
	232_00 رپيا وڃڻ
باقي	113_62 رپيا

تن ۾ سڄي مهيني جو خرچ، يونيفارم، انهيءَ جي سبائي ڌوئڻ پنهون سٿيون خرچ....

ٻاڄيون وغيره ("جيڪڏهن روزانو ٻن رپئين جي ڀاڄي اچي، ته")	60_00 رپيا
سگريٽ ماچس چانهه وغيره	15_00 رپيا
فيملي پلاننگ جون گوريون ("آپريشن ڪرائي ڇڏيان، پيسا به ملندا ۽ هن مصيبت کان به ـــ")	3_00 رپيا
ٻارن جو يونيفارم ڪپڙو ۽ سبائي	50_00 رپيا
جاميٽري باڪس،	5_00 رپيا
روزمره جو سٿيون خرچ	15_00 رپيا

"هتي ٿي سڄو اينالسس ٿي ويا!"

ڪجهه نه سمجهه ۾ ايندڙ، ذهن گهورو، جن ته مٿس با ... ر ڳتيل.

"چٺون، ٻارن جا رانديڪا، سدس (جوتس جي) چمپل ... بيڪار ٿي ويا آهي، نه ٿي ڪجي، صابرين آهي...."

اوچتو هن مهيني شمشاد جي شادي به آهي. ڀائيجي آهي مون تي حق اٿس. گهٽ ۾ گهٽ جوڙو ته لهڻي، نياڻي آهي.. ... ڇاهين ۾ ٿي ويندو، تنهن کانسواءِ هن موقعي تي ڪجهه ڪجهه ڏيڻو به پوندو.... قرض ـ ڪنهن کان؟ خدا بخش ج... اڳئي ... هن، هن مهيني به جڏهن هن کي نٿو ڏيان ته پوءِ ڳهڻ ج سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، اڳ به بيعزتي ڪئي اٿائين. ... ڳهري ڏسان، نه ته پوءِ....

اوچتو ڪنهن پوسائيل، ڳهٽيل ۽ اونداهين ڪڏ ۾ ڪريل ڳهيريل ۽ قاتل هجڻ جو شديد احساس ٿيس ٿو: "هيءَ به ڪ... ...دڳي آهي! سڄو ڏينهن ڏکي وانگر وهه، تڏهن به هيءَ حالت!"

بي خياليءَ ۾ سندس ڪاٻو هٿ مٿي تي ڳهمي ٿو وڃي، جنهن تان وار ڪسي وڃي ٽالي ماتر بچيا آهن.

ڪمزوري محسوس ڪري ٿو، جڻ سمورو رت ڪنهن چوسي ورتو هجيس يا ڊگهي بيماري مان اٿيو هجي. ”ڳذاري ويندو، جيئن هن وقت تائين ڳذريو آهي. هيءَ ته مقدر ۾ لکيل آهي.“ سي پنا ڦاڙي رديءَ جي ٽوڪري ۾ ڦٽا ڪري ٿو. ٻئي ٻانهون مٿي ڪري آرس ڀڃي ٿو. پوري بدن مان ٽڪ ٽڪ نڪرنس ٿا.

”هلو.“ آواز ٻڌي ٿو.

”ٽائيم ٿي ويو؟“ جهڪي لهجي ۾ سندس آواز اتي ٻاهر نڪري ٿو.

”...چئون، ٻارن جا واندڪا وقت ڏيندڙن جو ڪينو، منحوس منهن....“ ڳڻيون هڪ ٻيو وري سندس وجود کي مکين وانگر وڪوڙي ويهن ٿيون □

اتساهم جو موت

[ٽڪل، ائيورين ڪهاڻين جي هڪ ڪهاڻي]

سياري جي ڏکهي رات. رات جا ٻارنهن. اڇو ڪاڳر. هٿ ۾ قلم، لکڻ لاءِ ڀرپور اتساهه:

"١٩٦٠ع. جنگ لڳل. شام جي مهل، سڄ لٿي ڪانپوءِ، هڪي اونده بليڪ آئوٽ ڪاراڻ. روشني نه. روڊ رستا ڀسا، گهٽيل لڳندڙ، گهٽيءَ مان هڪ هندو لنگهي ٿو. ڏر تي وڃڻ کٽيءَ وانگر چار-پنج مسلمان وڪوڙي وڃنس ٿا!"

— پنهنجي ٻاٻي هندستان جي جهازن کي تارج ٿو ڏيکاري.

— جاسوس آهي، جهنم رسيد ڪيوس.

— (نه نه، مولا جو قسم اهو غلط آهي....)

— اڙي ڀاڄوت تنهن جو وري مولا ڪهڙو؟

— ڪافر! مولا جو نالو ٿو وٺين، پنهنجي پليد زبان سان.

اوچتو: ڊي.پي.آر.

اتساهه مرونيل، هٿ ۾ قلم، اڇو، اڇو ڪاڳر.

رات گهڻي گذري ويل. لکڻ لاءِ ڀرپور اتساهه. ٻرندڙ سگريٽن جو دونهون ڦهليل. هٿ ۾ قلم، اڇو ڪاڳر:

استاد جمعو مستري صبح جو جڏهن ڪارخاني ڏانهن وڃڻ لڳو ته، معمول جي ابتڙ زال ڏانهن ڏسي، پنهنجي ڪنڌير منهن تي، زوريءَ مرڪ مڙهيندي چيائين: 'سپاڳي، اڄ متان، پنهنجي آخري گهڙ جاڙي هجي.'

'ڇو؟ ڏٺي خير ڪندو. ماريا، اهڙي واٽي ته نه ڪيو.'

'اڄ اسان جي هڙتال آهي. شايد گولي هلي.'

سوال ۽ گهوڙهن ڀنل آڏيون! گونگي زبان. ٻه هڪ هنڌ ٻوڙو بسل.

'ڇائين ٿي، هتي لاش به نه لڀندا آهن.'

اوچتو: طبقاتي ڏڦيڙ هلائڻ، قلم.....، سزا....

اتساهه مرونيل، هٿ ۾ قلم، اڇو ڪاڳر خالي خالي!

رات. چوڏاري سناٽو. واچ بيٺل. هٿ ۾ قلم، لکڻ لاءِ ڀرپور اتساهه. ڪهاڻي_ جيڪا بلوچستان جي هڪ ساڙيواقعي بابت:

"اها بلوچ عورت، جنهن جي...."

اوچتو: ڊي. پي. آر.

اتساهه مرونيل، هٿ ۾ قلم، اڇو ڪاڳر، خالي خالي!

'اهو پريو مڙس اسان کي، موئن جي دڙي کان موٽندي ڏوڪري اسٽيشن تي، گاڏيءَ جو انتظار ڪندي، پليٽفارم تي مليو. ترڪي ٽوپي، بادامي زرين جو ڪوٽ. هاڪي اڇي ڏاڙهي، ڪتر ڪيل مڇون ۽ ناسون، ناس سان، ناسي ٿيل. هٿ ۾ اڇو رومال، جنهن سان ڏري ڏري، نڪ ۽ چپ جو مٿيون حصو صفا پئي ڪيائين.

— سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد آهيو؟

— ها سائين!

ڳالهائڻ شروع ڪيائين: سنڌ ۾ ٿيندڙ جيارڻ جي هلچل.... ها، سنڌي هڪ قوم، سادي سباجهي. سادگي ۽ سباجهائي ڪمزوري بڻيل. اوهان نئين دور جا نوجوان آهيو. ڇا اوهان ڄاڻو ٿا: تاريخ جي هر دور ۾، ڪمزوري يا هيٺائي وڏو ڏوهه آهي....

'اوهان منهنجا ٻچا آهيو. اوهان کي ٻڌايان: سنڌ هن ڌرتيءَ تي عربن، ايرانين، ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ مغلن جي ناجائز پونئرن، ها، حرامي ٻارن ۽ انگريزن ۽ پين ڌاريو ۽ لٽيرن جا پير اچا هن ڌرتيءَ تي نه پيا ٽڏهن، ها، ٽڏهن....

(هلندڙ ٽلم هڪ هنڌ بيٺل)

اوچتو: سنڌي ڪا قوم ناهي، پاڪستان ۾ هڪ ئي قوم

رهي ٿي، پاڪستاني. غداري — سزا....

اتساهه مرونيل؛ هٿ ۾ قلم، هٿ هڪ هنڌ بيٺل.
ذهن خالي.

رات جو هڪ، اڇو ڪاڳر، هٿ ۾ قلم، لکڻ لاءِ پربوز اتساهه.

"هيءُ ان ماڻ جي لاش جو ذڪر آهي، جيڪو، پوليءَ وارن ڪرايل فساد ۾ گوليءَ جو شڪار ٿيو. ڳڀرو جوان، ڇاتي پريل منهن تي هلڪي مڇن جي ريهه......."
سيڪشن....

اتساهه مرونيل، هٿ ۾ قلم، هڪ هنڌ بيٺل.

"— سائين، هن مان جيڪڏهن 'سنڌ' جو لفظ ڪيو ته بهتر...."
'— ؟ !'

'— مان اوهان جي اڻ-پڇيل سوال کي سمجهي ويس. دراصل پريس ۽ پبليڪيشن آرڊيننس .... اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا.'

اوچتو سوالن جو سلسلو: جرنٽ جي گهٽتائي؟ پيٽ جو مسئلو؟ آزادي جي مقصد تي ذات کي فوقيت؟ خود غرضي؟ منافقي؟
ليکڪ وٽان:

هنن اڻ-پورين ڪهاڻين پٺيان هڪ ڪهاڻي آهي: هڪ پرپور جذبي، اتساهه جي آتم ڪٿا. اهو جذبو، اتساهه جيڪو خطري طور پنهنجو اظهار آهي. ذات، جا پنهنجي اظهار ۽ اوس لاءِ آزاديءَ گهري ٿي. ذات جو اظهار، وقت جو پڙاڏو. وقت جي پڙاڏي کي ڪچلي، دبائي سگهجي ٿو؟ سگهيو ويو آهي؟ هيءَ هڪ مجيل سچائيءَ آهي ته: ذات جو اظهار وڏي قرباني گهري ٿو.

هيءُ ديس، جنهن جي رهواسين جي خمير ۾ سادگي ۽ سباجهائي گڏيل آهي. سچائي، جن جو ڳڻ آهي. اتي هاڻ، اتي، ساڻن سوديندڙ ۽ وڪائل به رهن ٿا. جيڪي اوهي ڳالهه ...

سان غداري جو اعتراف ڪن ٿا. اهڙا ڍونگي منافق ۽ رهن ٿا،
جي ڏاهپ ۽ ڄاڻ جو ڍونگ رچائي، وطن وڪڻندڙن سان ساڻياري
ٿي وقت ۽ موقعي جو ناٽڪي روپ ڌارين ٿا. جنهن سندن بکي
آڏڙن ٿا، ته هو پنهنجي ذهن ۽ منافقيءَ وارن ڪرتوتن کي
(پنهنجي نهر ۾) لڪائڻ واسطي، تاريخ ۽ مذهب وغيره تي هڪ
هني قائم ڪري قوانين جو سهارو وٺن ٿا.

تاريخ جي اکين ۾ هيءَ ڏول وجود جي ناٽڪ جا ڪوڙ،
هڪ پاڻ. ڏکيندڙ سنڪري وارو ناٽڪ آهي، جيڪو....

ڇا مان به ڪو سانگ رچايان؟ ڪنهن بهاني، انڪا
ري حرفت، پنهنجي ذهن جي بار تي هوڪو ڪرڻ لاءِ فتوي
جو سهارو وٺان؟

نه بهتر آهي اعتراف ڪيان: پنهنجي سچي جذبي جي
اظهار جي سگهه نٿو ساريان. هن اعتراف سان، مون کي هن
حقيقت کي به سڃڻ گهرجي ته، هيءَ منهنجي ذات جو موت آهي
۽ مان آهيان هڪ نڪل روح. چرپر ڪندڙ انسان ۾ به، مثل
انسان زنده انسان هوندا آهن. زندگي جي مختصر وصف هن
۾ بيان ڪري سگهجي ٿي ته: اڳتي اسرندڙ چرپر.

هڪ جيتري انسان جي مثل زندگي، جيڪو، لائيف جي
ڪيميڪل ۽ مڙهيل روئين ۾ هڪ مشين جي بي جان پرزي
وانگر، مقرر ٿيل حدن ۽ ماڻي موجب چرپر ڪري ٿو، پر زنده
وانگر اڳتي نٿو اسري.

هيءَ انسانن جو موت نه، جي حيات جو موت آهي.

مئل زندگي

ڪراچي، ڊسمبر جي اداس شام، ڇٻا ڇٻا ڪڪر آسمان تي تڪرندڙ، آڳ پڇائيندڙ—

— خاموش آهين؟

— دراصل سياري جي شام جي سهڻي ڪري سستي اهڙي ته وڪوڙي وڃي جو....

— تنهنجي مڊم؟

— حيدرآباد وئي آهي

خاموشي—

— ڪٿي غلط وقت تي ته نه آيو آهيان؟

— نه نه، اهڙي ڪا ڳالهه ناهي.

— ڳالهائين نٿو؟ ايا نئو—؟

— تنهنجي سياست جا ڪهڙا حال آهن؟

— پيارا، سياست منهنجي باب جي ناهي، تنهنجي به آهي.

— ڦڪائپ جو نهڪ.

خاموشي.

— تنهنجي سروس جو ڪهڙو حال آهي؟

— مٽي گاڏو گهنجي پيو.

— مطمئن آهين؟

— رهڻ جو ڪوشش ۾ رڌل آهيان.

— منهنجو مطلب آهي: تنهن جو ضمير مطمئن آهي؟

— مون کي تون، منهنجي ضمير کان ڌار ته ڪري ٿو سگهين.

— تنهن جي معني ته تون پاڻ کي بي ضمير سڏڻ ۾ وڌل آهين....

— مان تنهن جي نتيجي کي رد نٿو ڪيان.

— ابدي حرڪت واري بي شرمي!

— نه، حقيقت جو اعتراف.

خاموشي.

— پيا ڪهڙا حال آهن- وقت ڪيئن پيو گذري؟

— تو اهو سوال مون ڏانهن لکيل خط ۾ به ڪيو آهي. ڄاڻان ٿو، تون اهو سوال، هر ممڪن ڪئن رکيو هئن ڪري ڪندو آهين ته: جيئن پنهنجي مقصد جي بيان لاءِ ميدان تيار ڪري سگهين.

— مطلب؟

— مطلب ته: جواب ڏيندڙ اڳلو، فطري طور پنهنجي حالتن جي غيريقيني ۽ عدم سلامتي جو رڙو پٽيندو ظلم، بي انصافي ۽ زيادتين جو بيان ڪندو، پيانڪ ۽ غيرسلامت مستقبل وغيره وغيره. پوءِ تون مڪينيڪل انداز ۾ لائين فٽ ڪرڻ شروع ڪندين: پيارا اسان جي ملڪ ۽ سماج جون اهي ڪڙيون حقيقتون آهن. جنهن جو احساس نه رکو تون، پر هر مظلوم انسان ڪري ٿو. پر بنيادي سوال آهي ته، اهي ڏاڍايون ۽ بي انصافيون ختم ڪيئن ٿين. رڳو رڙ ۽ شڪايتن سان ته ڪجهه نه ورندو. ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته سڀ سظلوم طبقا گڏجي جدوجهد ڪن، تحريڪ هلائين، حال ۽ مستقبل جي سلامتي لاءِ. تحريڪ هلائڻ لاءِ تنظيم جي ضرورت آهي، قربانين جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته....

وڏو ٽهڪ.

— وڏو حرامي آهين.

— تنهنجي انهيءَ فتويٰ سان اتفاق نٿو ڪيان.

— خير، هنون پاهر.

— هلون ٿا. مان هٿ- منهن ڌوئي وٺان.

— دير لڳندي؟

— خاص نه. تون تيستائين هتان ڪو ڪتاب ڪڍي ڏس.

— منهنجي خط جو جواب؟

— هن نوٽبڪ ۾ اندر رکيل لفافي ۾.
— هي نوٽبڪ پڙهي سگهان ٿو.
— خوشيءَ سان. بڪواس لکيل اٿس، پڙهي وقت زيان ڪندين.
— ڇنبو ته بڪواس به لکين ٿو.
— مان خود هن ڌرتيءَ تي بڪواس آهيان.
ڇڱو، جلدي ڪپڙا مٽي وٺ.

خط:

تو مون کي ليڪچر پڙهڻ سان گڏ، جيڪو هدايتنامو ڏنو آهي؛ انهيءَ بابت مان ڪجهه چوڻ نٿو چاهيان.

تو پڇيو آهي: وقت ڪيئن پيو گذري؟ سمجهان ٿو تنهن جو هيءُ سوال رسمي ۽ روايتي آهي، پر نه چاڻ چو، مون کي هيءَ غير اهم ۽ رسمي سوال، حياتيءَ جو گپ، لڳندو آهي. جنم ۽ موت جي وچ ۾ پريل ۽ چرپر ڪندڙ وٿي، جنهن کي حياتي جو نالو ڏنو وڃي ٿو، انسان لاءِ انهيءَ جو گهارڻ ئي بنيادي سوال آهي. هن سوال کي، هر ڪو، پنهنجي ئي انداز ۽ روپ ۾ جواب ڏئي ٿو. تجربي ۽ حالتن آهر. پنهنجي ان جواب مان ڪير ڪيترو مطمئن ۽ غيرمطمئن آهي، يا اطمينان لاءِ جاکوڙ ڪري ٿو، اها الڳ ڳالهه آهي.

بهرحال- منهنجا دوست، گهاريان پيو: نوڪري ڪيان ٿو، نه ڪرڻ چاهيندي به؛ جو هن کان وڌيڪ ٻي ڪنهن به صورت ۾ ذليل ٿي نٿو سگهجي، پر پوءِ به هن ذلالت جو ٻار کڻڻ جي ڀرپور خواهش رکان ٿو، ڇاڪاڻ ته زنده رهڻو آهي. ڪٿائين هميشه لاءِ کٽڪي ۽ نپ جي ذهني عذاب ۾ ٻوڙيندو آهيان ته ڪٿي هيءَ دلالت جو ٻار ڇڏائجي نه وڃي. ۽ پوءِ ڇا ٿيندو جو پيارڪ مزل...

[خط نا مڪمل]

ونڊڪ ۾:

چيائين: اُداس آهين؟

جيسم: ڪا ڳالهه ناهي.

چيائين: طبيعت خراب اٿئي؟

جيسم: زندگي ئي خراب آهي.

چيائين: مطلب؟ وقتي پيو يا فلاسافي پيو ڏاڍين؟

جيسم: نه، تون نه سمجهي سگهندين.

چيائين: تون سمجهاءِ ته مان به سمجهان.

جيسم: ٻڌائي چيو آهي ته: "الا! ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن."

چيائين: سائين پلا، اها ڪهڙي ڏاهپ آهي، جنهن اوهان کي....
(سندس ٽنول کي محسوس ڪندي، نظرانداز ڪيان ٿو).

جيسم: توکي خبر آهي ته: سنڌ اڄ تاريخ جي انهيءَ دور مان گذري رهي آهي، جنهن ۾ سندس مستقبل جو فيصلو ٿيڻو آهي، مان هڪ سجاڳ، حساس ۽ ساڃهبل ذهن آهيان. چوڌاري ۽ وک وک تي جيڪو ظلم ۽ انياءُ، ڪميڻائيون ۽ ذلالتون ٿين ٿيون، پين سان يا خود مون سان، تن کي محسوس ڪيان ٿو ۽ ان احساس هيٺ پوڳيان ٿو. چاهيان ٿو ۽ چاهان ٿو ته هيءُ سڀ ڪجهه تبديل ٿيڻ گهرجي، ختم ٿيڻ گهرجي، هن حقيقت کان سڄاڻ آهيان ته تبديلي جي هن جاکوڙ ۾ شامل ٿيڻ ۽ ان ۾ پاڻ وڃائي ڇڏڻ، نه رڳو اڄ جي حالتن ۾ منهنجو بنيادي فرض آهي، پر منهنجي ذاتي بي‌اطمينانيءَ ۽ دهني ڇڪتاڻ جو علاج به. ڏوهاري هجڻ جو اهو تکو احساس آهي، جنهن جا ڪاپاري ڏک مون کي ڪڏهن ڪڏهن ساڙو ۽ بي‌سو ڪيو ڇڏين ٿا، ۽ مان ...

اوچتو احساس ٿيم ته نه، ڪنهن رومي سيڪچربازي ۾ ته ڪري رهيو آهيان. چپ ٿي ويهي ٿو! خاموشي وڙهندي، سواءِ ڪنهن اڳوان جي وڌڻ جي، سم ...

پروگرام پيش ڪيان ٿو: 'هل، ته فلم تي هلون.'

ڇئي ته مسڪان، هيءُ ٻڌائوني ۽ وقتي فرار جا طريقا پناهه ڏيڻ ۾ ڪيسٽائين ساٿ ڏيندا؟

□

سنڌي شاگردن جو هڪ وفد آيو. ڪتابن تي پابندي جي خلاف احتجاجي جلوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نينڊ ڏيڻ واسطي. ڳالهين ڪندي ٻڌايائون جلوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اڪثر ليکڪن ۽ شاعرن مختلف عذر پيش ڪري انڪار ڪري ڇڏيو آهي. جن ۾ قومي، عوامي وغيره لقبن سان نوازيل به شامل آهن. ڪنهن چيو: هيءُ وقت ڪان اڳي، جو ڪي وارو ۽ اجايو مارائيندڙ قدم ٿيندو. ڪنهن چيو، مان ٻچڙيوال آهيان، جي مون کي ڪجهه ٿيو ته منهنجن ٻچن کي قوم ته ڪانه سنڀاليندي! ڪنهن نوڪريءَ جي مجبوري ڏيکاري! ڪنهن چيو: ٻيلي اها سياست آهي، اسان فنڪارن جو ڪهڙو وڃي! ڪنهن چيو: صبر ڪيو، پنهنجن جي حڪومت آهي گهٽو ڪجهه ٿيندو. ڪن ٿلهو همدرديءَ جو جذبو ڏيکاريندي، پنهنجي شريڪ نه ٿيڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ ڪو وزني عذر پيش ڪندي جلوس کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڍير صلاحون ڏنيون! ۽ جڏهن کين اسان ٻڌايو ته فلاڻا فلاڻا نالي ڇڙهيا انڪار ڪري چڪا آهن ۽ اسان کي جلوس ڪڍڻ کان جهليو اٿن. ته ورنديءَ ۾ انهن صاحبن، کين گاريون ۽ لعنتن جا ڏوڙيا لائي ڏنا ۽ کين ڪانئر، بزدل، وڪائل، جي لفظن سان نوازيو. خير مان سوچي رهيو هوس ته ڪهڙو عذر پيش ڪيان. نيٺ ڪوبه عذر نه سجهيو، يا اهڙي اخلاقي جرئت ساري نه سگهيس، شريڪ ٿيڻ جي هام ڀريم. همدردي ڏيکاريم ۽ چندو ڏنم.

ڇاڻان ٿو: مان جلوس ۾ ڪونه ويندس. ميان ٿو، حالتن سان مقابلي جي جرئت ڪانه اٿم. سوچيان ٿو: مون جو شاگردن کي چيو ته، منهنجون همدرديون اوهان سان آهن. سو، همدرديءَ جي ضرورت جرئتمند شاگردن کي آهي، يا مون کي؟ پنهنجو پاڻ کي؟

□

اڄ آفيس ۾، ڪنهن حادثي سبب اوچتو، نوڪريءَ جي غير يقيني هجڻ جو شديد احساس ڏيو، هيڙي قسم جي غير يقيني حالتن جي نتيجي ۾، غير سلامتيءَ واري اذيت ناڪ پوڳنا ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هيءَ سيڪس واري زندگي پنهنجو پاڻ تي ڇو مڙهي ائين. ايتري قدر جو، هيءَ زندگي منهنجي ڪمزوري بڻجي وئي آهي!؟

□

[نيون ڏينهن جي واقعي جنهن ريت مون کي ذليل ڪيو ۽ نيچپٽي جو شديد—]

□

نونبڪ هٿن سان ڦريندي، ڦٽو ڪندي: 'اڙي يار، ڇا پڙهي ڪندين. اٿ ته هلون.'
'Damn it, Come on.

ٻاهر، رستي تي:
— ڪامريڊ ڇا پيو سوچين؟
— تنهنجي خط تي ۽ نونبڪ ۾ لکيل—
— بڪواس آهي. وقتي طور اپريل جذبن جو جذباتي اظهار. هن تي سوچي پنهنجي انرجي زيان نه ڪر.
— پر مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته سواءِ ڪنهن نصب العين جي، نيٺ تنهنجي زنده رهڻ جو مقصد؟
— پنهنجي جبلي گهرجن جي پورائيءَ لاءِ متا-ڪٽ ڪرڻ.
— ته ڇا تون پنهنجي انهيءَ زندگيءَ سان مطمئن آهين؟
— ڪير به پنهنجي زندگيءَ سان مطمئن نه آهي.
— اهو Defence Mechanism آهي.
— تون هن کي Defence reaction به چئي سگهين ٿو. پر ائين ڪرڻ يا ان انداز سان ائين سوچڻ، ضرورت بڻجيو پوي.
— پر پيارا، جبلي گهرجن کي ته جانور به پورو ڪن پيا.

تون انسان آهين، هڪ سلجهيل ۽....

— سمجهه ته مان تنهنجي مفهوم وارو انسان نه آهيان.

— توسان پوءِ ڳالهائڻ اجايو آهي،

— مان ته ڪيترا پيرا اڳ به عرض ڪري ...

— تون وڏو حرامي آهين.

— مان پڪ سان چئي نٿو سگهان.

— هر سنجيدي ءَ ڳالهه کي مذاق ۾ ٽاريو ڇڏ ين. مان سوچي به نٿو سگهان ته تنهنجي ذات ايترو Degeneration جي اوڙاهه ۾....

— خير، تون ڇا به چئين، تنهنجي راءِ جي اظهار جو حق مڃيندي، مان توکي ٻڌايان ٿو ته: مان، نه ڪنهن لاڳاپي جي لفظن ۾ پنهنجي ذات جي اصليت کي محدود رکڻ چاهيان ٿو، نه ئي لفظن جي حدن اندر پنهنجي اصليت کي ڦولهڻ چاهيان ٿو.

— ٻوليءَ جا اهي لفظ، انسان، نيٺ پنهنجي انهن مقصدن لاءِ ئي ٺاهيا آهن. پر مان سمجهان ٿو ته: منهنجو Degeneration وارو ريمارڪ شايد تنهنجي انا کي ڌڪ ٿي لڳو آهي.

— نه، اهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي.

— پوءِ اوچتو، هيءُ تنهنجو تڪو، ڏمريل ۽ اڳراٽيءَ وارو لهجو؟ خاموش —

— Wourded Pride?

— نه: Degeneration. جو احساس.

ڪڏ يل ٺهڪ.

— وڏو حرامي آهين. نيٺ تون لنوائين ڇو ٿو؟

— ان کان سواءِ ٻيو چارو ڪونه آهي. (ڪهڙيءَ جي ماٺ کان پوءِ) هڪ ئي چڪر ۾ گهمندڙ زندگيءَ جي بيزاريءَ واري ۽ هڪ - رنگي احساس کي مٽائڻ لاءِ ڪو سانگ ته گهرجي.

— ته پوءِ خط ۽ نوٽبڪ ۾ جو لکيل....

— بڪواس آهي. اڄ ته هن هوٽل ۾ چانهه پيئون.

— خاموش آهين؟
— ۽ بيزار به.
— سبب؟
— ڇا اهو ضروري آهي ته هر ڳالهه کي سبب ڏنو وڃي.
— پيارا، تون گهڻو وقت پاڻ کي ٺڳي، دوکي ۾ رکي نٿو سگهين.
— ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته مان سمجهان ٿو، منهنجو ڇوٽڪارو ٺي پاڻ کي ڪاميابيءَ سان ٺڳڻ ۾ آهي—
— بڪواس بند ڪر. ٻڌ: تون پاڻ کي گهڻو وقت دوکي ۾ نٿو رکي سگهين. تحريڪ کان جدا ٿيڻ کان پوءِ، تنهنجي لاءِ هن وقت بنيادي سوال آهي، پاڻ کي ڪنهن ريت مطمئن رکڻ. تو پاڻ کي مطمئن رکڻ لاءِ، پين ڏوهه ڪندڙ ليکڪن جي ابتڙ، جنهن سوچ جو انداز اختيار ڪيو آهي، انهيءَ ۾ پنهنجي ڏوهي هجڻ جي اعتراف جو شديد احساس آهي، جڏهن ته همراهن ذاتي فائدن کي، قومي فائدن سان ملائي، انتهائي بيشرميءَ سان ذهني سڪون حاصل ڪيو آهي. غداريءَ ۾ محب وطنيءَ جا ڪارڻ ڳوليا آهن. پنهنجين بدمعاشين، ڪميڻائپن ۽ ذلالتن ۾ مقصد جي خدمت جا پهلو ڳٺايا آهن. ڪونٽرائيپ بزدليءَ ۽ موقعي پرستيءَ کي موقعي شناسيءَ جو ليبل لڳايو آهي، هو انهيءَ ۾ خوش ۽ مطمئن آهن. تو جيڪو انداز اختيار ڪيو آهي، انهيءَ سان تون پاڻ کي ڪڏهن به مطمئن ڪري نٿو سگهين، ڇاڪاڻ ته....
— خير، مان آئينده ڪوشش ڪندس ته اهڙن ايماندار جذبن جي اظهار جو شڪار نه ٿيان.
— اها خودڪشي ٿيندي.
— ڄاڻان ٿو، پر چاهيان ٿو.
— پر تون ائين ڪري نه سگهندين.
— اها تنهنجي پنهنجي Optimism آهي.

— تنهنجي موجوده حالتن ۽ ذهني ڪيفيت ڪي آڏو رکي، مان توکي هڪ مختصر ڪم سونپڻ چاهيان ٿو، اهو هيءُ ته ڪڏهن اسان ڪي مضمون....

— مان اهڙي ڪابہ جوابداري ڪڻي نٿو سگهان.

— تون ذليل آهين.

-- مثل زندگين تي اهڙن لفظن جو اثر ڪونہ ٿيندو آهي.

خاموشي، اداس ۽ ڇيندڙ خاموشي. اوچتو هوٽل ۾ ٿيندڙ گوڙ جو احساس ۽ بيزاري □

□ نوٽبڪ / ڊائريءَ منجهان

— بي‌معنيٰ زندگي.... هڪ ڇرڻي جو خواب. خواب ڏٺو هوم ته.... سڀڪجهه، بڪواس. بڪواس، بيڪار.

— سڀڪجهه ۾ ڏٺو اٿم ڇا ڪيان؟ منهنجي وس ۾ جو ڪجهه آهي ڪيان ٿو. نه چاهيندي به ڪيان ٿو. انٽرويو. وڏيرن وٽ. آفيس ۾ جتي انتهائي ذليل ٿيڻو پوي ٿو؛ وڃان ٿو. پوءِ به ....

— پاڙي ۾ رات هڪ پوڙهو مري ويو. ٻڌندي اوچتو پيانڪ خيال آيم: بابا مري و..........

— وڏي پٽ جي حيثيت سان— گهر جو بار— سڄو جسم ڪاٺ‌ڪارجي ويو ۽ پنهنجو وجود (مناسب لفظ ذهن تي نٿا اچن، جيڪي انهيءَ گهري احساس جو اظهار ڪن). دل چيو: جيڪر ڇڏيو ڏي وڃان. ڇرڻي ٿيڻ ۾ زبردست ڇوٽڪارو آهي. نجات آهي. ڪاش! ڇڏيو ڏي وڃان.

□ نوٽبڪ نه هو هڪ پراڻي، وقت گذريل (out of date) ڊائري هئي؛ جنهن ۾ ضابطي ۽ قاعدي پٽاندڙ، جيئن روزاني ڊائري لکبي آهي، لکيل نه هئي. بس؛ ڪڏهن ڪڏهن جا تاثر؛ رد عمل يا پيو ڪجهه.... جن سان ڪن تي تاريخون لکل هيون ۽ ڪن تي ڪجهه به نه.

سڀڪجهه ٻُڌو اٿو اڄ ماڻ زندهه ڇو آهيان.

ڊائري. ليکڪا. ٻه ننڍا گل ٽوڙي، ۽ ڪنهن آڻيو لکيل:
ڪيڏو نه بيوس، بيوسڪو آهيان. ڪاش! اهڙا ڄاڻ ملي
جتي اوچنگارون ڏئي روئي سگهان.

بابا گهٽ وڌ ڳالهايو.
سوچيم: اڳي ڪجهه ٽورو ڇوندو هو ته ورجائيندو هومانس
۽ هاڻي! ائين خاموش، چپ، بيحسو ڇو ٿو رهان! ڇون ٿا نڪ
ڪونهيس. واقعي ائين آهي؟ مون ڪي ڪجهه ڇو نه ٿو ٿئي!
منهنجو اندر، احساس، زندگي جو جوهر، ۽ وجود جو
احساس ۽ ”ماڻ“.... سڀڪجهه مري ويا آهن. مرونجي ويا آهن.

— سڄو ڏينهن هلي هلي؛ بابا جي لفظن ۾، رلي ٿڪجي
پيئي آيس. سوچيم: جيڪڏهن اڄ بابا ڪجهه چيو ته سامهون
ٿيندومانس. پر هن ڪجهه به نه چيو. موڊ ۾ هو. ماڻي ڪانه
کاڌم. سڄو ڏينهن ڪانه کاڌي هيم. ڪاوڙ يا تيسي جي ڪري
نه. سچ پچ بک ڪانه لڳي. بک مري وئي آهي. پيار ۽ همدردي
منجهان سمجهايائين: ”پٽ، وڏيرن جي حڪومت آهي، اسان
غريبن کي ذليل ٿيڻو ئي پوي ٿو، نا اميد نه ٿيءُ....“ مون کي
شرم محسوس ٿيڻ لڳو. ڇڻ ڳرو ڏوهه ڪيو هجيم. دل چيو:
بابا اهو همدردي ۽ پيار وارو ورتاءُ ڇڏي، دڙڪا، گاريون ڏئي،
ٺڪون هڻي، بها ڏئي، لتون....

وڏيري.... وٽ درخواست کڻي ويس. هو پيپلزپارٽيءَ جو
اهم عهديدار آهي، ويٺو رهيس. لوسي ڪٽي وانگر، لوسي بيٺو....
پاڻ کي ڪيڏو محتاج، ذليل ڪريل ۽ گندي نالي جو ڪيڙو،
بيغيرت، بکاري محسوس ڪيم.

يا خودڪشي ڪرڻ گهرجي يا بغاوت.... خيال.... خيال....
هيءَ به ڪا زندگي آهي!!!
ڇا نوڪري ڪرڻ ضروري آهي؟
نيٺ ڇو؟
جيئڻ لاءِ-
پر ڊاڙيل ٻنجي به جيئي سگهجي ٿو، چور، ٺڳ ٻنجي به جيئي سگهجي ٿو.
....
....

گهر ۾ ماتم، روڄ راڙو. پاڙي ۾ افسوس ۽ ڏک.
- ڪيڏو شريف ۽ پيارو هو.
- خاموش نيڪ طبع سلڇڻو.
- زندگي ۾ ويچاري ڇا ڏٺو، نوجواني ۾ ئي.
- هيڙا سدورا، سپاجها وري ڪٿي ڄمن.
- .... ●

انسان بوءِ- انسان بوءِ

انساني وسندي. وسندي ڌرتيءَ جي ڀاڱي تي آباد. انسان رهندڙ. عام انسان. صدين جي تاريخ جي ڪُک مان نسرڻ، اسرڻ قومي روپ ڌاري، پنهنجي سڃاڻپ ڪئي. سندن سڃاڻپ، ڌرتي جي ٻين هنڌن تي وسندڙ عام انسانن وانگر، تاريخ، سڀيتا، ٻوليءَ ۽ پنهنجي سڀاءَ، جي ناتي پنهنجي ڌرتيءَ سان آهي: ڌرتيءَ سان لاڳاپيل، نه ڇڄندڙ، اڻکري ڌرتيءَ سان ناتو، ڌرتيءَ سان موهه ۽ ان لاڳاپي سان پنهنجي ڌار سڃاڻپ ڪئي، ان ٻڌندڙ سڃاڻپ کي جيئن جو تيئن رکڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ هٿوراڙيون ڏيندڙ، وسنديءَ جا انسان. جتي هو ڄاوا نپنا آهن، سندن زندگيءَ ۽ حياتيءَ جي جيئري وجود جون نسون، ڌرتيءَ سان ڳنڍيل، جڙيل آهن، جنهن منجهان وسنديءَ جا انسان، رهواسي، پنهنجي الڳ ٿلڳ سڃاڻپ ۽ موجودگيءَ جا پساهه کڻن ٿا. ان ڪري ڌرتيءَ سان، پنهنجي ڌرتيءَ سان، ٻوليءَ سان موهه سڀاويڪ، پر هن وسنديءَ ۾ ڌرتيءَ سان موهه، سڃاڻپ جو اتساهه ۽ انجو اظهار ڏوهه بڻيل.

ڌرتيءَ سان موهه ڏوهه آهي. پنهنجي ڌرتيءَ جي ناتي سڃاڻپ جو اظهار ڏوهه آهي. جيڪو موهه ۽ اظهار انسان جو ڳڻ آهي. انسان جي وجود جو اهم ڀاڱو. سڀاويڪ. وسنديءَ ۾ جڏهن ڪان وسندڙ انسان، پنهنجي انساني روپ جي اظهار لاءِ، ڌرتيءَ سان موهه جو اتساهه ڪٿي مٿي ابرندڙ، ته: شڪاري ڪتن جي نوس- نوس: انسان بوءِ- انسان- بوءِ .... انسانن مٿان ...رو. جتي انسان نظر ايندن، اتي وٺ وٺان، شڪاري ڪتا جي ...اني وجود ۾ ڳڻ ڪي ناس ڪرڻ لاءِ خاص مهارتي سکيا ورتل، ڏندن ۾ ننهن سان وچڙي ويندڙ. انساني سڀاءَ ۾ ڳهٽڻ واري ورپر ڪندڙ انسانن کي وچڙي ويندڙ، رتو ڇاڻ ڪري اڌ- مئو ڪري، يا ٻنهه ماري....

شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

آباد انساني وسنديءَ ۾، جتي انسان رهن ٿا، جيترا جاڳندا انسان. انساني وجود، هستي ۽ انساني سڃاڻپ جي بقاءَ لاءِ هٿ پير هڻندا.

شڪاري ڪتا: انسان ۽ انساني احساسن ۽ انسانيت جا ويري. خاص سکيا ورتل: جيئرن جاڳندڙن، چرندڙ پرندڙ انسانن ۽ انساني احساسن ۽ خصلتن کي ناس ڪرڻ لاءِ، انسان بوءِ، انسان بوءِ، ڪري چوڦير گهمندڙ ڦرندڙ، نوس نوس ڪندڙ. جتي انسان بوءِ اچين، وسنديءَ جي تن انسانن کي وڇڙي وڃن ۽ بي رحميءَ سان چيهون چيهون ڪرڻ ۽ انسانيت جي مڙني آثارن ۽ احساسن کي ناس ڪرڻ لاءِ هڙوڙهيائي ڪري ڪرت ڪرت ڪري ڪائيندڙ.

انسان دشمن شڪاري ڪتن جي، انسان بوءِ سنگهڻ جي جس تکي ٿيل، انهن کي خاص سکيا سان تکو ڪيو ويو آهي. وسنديءَ ۾، ٻاڦاهم ٻٽيو نوس نوس ڪندڙ. اکيون ستت ٿي چرندڙ پرندڙ انساني احساسن جو اظهار ڪندڙ انسان تي پوندڙ، نوس نوس ڪري سنگهندڙ، بوءِ گهوريندڙ، پيڇيو ڪندڙ ۽ بوءِ مارو —

انسان — بوءِ، انسان بوءِ، ڪري مارو ڪندڙ.

انسان — بوءِ، انسان — بوءِ، شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

جتي انسان رهي ٿو، انسان جيڪو ازل کان آزاد رهيو آهي، پنهنجو خالق پاڻ رهيو آهي. پنهنجن قدرن ۽ نعمتن جو خالق. انهن کي ڏاهيندڙ ۽ ڏاهيندڙ. انسان: ذهن رکندڙ، سوچ مسرت رکندڙ، احساس امنگ رکندڙ. جاکوڙ ڪندڙ. فطرت تي مات ڪري، پنهنجو واپو منڊل اڏيندڙ. انسانيت وارو واپو منڊل. مڙهيل اصولن، نيمن، قاعدن قانونن ۽ نفرتن جي پيچڪڙي ڪندڙ. ناڪاري.

ناڪار: جا انساني اڏاوت ۽ تخليق جي اوسر جو اهم ڳڻ رهي آهي ۽ خاص انساني خصلت ۽ ڳڻ آهي.

هيءَ ويهين صديءَ جي پڇاڙي آهي. هيءَ انساني وسندي ۽ اَن ۾ وسندڙ انسان، ان ۾ پساهه کڻندڙ: ستنس (Scepsis) جو دور، ڪارڻ جي ڦوهڻا، ناڪار جو دور: نظرين کان مڙهيل اصولن، قاعدن قانونن ۽ ورتي ۾ مليل عقيدن کان. انسان جي، انساني سڀاءَ پٽاندڙ، ٻر هن وسنديءَ ۾ اهو ڏوهه آهي. انسان — بوءِ، انسان بوءِ....

انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

جتي به ڪين انسان نظر اچي ٿو، تنهن مٿان لامارو ۽ نس ڪرڻ لاءِ جهٽ.

انساني وسندي، جتي انسان رهي ٿو. انساني سوچ آهي. ستنس آهي، ناڪار آهي، اڻ - مڃتا آهي، نئين چاڻ لاءِ اتساهه آهي، جاڳوڙ آهي. مڙهيل نظرين، مڙهيل واٽن، نيمن، قاعدن قانونن .... کي للڪار آهي، هوڪار آهي، ناڏ آهي، سانيهه ۽ انسان جي ناتي پنهنجي سڀاڻپ لاءِ اظهار لاءِ جاڳوڙ آهي:

انسان — بوءِ، انسان بوءِ....

انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

انسان ۽ انساني گڻن ۽ اهڃاڻن کي ميسارڻ لاءِ، انسانن جي وسندي، جيئرن جاڳندڙ انسانن جي وسندي.

انسان — بوءِ، انسان بوءِ....

انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

انسان مار شڪاري ڪتا: انساني رت جا هيراڪ انساني ذهن، وجود ۽ هستيءَ جا ويري، انسانن کي مارڻ لاءِ هاص سکيا ورتل، تکا، زهريلا ڏند انسان جي وجود ۾ چڪ هڻي چنبڙڻ، رت چوسڻ لاءِ آتا، پياسا.

انسان — بوءِ، انسان بوءِ....

انساني وسنديءَ ۾ انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن:

انسان — بوءِ، انسان ... □

روبوٽ

ڪجهه گهڙيون اڳ: جڏهن گوشت پوست، رت وهندڙ وهڪ ۽ ساڻيڪيءَ وارو انسان هو، حواس ۽ احساس هئس. سوچ ۽ لوچ هيس، امنگن ۽ اتساهن جا ٻريل آتما، سوچيندي، محسوس ڪندي ته: ڪٿي، ڪافڪا جي مسٽر ڪي واري ميٽامورفاسس واري حالت ۾ ته نه وڃي رهيو آهي. پر سرت سنڀاليندي، ان تي ويچاريندي نتيجو ڪڍيائين ته: هيءَ، اها ڪايا پلٽ ڪانه آهي. ڇاڪاڻ ته مسٽر ڪي، جي هڪ ڪيڙي (Insect) ۾ تبديلي، هڪ ساهه واري جي، ٻئي ساهه واري روپ ۾ تبديلي هئي، جنهن جي اپٽار ۾ انساني، مسٽر ڪي جي اندروني سونجهه موجود هئي. جسماني روپ جي تبديليءَ جي باوجود! ۽ سندس ويچار وهڪ جاري هئي، جو هن ان تبديليءَ کي سمجهيو پئي، ويچاريندي (ٻيوسيءَ وچان)، محسوس ڪندي پوڪيو پئي، ٻيوسيءَ وچان....

۽ انهن چند انساني گهڙين جي ويچارو هڪ وري سرت سونجهه ۽ احساس کان پوءِ، ستت ڪايا پلٽ:

روبوٽ (Robot):

پورو هڏائون پڃرو، رڳ جو نهيل؛ تنهن مٿان پلاسٽڪ/ رٻڙ جو ماس چڙهيل، تنتون/ رڳون نياڻون جون جڙيل. دماغ جي سيجالي مان سوچ جي تخليقي صلاحيت، ڪڍ ڪم ٿيل، ان جي جاءِ تي چٽڪ ڪمپيوٽرائيزڊ، سونپيل، ٻريل ۽ سرانجام ڏيندڙ ڪمن جو مشيني سرشتو، روٽين جي ڪم ڪرڻ لاءِ حسابن جي ڪٽ سان. انساني فزيالاجيڪل فنڪشن، مڪينائزڊ فنڪشن ۾ تبديل ٿيل. سواءِ انساني ڳڻن: احساس، امنگن اتساهه، ڪاوڙ، خوشي، جذبن، سرت، انساني موت ـــ جي!

آڱريون، ٻانهون، ٽنگون، ڪرنگهي جي هڏي، مشيني

پرزن ۾ تبديل ٿيل، مشيني انداز ۾ سونپيل ڪم ڪندڙ، وقت ۽ وڇوٽيءَ جي ادراڪ ۽ سرت کانسواءِ مقرر ڪيل، سونپيل نيمن پٺاندڙ، صبح، منجهند، شام ۽ رات جي وجود جي احساس کانسواءِ. روٽين ۾، روبوٽ کي سونپيل ڪم:

صبح: پاڇي آٺ، شيو ڪرڻ، بس ۾ چڙهڻ، آفيس ۾ آڱريون مشيني انداز ۾ هلڻ، منجهند: موٽ، مڪينڪلي ڪپڙا بدلائڻ، ڪاڏو چباڙڻ. شام: رڪ جون ٺهيل آڱريون ٽائيپ جي اکرن تي پوندڙ: ٺڪ-ٺڪ-ٺڪ....

ٻه مشينون گڏ هلندڙ: ٽائيپ رائيٽر ۽ روبوٽ.

صبح لاءِ بيضا آٺ. اکين جا مٽڪا ٽي-ويءَ ۾ کتل هر ڏينهن، هر ڏينهن جهڙو. هر شام، هر شام جهڙي، وقت ۽ وڇوٽيءَ جي سرت ۽ احساس کان خالي. انساني حياتيءَ جي وجود هجڻ کان بي سرتو، اڻ ڄاڻ، چرندڙ، پرندڙ حرڪت ڪندڙ مشيني انسان! □

گيس چيمبر

واريءَ تي اڏيل پٽيون. پٽين تي اڪريل مقدس مذهبي لفظ پٽين تي، پٽين مٿان، پٽين جي چوڌير ۽ پٽين جي اندر مقدس مذهبي نعرا. بنهه پوريءَ ريت، چوڪسيءَ، چالاڪيءَ ۽ هوشياريءَ سان تن پٽين اندر ٺاهيل گيس چيمبر ۽ مقدس مذهبي نعرن ساڻ والاريل، ڦاسايل، پوسانجهندڙ خلق.

هيءَ ويهين صديءَ جي پڇاڙي آهي. پڇاڙيءَ واري ويل. جڏهن انسان ڪهڙو ڪري وهمن کي مات ڪري، ڪائنات ۾ سوڀارو ٿي اڀريو آهي. هر ڏس ۾:
اڳ گهڙيل، جوڙيل مفروضا ۽ گهڙيل ڪس يا رد ڪري چڪو آهي، يا ڦيرائي چڪو آهي.
پر گيس چيمبر ۾ پوريل، جيئري جاڳندي خلق مٿان مڙهيل نظريا، ڏنڊي جي زور- ارهه زورائيءَ سان ٿاڦيل ڪس، ته هينءَ حياتي گذاريو.

Regimentation

گيس چيمبر

واريءَ تي اڏيل پٽيون. ڏکيون پٽيون. پٽين تي اڪريل مقدس مذهبي لفظ. آڳاٽيءَ ٻوليءَ جا. عام جي سمجهه کان مٿانهان. چوڌير ڏاڍيان، وڏي واڪ کوڪاءُ، اچار، ورجاءُ تن لفظن جو.
۽ عام خلق جو ساهه مٺ ۾.
پوست هراس چوڌير پکڙيل. ذهن منجهيل، ساهه منجهندڙ، تنتي چڪتاڻ. لٽل منهن، بي ٻقائيءَ جي اندرين وهڪ. وسوسا: ڇا ٿيندو؟ ڇا ٿيندو؟ نيٺ ڪيستائين؟ ڪو جياپي جو واءُ لڳندو؟ حياتيءَ جي تصور سان، ڇهڪن جي زيپٽ جا اولڙا. ۽ سامهون

پڌل، اگهاڙا انسان.

وڏيون شاهي ڏيک ڏيندڙ پٿيون. جن تي پهرو ڏيندڙ، ورديون پهريل، چوڪس، چتا ٿيل پهريدار. جن جو هنن پٿين کي منهالڻ جو زوريءَ ٺيڪو ڪنيل. ان جائي پائيءَ، خارجي ۽ تاريخي سچائيءَ جي هوندي به ته: اهي پٿيون واريءَ تي اڏيل، نظرياتي پوچي سان، مقدس آسماني ڪتاب جي لفظن جو آڌار ورتل، ۽ انهن لفظن جي ٻاڪار. ذري ذري ٻاڪار. گيس چيمبر ۾ واڙيل خلق جون ستيون منجهائڻ لاءِ، گيس چيمبر ۾ قاتل انساني وجود رکندڙ، حساس حياتيءَ جا پساهه کڻندڙ، وجود جون وايون بتال ڪرڻ، پنهنجي جياپي لاءِ سڪندڙن جي سڪ کي ناس ڪرڻ لاءِ ذهني جبر.

واڙيل خلق: اندر ئي اندر، هر جيئري انسان وانگر، سوچ فڪر، چرڻ لاءِ آس ڪنيل.

هڪ هنڌ گهاٽ ٿيل، پوءِ به هڪ ٻئي کان ايڏو ڏار، جو هڪ ٻئي جي سڌ نه، انت جي ڄاڻ نه.

چٽيءَ چوڪسيءَ جو—

لامارا ڏيندڙ گجهن، نوس نوس ڪندڙ ڪتن جا پاڇولا، چٽڪ وجود سان ٻٽ ٿيل، لڳل، جي نه-

ته به: اهڙو احساس سپاويڪ. جو گيس چيمبر ۾ واڙيل، گهاٽ ٿيل.

دونهاٽ، پوسٽ جي وايو منڊل ۾ چرپر، اندر ۾ آئت جي آس هيٺ:

— ڪجهه ٿيو آهي؟

— گيس چيمبر جي ٻي ڪنڊ ۾.

چپ:

— گوڙ پڌين ٿوا

— ڪجهه ٿي رهيو آهي.

— ڪنهن شي کي ساڙيو ائن.

. چپ ڪر.

هراسيل:

— منهن تي هراس، سانئيڪا ڇهرا، پر اندر ۾ اماڙيون.

— ڪتو آهي.

— لعنت.

— بيشمار

۽ واڙيل خلق جون نور پٺاريون اکيون ڏسندڙ:

۾ اونڌي منهن پڌل انسان، پٺن تي زهڪا ڇهبڪن جا.

ڪيس چيمبر ۾ ڪونهندڙ پرڏيهي آڳاني ٻوليءَ جا مقدس لفظ ۽ پوه سانت. سانت ۾ منجهندڙ ساهه، مات. دجال گهمي ويو.

مقدس مذهبي لفظن جو ڏاڍيان، وڏي واڪ ورود؛ دجال گهمي رهيو آهي.

زبانون بند. اکيون بند. ڪن بند. زبانن تي ڪلف لڳل اکين تي پٽيون ڪنن ۾ ورجايل شيهو واڙيل. بند ڪيل انسانن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ. بي بقائي / بي يقينيءَ جي ڪيفيت. ويساهه گهاتيءَ جو چٽو احساس. ويساهه گهاتي ٿيل، نظرياتي حفاظت جي نالي ۾ مقدس لفظن جي آڙ ۾.

سرهات:

— وري ڪجهه ٿيو آهي.

— نيٺ انسان پوريا ويا آهن.

— ڇا انسانن کي ائين ڪپل وقت تائين پوريءَ بند ڪري سگهجي ٿو؟

— هو ڪوڙ ٻڌين ٿو؟

— هيءَ ڪانئون ڀيرو آهي؟

— پر هر ڀيري ناڪام ٿيل.

— نيٺ ته هيءَ ٻات اوندهه ختم ٿيندي.

هن ڪيس چيمبر جي.

— ها، آڪين تي زوريءَ ڇاڙهيل ڪوپا لهندا، زبانن جا ڪلف ڀڄندا ۽ ڪنن مان شيهو.
هو ڀڏ: ڪٿي ڪوڙ ٿي رهيو آهي!

— ڪجهه ٿيڻ وارو آهي.

— اوس ٿيندو.

— ڪڏهن ٻه انسان ڪي اڻين، واڙي، ٻوسٽ ۽، ذهني، جسماني ٻوسٽ ۽ ٻوساٽي نٿو سگهجي.
(سانت)

— ها ٻوساٽي، ٻوساٽي ماري نٿو سگهجي. اهو انساني سڀاءَ جي ابتڙ آهي.

— پر بنيادي سوال آهي: اسانجو ڇا ٿيندو، جيڪي ننڍڙا آهيون ۽ ڪنڌ ۽ واڙيل. ڪُس ڇيمبر جي اهڙي ڪنڌ ۽ جتي ڇري ٻري ٻه نٿو سگهجي.

— الاهه! هتي ساهه ڪٽڻ ڪيڏو ڏکيو آهي!

— هتان نڪرڻ لاءِ، جند آجي ڪرڻ لاءِ ڪا واهه ڳولڻي پوندي. سهي حياتي ماڻڻ لاءِ.□

ماڻڪ: بيرحم، ظالم ۽ قاتل ليکڪ. سنڌي ليکڪن جي ڊگهي قطار کان هٽيل، ڪٽيل ۽ الڳ. جنهن کي سنڌي ادب جا تارا / نيڪيدار ليکڪ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ پڙهندڙ هن کي شوق سان پڙهڻ کان پوءِ ڊگهيون گاريون ڏيندا آهن.

ماڻڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي ئي اهو تہ هو اگهاڙو سچ ٿو پيش ڪري- هن حقيقت تان ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن. آءٌ ڄاڻان ٿو تہ اسان مان گهڻا ان ڳالهہ کي قبول نہ ڪندا. ها، جي چاهين تہ ماڻڪ کي دل کولي گاريون ڏيئي سگهن ٿا؛ پر اهو خيال رکن تہ وڏي وات گاريون ڏيندي گڦون وهائيندي، رڙيون ڪندي، ڪٿي ڇريا نہ ٿيَ پون ۽ ڪپڙا لاَهي رستن تي ڊوڙڻ نہ لڳن. نہ، اسين مهذب ماڻهو آهيون. اسين رڳو منهن ٻُڇڙو ڪنداسين ۽ ماڻڪ کي آهستي آهستي فضيلت سان ٻہ ٽي ڪچيون گاريون ڏيئي ڇڏينداسين. تهذيب ۾ رک رکاءُ، مصلحت پسندي ۽ ٿوري منافقت اڻ ٽر آهي.

انهن ئي ڳالهين کي نون ڪهاڻيڪارن ڦٽي ڪري ڇڏيو آهي- ٿڏي ڇڏيو آهي. روايتن جو ليڪو لنگهي، اگهاڙو سچ پيش ڪندڙ، لڙهندڙ نسل جا ليکڪ، جن ڪڏهن پيغمبر هئڻ جي، سونهين هجڻ جي دعوٰي نہ ڪئي آهي. هو پنهنجي ذهن جو، پنهنجي وجود جو بار لکڻ وسيلي لاهڻ چاهين ٿا. ۽ اهو رڳو هنن جو بار ڪونهي سڄي نئين ٽهيءَ جو بار آهي- نين حالتن جو بار آهي. ماڻڪ هن بار لاهڻ جي، اسان سڀني کي آجي ڪرڻ جي، ڪوشش ڪئي آهي.

شوڪت حسين شورو

حويليءَ جا راز (ڪهاڻيون)

ماڻڪ

روشني

A ROSHNI BOOK
Short Stories
Pakistan Rs. 55.00

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ

ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـنَ پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گـيـتَ بہ ڄـڻ گـوريـلا آهــن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هـو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريـتـيءَ تـي راتـاهـا ڪــن ٿـا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄـڪـلـهہ نـيـلا پـيـلا آهـن؛

گـيـتَ بہ ڄـڻ گـوريـلا آهــن........

... ...

هي بـيـتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَن نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَن سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽلر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)